ماضي جي هڪ عظيم ڪميونسٽ جي حيران ڪندڙ ڪٿا

ضمير جو قيدي



سليم جمالي

ماضي جي هڪ ڪميونسٽ جي حيران ڪندڙ ڪٿا

ضمير جو قيدي

ليکڪ

سليم جمالي

پارڪر پبليڪيشن آڏيگام_ ٿرپارڪر

كتاب جو نالو: ضمير جو قيدي
ليکڪ: سليم جمالي
ڪمپوزنگ: ارجن ڪمار (ڪيڙ شهر)
ڇاپو پهريون: سيپٽمبر 2017ع
لي آئوٽ: مزمل حسين (عون پرنٽرز حيدرآباد)
0307_0353385
ڇپيندڙ: پارڪر پبليڪيشن آڏيگام_ٿرپارڪر

ارپنا

انهن سمورن گمنام

پورهيت انقلابين

جي نانءُ

جن آزادي ۽ انقلاب

جي لاءِ

پنهنجون زندگيون

ارپي ڇڏيون.

فهرست

پبلشر نوٽ

آڏيگام ٿرپارڪر ڪان حيدرآباد آيو هئس، نصابي تعليم حاصل ڪرڻ، پر اوچتو هڪڙي ادبي پروگرام ۾ ڪامريڊ سليم جمالي سان ملاقات ذهن جو سڄو نقشو ئي تبديل ڪري ڇڏيو هو. هي ملاقات نه هئي، صحرائي وجود مٿان شعور جو پهريون وسڪارو هو. هن وسڪاري هڪ خشڪ، محدود ۽ اڃايل ذهن کي سيراب ڪيو هو. آئون، جيڪو پنهنجي ۽ پنهنجي ديس جي بک، اڃ ۽ استحصال جي گهري احساس ڪان اڻ واقف هئس، هن ڪامريڊ چند ڪلاڪن اندر اهو احساس جاڳايو هو ته پنهنجي بک ۽ اڃ جو علاج ڳولڻ بدران پنهنجي ڳوٺ ۽ ساري ديس جي بک، اڃ ۽ استحصال کي مات ڏيڻ لاءِ جستجو ڪرڻ ئي هڪ اعليٰ وقار وارو ڪم آهي. پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي منهنجي هٿن ۾ ترقي پسند شاگردن جي ملڪ گير انقلابي تنظيم ”نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن“ جو جهنڊو اچي ويو هو. آئون اهو ايشور لال نه رهيو هئس، جيڪو صرف مهراڻ يونيورسٽي مان هڪڙو ڪاغذ جو ٽڪڙو وٺڻ لاءِ ڏينهن رات وٺ وٺان ۾ هو. هن ماڻهو مون کي زندگي جا آدرشي پنڌ ڪرڻ سيکاريا.

هتي آئون اها ڳالهه ضرور تحرير ڪندس ته ڪامريڊ سليم سان گڏ حيدرآباد ڪان ويندي لاهور تائين شعوري لاٽ ڪٽي، جيڪي انقلابي پنڌ ڪيا، اهي پنڌ منهنجي ڪيريئر جا انمول پنڌ آهن. هن ”نئين ماڻهو“ سان ويجهو رهڻ ڪري، مون صحرائي ماڻهو گهڻو ڪجهه سکيو

چاڪاڻ تہ ڪامريڊ جي شخصيت جا ڪيترائي پاسا آهن، سو آئون ڪافي فيضياب ٿيس. اڄ تائين استاد سان نينهن جو ناتو برقرار آهي.

هاڻي اچون هن ڪتاب جي ڪهاڻي طرف. دراصل ڪامريڊ سليم سان جڏهن بہ نويڪلائي ۾ يا ڪنهن محفل ۾ ماضي جي ڪميونسٽ تحريڪ تي ڪچهري ٿيندي هئي، تہ اڪثر ڪامريڊ ڄام ساقي جو نالو ذڪر هيٺ ايندو هو. حقيقت پڇيو تہ آئون ٽريو ماڻهو پنهنجي ڏڪاريل خطي جي دليرَ ماڻهو جي ڪيل انقلابي جدوجهد جا قصا ٻڌندي، دل ۾ خوشي محسوس ڪندو هئس، پر ان سان گڏ افسوس بہ ٿيندو هو تہ اڄ ڪلهہ لئيءَ مان لٺ ڀڃي ايندڙ ماڻهن تي ڏڙا ڏڙ ڪتاب اچي رهيا آهن، پر پيڙهيل طبقي جو عظيم پورهيت ڪردار، جنهن پنهنجي زندگي جا 27 سال مسلسل روپوشين، جيل ۽ دل ڏاريندڙ فوجي ٽارچر سيلن ڪي ڏنا، اهو ڪامريڊ ڄام ساقي سڀني کان وسري ويو آهي!!

هن افسوس مون کي اندر ئي اندر ۾ همت بخشي، تہ منافق، بُغض خور ۽ ساڙباز ماڻهن تي ڪا ميار ناهي، پر اسان کيس ياد ڪريون، تہ اهو هڪ تاريخ ساز عمل هوندو. اهڙي ريت ڪامريڊ ڄام جي شاندار سرخ ماضي کان واقف ٿيڻ کان پوءِ هڪ دفعي ڳالهين ئي ڳالهين ۾ مون ڪامريڊ سليم کي چيو تہ "ڪامريڊ! ڄام ساقي سان هزارين ناراضگيون، پر پوءِ بہ ڪامريڊ ڄام مارڪسي ۽ ليننيي انقلابي نظريي جي ڦهلاءُ لاءِ پورهيت عوام سان گڏجي، جيڪا انقلابي جدوجهد ڪئي، اها سرخ تاريخ جو هڪ عظيم باب آهي، جنهن جي وارثي ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن اڄڪلهہ جا پورهيت نوجوان پنهنجي شاندار سرخ ماضي کان واقف ٿين!؟"

ڪامريڊ مختصر جواب ڏنو. "بلڪل صحيح پيا چئو." وڌيڪ ڪونہ ڪڇيو هو.

ڪجهہ مهينن کان پوءِ هڪ ڏينهن ڪامريڊ سليم مون کي ڪامريڊ ڄام سان ملاقات لاءِ تيار ٿيڻ جو چيو. اسان سندس اڇهي ۾ يادگار ملاقات

ڪئي هئي. اڃان هڪ هفتو گذريو هو تہ ڪامريڊ سليم فون تي اها خوشخبري ٻڌائي تہ "مون ڪتاب تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي."

اهڙي ريت اڄ توهان جي هٿن ۾ موجود ڪامريڊ سليم جمالي جو ڪتاب ماضي جي گلدستي مان رهجي ويل سرخ گلاب جي ڪهاڻي آهي، جنهن کي نظرانداز ڪيو ويو هو. هن ڪتاب ۾ صحراءِ ٿر جي انقلابي ڪردار ساٿي سان ملاقات ٿيل آهي، جنهن هڪ دور ۾ اونداهي واديءَ منجهہ ڳاڙهي لالٽين ٻاري هئي. ان سان گڏوگڏ هن ڪتاب ۾ ڪجهہ ڪڙو سچ بہ تحرير ٿيل آهي، جيڪو شايد ڪيترن نڙڪوءِ پيداگير ماڻهن کي برداشت نہ ٿئي، پر ڇا ڪجي تاريخ جي ورقن کي ڪو حاشيءَ نٿو ڏئي سگهي.

بهرحال، اسان دوستن ربيو ٿڪو گڏ ڪري ڪامريڊ سليم جي ادبي پورهئي کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايو آهي، اميد پارڪر پبليڪيشن جو ٻيو ڪتاب توهان دوستن کي پسند ايندو. آخر ۾ آئون حبدار گاڏاهي، ڪامريڊ ارجن ڪمار، ڪامريڊ سارنگ چام، راجا گوويءِ اظهر علي گاڏاهي (ڏوڪري) جو ٿورائتو آهيان، جن هن علمي ڪم ۾ ساٿ ڏنو.

ايشور لال سوجاڻي
آڏيگام ٿرپارڪر
03333897754
20 جون 2017ع

پيش لفظ

سرخ ماضي جو قائل باب

آڪٽوبر 1917ع تي روس ۾ آيل پورهيت انقلاب، دنيا جي تاريخ جو عظيم ترين انقلاب هو. انساني تاريخ ۾ پهريون دفعو پورهيتن هڪ ڊگهي جدوجهد ڪان پوءِ هڪ آدرشي پورهيت رياست قائم ڪري، دنيا جي تاريخ ۾ هڪ اضافي باب تحرير ڪيو هو. هن انقلاب ڪان پوءِ سڀني دنيا جي سماجن ۾ وڏيون اٿلون پٿلون آيون، پيرين اگهاڙا ماڻهو ڳالهائڻ لڳا هئا. بالشويڪ انقلاب، پيرين اگهاڙن ماڻهن کي ڳالهائڻ سيکاريو هو. ايتري تائين جو اهي دنيا جا مڃيل ترين سياستدان، فوجي سربراهه، گوريلا ڪمانڊر، ناول نگار، ڪهاڻيڪار، شاعر، دانشور ۽ آرٽسٽ بڻجي سامهون آيا هئا.

هن انقلاب اهو فرسوده تصور ئي متائي ڇڏيو هو ته ڏاهپ ۽ حڪمراني صرف اميرن جو وکر آهي، عام عوام فقط تماشائي آهن. دنيا ۾ پهريون دفعو هڪ انقلاب ذريعي "نيچ ماڻهو" حڪمران ٿيا هئا، امير ماڻهو عام ماڻهو ٿيا هئا. پورهيت عوام جي عظيم انقلاب جو باريڪ بيني سان مطالعو ڪجي ٿو ته عقل دنگ رهجيو وڃي، ته ڪيئن هيٺين ماڻهن تاريخ ۾ عظيم مثالون قائم ڪيون هيون. اهڙي

مثالي رياست جا جڳ جهان جيان سنڌ وطن تي بہ گهرا اثر پيا هئا. هتي بہ انقلابي چٽنگون ذُڪڻ لڳيون هيون. گهڻ ماڻهن کي خبر آهي تہ ڪامريڊ عبدالقادر ڪوڪر، قادر بخش نظاماڻي، نارائڻ داس بيچر، هري داس لالجي، قاضي مجتبيٰ، حشوءَ ڪيولراماڻي، ڪامريڊ جمال الدين بخاري، پرچو وديارٿي، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، اي ڪي هانگل، ڊاڪٽر هاسارام، موتي واسواڻي، عينشي وديارٿي، گلاب ڀڳواناڻي، جٿرام داس، برڪت علي آزاد، گوبند مالهي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جهڙا انقلابي ڪردار بنيادي ماڻهو هئا، جن مدي خارج وڏيرڪي سنڌي سماج ۾ پورهيت جدوجهد ۽ انقلاب جا ٻج ڇٽيا هئا.

علي احمد بروهي جهڙي ڪاموري ليکڪ بہ پنهنجي ڪتاب ”لاهوتي لڏي ويا“ ۾ ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي تي لکيل پنهنجي مضمون ۾ اهو اعتراف ڪيو هو تہ ”سنڌ ۾ سياسي تحريڪ جو صحيح معنيٰ ۾ سنگ بنياد رکيو ئي ڪميونسٽ پارٽي. هن ڪان اڳ بہ سنڌ ۾ سياست برابر هئي، پر ٺيٺ وڏيرڪي، دوڪو دولاب ۽ پئسي جي راند. ڪجهہ وڏيرا ۽ سيٺ اليڪشن جي موسم ۾ اٿي ڪڙا ٿيندا هئا ۽ پوءِ پيرن جا ڏن پري، ڪائڻ پنهنجي حق ۾ اعلان ڪرائي يا ووٽ خريد ڪري اليڪشن ۾ ڪامياب ٿي اچي اسيمبلي ۾ سهڙندا هئا. پوءِ ٻئي اليڪشن جي سيزن تائين پيا جاوا ڪندا هئا. ٻئي طرف ڪميونسٽن وٽ مقصد ۽ منشور هيو. ورڪرن کي نہ فقط ذهني طور تي سکيا ڏني ٿي ويئي، پر کين پبلڪ سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ ۽ عوام ۾ تقرير ڪرڻ جي تربيت بہ ڏني ويندي هئي. پارٽي جا ورڪر صبح جو مرڪز کان هدايتون حاصل ڪري، ورڪ تي نڪرندا هئا ۽ پوياڙيءَ تائين کين مٿي کنهڻ جي فرصت نہ هوندي هئي. ڪن خاص ڏينهن تي

هو ترقي پسند رسالا ۽ اخبارون وڪڻندا رهندا هئا. جن ۾ نئين دنيا، هاري تحريڪ جي هفتيوار اخبار صداقت سرفهرست هونديون هيون. اخبارون ۽ رسالا وڪڻڻ هر ڪنهن لاءِ وڏو امتحان هوندو هو. تہ هو ڪيتري قدر سرگرم ۽ محنتي آهي.“

هن ڳالهہ جو اعتراف پير علي محمد راشدي جهڙي رجعت پرست سياستدان پنهنجي ڪتاب ”اهي ڏينهن، اهي شينهن“ ۾ پڻ ڪيو آهي. ڪامريڊ عبدالقادر ڪوڪر جي انقلابيت کي شاندار پيٽا ڏيندي پير علي محمد راشدي لکيو هو تہ: ”تنڊي جام جي پاسن ۾ وڏيون وڏيون جاگيرون هونديون هيون، جتي هارين سان ڏاڍو آزار هوندو هو. عبدالقادر وچ ۾ ويٺو جاگيردارن خلاف تحريڪ هلائيندو هو. مسڪين هو. حيدرآباد جا جاگيردار لکاپتي، سنڌ جي سياست تي حاوي، انگريز سرڪار جا حامي، وقت جي ڪامورن جا چاچي ۽ هيڏانهن هٿين خالي هڪ نادر ورڪر. ڪڏهن ريل جو ڪرايو ڪونہ هو ڪڏهن ويلو ويهي رهڻ. جهرڪيءَ ۽ بازن ۾ جهيڙو هو. پر جهرڪي کي جس هو. اوستائين جهٽ جاري رکيائين، جيستائين جاگيرون ختم نہ ٿيون.

رشوتون آڇيائونس، ڪوڙا ڪيس ڪرايائونس، جن هارين جي حقن لاءِ وڙهيو ٿي، خود تن جي هٿان مارڪٽ ڪرائيندا رهيس. ڪامريڊ جو ليبل مڙهي، ڪميونسٽ سڏي، انگريزن کي مٿس ڪاوڙائڻ جي ڪوشش ڪيائون. فتوائون ڪيرايائون تہ مذهب ۾ جاگيرون جائز آهن، انهن کي ڦتائڻ جي ڪوشش ڪندڙ فسادي آهي، فسادي تي الله تعاليٰ جي ڦٽڪار آهي ۽ انهي منطق مطابق عبدالقادر تي خدائي ڦٽڪار وسندي رهي ٿي.

پر عبدالقادر پرواهہ ڪانہ ڪئي، ريل ۾ هجي يا جيل ۾، تن ۾ اها ئي تنوار تہ هارين کي حق ملن، جاگيردار سنڌين مٿان اجائي چٽيءَ آهن.

(ڪتاب: اهي ڏينهن، اهي شينهن، ليکڪ، پير علي محمد راشدي، صفحو نمبر، 454، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، 1980ع)

هتي اسان هن ڳالهہ کان بہ بخوبي واقف هجون تہ هي اهو دور آهي، جڏهن اجا محترم جي ايم سيد صاحب پيرن ۽ سيدن جي انجمن، خلافت تحريڪ، خاڪسار تحريڪ، مسجد منزل گاهہ ڪاميٽي ۽ مسلم ليگ جهڙن رجعت پرست تحريڪن جو حصو هو. ان وقت ڪامريڊ عبدالقادر کوکر، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي ۽ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جهڙا انقلابي سنڌ جي انقلابي سجاڳ هئا، جدوجهد جي ميدان ۾ هئا، سنڌي سماج جون ترقي پسند روين تحت بنياد رکي رهيا هئا. اندازو لڳايو تہ 1946ع ۾ ڪامريڊ سوڀي ۽ سندس ساٿين نيوي جي بغاوت سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملهائڻ لاءِ پوري ڪراچي کي بند ڪرائي ڇڏيو هو. ڪامريڊ سوڀي پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو هو تہ: ”انهي ڏينهن اسان ڪراچي جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو سياسي جلسو بہ ڪيو هو. هن جلسي کان پوءِ هڪ ڪانگريسي ليڊر سوامي ڪرشنانند چيو هو تہ ”بابا! اوهان ڪميونسٽ ايڏو وڏو گروپ تہ نہ آهيو. مزدورن ۾ تقريرون وغيره ڪندا آهيو پر هن وقت سنڌ ۾ نيشنل فورس فقط توهان ئي آهيو. توهان اسان کي تہ بلڪل لُٽي ويا.“ ڪامريڊ موجب، ”جڏهن هڪ مذهبي جنون واري فضا هئي، تڏهن مٿين ليول تي هڪ انٽليڪچوئل تحريڪ هئاسين، بيو وري اسان ورڪنگ ڪلاس ۾ هئاسون. ڀهراڙي ۾ هاري ڪميٽي جو اثر

رسوخ هو.“

(ماهوار هزار داستان (جنوري 1991ع)، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي جو انٽرويو)

ڪو پرمتڙيو يا منافق ڀلي نہ مڃي، پر اها حقيقت تاريخ جي صفحن تي تحرير ٿيل آهي تہ جڏهن سنڌو جي ڪنارن تي هر طرف ڏهڪاءُ، ڦرلٽ ۽ ننڌڻڪائپ جو عالم هو، اهڙي هيسايل، بيمار ۽ گونگي سماج ۾ ڪميونسٽ ئي هئا، جيڪي وڏيرن، پيرن، سردارن ۽ سامراج جي سامهون ٿيا هئا. هنن جي ڪرنگهي جي هڏي جهڪڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. ڪيڏي وڏي ڳالهہ آهي تہ سن 1940ع واري ڏهاڪي ۾ ڪامريڊ حشوءَ پنهنجي دوست نسيم تلوي سان گڏجي انگريز سامراج جي خلاف پوسٽر ڪڍيو هو جنهن ۾ هندستان جي نقشي مٿان هڪ هٿياربند فوج کي پيش قدمي ڪندي ڏيکاريل هو ۽ هيٺ لکيل هو Stop this march of Imperialism.

ان پوسٽر ڪڍڻ جي ڏوهہ ۾ انگريز سرڪار ڪامريڊ حشوءَ کي ٻہ سال قيد جي سزا ڏني هئي ۽ ڪامريڊ حشوءَ قيد کي بهادري سان ڀوڳيو هو. شيخ اياز جهڙي خود غرض ماڻهو پنهنجي ڪتاب ”ساهيوال جيل جي ڊائري“ ۾ اعتراف ڪيو آهي تہ: ”حشوءَ اسان کي ڪميونزم ۽ سوشلزم تي ليڪچر ڏيندو هو. مارڪس، لينن، اينگلز، اسٽالن، ٽراٽسڪي، پليخانوف، فيورباخ، روزا لڪسمبرگ، ڪارل ليبنڪ وغيره ڪيئي انقلابي تاريخ مان نالا اسان جي ڪنن تي گونجندا هيا ۽ هو اسان کي انهن جي نظرين کان واقفيت ڪرائيندو هو.“

(ڏسو ڪتاب: ساهيوال جيل جي ڊائري، ليکڪ، شيخ اياز صفحو 162، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1986ع)

اهڙي ريت گهر تي ويل ورقن کي ڳولجي ته پتو پوي ٿو ته 1930ع کان 1947ع تائين سنڌ وطن ۾ ڪميونسٽ فڪر کان متاثر اهي انقلابي نوجوان ئي هئا. جن سامراجي آشيرواد سان هندستان ۾ پکڙيل مذهبي نفرت جو مقابلو ڪيو هو ۽ وڏيرڪي ۽ سامراجي راڄ خلاف مزاحمت ڪئي هئي. اوچتو ورهاڱي جي صورت ۾ برصغير جي ڪُک ۾ خنجر هنيو ويو. سڄو ديس رت ۾ لڙڪن ۾ ٻڏي ويو هو. هندستان جو ورهاڱو صرف سرحدن جو ورهاڱو ڪونه هو پر امڙن کان پنهنجا لختِ جگر ڌار ڪيا ويا هئا. تڏهن ته پکين جهڙو روح رکندڙ جيجي امرتا پريتم سڄي ڄمار روئندي رهي.

انگريز سامراج جي شاطر چال ذريعي ٿيل ورهاڱي جي خوني طوفان. پوري هندستان کي برباد ڪري ڇڏيو هو. هر شيءِ ڀسم ٿي چڪي هئي. سرخ سويرن ڏانهن هلڻ وارا اڪثر انقلابي به رت ۽ لڙڪن جي درياهه ۾ لڙهي، نون ڪنارن تي پهچي ويا هئا. سرخ انقلاب جا تحرير ٿيندڙ انمول باب رڪجي چڪا هئا. اهڙي ڏکوئيندڙ صورتحال کان پوءِ ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جي 28 فيبروري کان 6 مارچ 1948ع تي ٻي پارٽي ڪانگريس ڪلڪته ۾ ٿي هئي. هن ڪانگريس ۾ هڪ قرارداد ذريعي ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو ۽ پارٽي ورهاڱي کان پوءِ 8 مارچ تي پاڪستان جي مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ ۽ مستقبل ۾ پاڪستان وچي انقلابي سرگرميون ڪندڙ ڪامريڊس جو اجلاس سڏايو ويو هو. هن ئي اجلاس ۾ پارٽي جي ڪم ڪرڻ جو مڪمل طريقو ۽ دستور مرتب ڪيو ويو هو. ان سان گڏ وگڏ پهرين سينٽرل ڪميٽي جوڙي وئي ۽ سڀني ميمبرن جي متفق راءِ سان هڪ مارڪسوادي دانشور ڪامريڊ

سجاد ظهير کي پارٽي جو پهريون سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو هو. تنهن ڪري ڪميونسٽ پارٽي جي هن ئي اجلاس کي ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي پهرين ڪانگريس جو نالو ڏنو ويو هو.

هتي اها به ڳالهه ٻڌائيندو هلان ته ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي پهرين ڪانگريس دوران جوڙيل پارٽي جي بنيادي دستاويز ۾ 1947ع جي آزادي کي جڙتو آزادي قرار ڏيندي لکيو هو ته: "برطانيه جو تسلط ختم ناهي ٿيو، بلڪ هن جي شڪل تبديل ٿي آهي. بورجوازي، جيڪو ڪنهن قدر اقتدار کان ٻاهر هو، ان کي رياستي اقتدار ۾ حصو ڏنو ويو ته جيئن قومي تحريڪِ آزادي کي ختم ڪيو وڃي. تنهنڪري سامراج جي ٺهيل بورجوازي جاگيردار اتحاد کي دفن ڪري، مزدورن، هارين ۽ زرعي مزدورن جي اتحاد سان عوامي جمهوري انقلاب برپا ڪرڻو آهي."

(ڪتاب: ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي تاريخ، ليکڪ: ڪامريڊ امام علي نازش، صفحو نمبر 23، سال 2012ع)

اهو ئي بنيادي سبب هو جو اول ڏينهن کان پاڪستان ۾ اقتدار تي قابض پورهيت دشمن سرمائيدار ۽ جاگيردار ٽولي رجعت پرست مذهبي طبقن سان ملي ڪري، ڪميونسٽ پارٽي جي رستا روڪ ڪئي هئي، ته جيئن پورهيتن جي پارٽي پيرين اگهاڙن ماڻهن کي سجاڳ نه ڪري سگهي ۽ ملڪ ۾ برقرار معاشي ڍانچي ۾ ڪنهن به قسم جي تبديلي نه اچي سگهي، پر ان جي باوجود ڪميونسٽ ڪامريڊن وڏي جفاڪشي سان رياستي دٻاءُ ۽ جبر جو مقابلو ڪيو ۽ پارٽي هڪ متحرڪ قوت بڻجي سامهون آئي هئي. انهي حوالي کان ڪميونسٽ پارٽي جي سرگرم اڳواڻن ڪامريڊ سجاد ظهير، مرزا

اشفاق بيگ، دادا فيروز الدين منصور، ڪامريڊ سوڀو گيانچندااڻي، ايرڪ سپرين، محمد حسين عطا، مرزا ابراهيم، سيد سبط حسن ۽ ٻين انيڪ گمنام ڪامريڊس جي ڪاوشن کي ڪڏهن بہ وساري نٿو سگهجي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اهي شروعاتي انقلابي ماڻهو هئا، جن ملڪي سطح تي سامراج ۽ مسلم ليگ جهڙن رجعت پرست سياسي جماعتن جي عوام دشمن پاليسين ۽ عملن خلاف ڀرپور جدوجهد ڪئي ۽ قربانين جو هڪ داستان تحرير ڪري، سرخ پرچم کي بلند رکيو هو.

سرخ پرچم کي بلند ڏسي، 1950ع جي آخر ۾ سامراج جي خاص چاڙتن اهو فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ ڪهڙي بہ صورت ۾ ملڪ ۾ تيزي سان منظم ٿيندڙ ڪميونسٽ پارٽي کي مڪمل طور ختم ڪيو وڃي. آخرڪار 9 مارچ 1951ع تي فوج ۾ موجود روشن خيال فوجي آفيسرن کي بغاوت جي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو ۽ موقف اهو اپنايو ويو هو تہ فوج ۾ موجود ڪجهہ فوجي آفيسر ڪميونسٽ پارٽي جي رهنمائن ۽ ڪارڪنن سان ملي، حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جو پلان تيار ڪري رهيا هئا. هن بغاوت ڪيس تحت پوري ملڪ ۾ ڪميونسٽ اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ ترقي پسند اديبن کي گرفتار ڪيو ويو. ڪن خلاف وارنٽ جاري ڪيا ويا ۽ آخر ۾ "راولپنڊي سازش ڪيس" جي نالي سان يارنهن فوجي آفيسرن ۽ چار سول ماڻهن تي ڪيس هلايو ويو. جن ۾ ميجر جنرل اڪبر خان، ميجر جنرل نديم، ايئر ڪموڊور محمد خان جنجوعہ، بريگيڊيئر محمد صديق، بريگيڊيئر لطيف خان، ليفٽيننٽ ڪرنل ضياءِ الدين، ڪرنل ارباب نياز محمد، ميجر اسحاق محمد، ميجر حسن خان، ڪيپٽن ظفر الله

پوشي، ڪيپٽن خضر حيات. ڪامريڊ سجاد ظهير (سيڪريٽري جنرل ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان)، محمد حسين عطا (ميمبر سينٽرل ڪميٽي ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان)، فيض احمد فيض (ترقي پسند شاعر) ۽ بيگم نسيم اڪبر شامل هئا. واضح رهي تہ ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي عهديدارن ۽ همدردن تي بغاوت جو ڪيس داخل ڪرائي، ان وقت جو ڪٺ پتلي وزير اعظم لياقت علي خان سويت يونين جو مقرر سرڪاري دورو منسوخ ڪري، آمريڪا جي دوري تي هليو ويو هو.

ڪميونسٽ پارٽي جي مرڪزي قيادت کي بغاوت جي ڪيس ۾ قابو ڪرڻ کان پوءِ بہ پارٽي ۽ ان سان تعلق رکندڙ ٽريڊ يونين جي تيز سرگرمين کي ڏسي، پاڪستان جي حڪومت ملڪ جي بقا جي نالي ۾ 25 جولاءِ 1954ع تي ڪميونسٽ پارٽي تي پابندي لاڳو ڪري ڇڏي هئي. اهڙي طرح ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان هن ملڪ جي پهرين سياسي تنظيم آهي، جنهن جي مرڪزي قيادت تي بغاوت جو ڪيس داخل ڪيو ويو. بعد ۾ سرڪاري طور پوري پارٽي تي پابندي لاڳو ڪئي ويئي هئي.

پارٽي تي جبري رياستي پابندي ۽ رياستي تشدد سبب ڪميونسٽ پارٽي کي تمام وڏو نقصان پهتو. پارٽي ۾ موجود وچولو ۽ دانشور طبقو خوف ۽ موقعي پرستي جو شڪار ٿي ويو. ان جي باوجود پارٽي اندر موجود چند فولادي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سرخ پرچم کي بلند رکيو. رياستي جبر ۽ دانشور طبقي جي موقعي پرستي وارن رجحانن سبب پارٽي جي فولادي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن زير زمين ڪم ڪرڻ کي ترجيح ڏني هئي، اهڙي ريت ڪميونسٽ پارٽي ۽ سندس

همدرد تنظيمون حڪمران طبقي جي لاءِ اک جو ڪنڊو رهيون. هن ئي عرصي ۾ ڪامريڊ حسن ناصر، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، ڪامريڊ عبدالسلام اوڪاڙوي، ڪامريڊ عزيز سلام بخاري، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، پيڪر نقوي، ڪامريڊ شرف علي، حميد اختر، مرزا ابراهيم، سيد رشيد احمد شاهه، ميجر اسحاق، شميم واسطي، رڪن الدين قاسمي، ڪامريڊ رئيس بروهي، عبدالخالق آزاد، ڊاڪٽر اعزاز نذير، چاچا مولا بخش خاصخيلي، مولوي نذير حسين جتوئي ۽ انيس هاشمي جهڙن سرخ ڪردارن بنا ڪنهن خوف، لالچ، هيڇ ۽ شوبازي جي، عمل جي ميدان ۾ بيٺل رهيا. هنن ڪامريڊن هڪ ناهموار سماج ۾ اهڙيون مثالون قائم ڪيون هيون، جو سندن ڪٽر مخالف به سندن سچائي ۽ ديانتداري کي قبول ڪرڻ لڳا هئا.

ماضي جي هڪ سرخ ڪردار نديم اختر پنهنجي هڪڙي تحرير ۾ هڪڙو دلچسپ ۽ شاندار قصو لکيو هو ته ايوب شاهي جي دور ۾ حيدرآباد ۾ هڪڙي مولوي زاهد مرحوم جي زاهد پريس هوندي هئي. اسان جڏهن به ويندا هئاسين ته اڪثر چوندو هو ته: ”ڪميونسٽ هوتي بهت خراب هين، ليڪن ڪمبخت بي ايمان نهين هوتي.“ سو هڪ طرف سرخ سپاهي هڪ اهڙي دور ۾ اميد بڻيا هئا، جڏهن ماٺهن رياستي ڏهڪاءُ سبب اميدون رکڻ ڇڏي ڏنيون هيون، ته ٻئي طرف سرخ گلابن لاءِ رياستي دٻاءُ ۽ جبر ايترو عروج تي هو، ايتري قدر جو ايوب شاهي جي مارشل لا دوران صرف ڪميونسٽ سڏائڻ معنيٰ موت کي دعوت ڏيڻ برابر هو. فوجي جنرل ايندي شرط ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري جنرل ڪامريڊ حسن ناصر کي ڪراچي مان ڪنيائي، لاهور جي شاهي قلعي جي بدنام زمانه عقوبت گهرن ۾ بي انتها تشدد

جو نشانو بڻايو ۽ مسلسل تشدد جي نتيجي ۾ 13 نومبر 1960ع تي ڪامريڊ حسن ناصر جام شهادت پيتي. اهڙي طرح ڪامريڊ حسن ناصر پاڪستان ۾ پهريون ڪميونسٽ شهيد آهي، جنهن کي جابر رياست جهڪائي نه سگهي هئي.

ڪامريڊ حسن ناصر جي شهادت کان پوءِ سموري پارٽي وکري ويئي، پارٽي اندر ويٺل دانشور ٽولو بيهر مختلف غير مارڪسي رجحانن جو شڪار ٿي، پنهنجي اصل دڳ کان ڀٽڪجي ويو هو. ان جي باوجود ڪميونسٽ پارٽي سخت رياستي دٻاءُ ۽ جبر ۾ ڪم ته ڪندي رهي، پر پارٽي جو بيهر جوڀن وڏي عرصي کان پوءِ صحراءِ ٿر مان اُٿندڙ پورهيت روح جي صورت ۾ سامهون آيو هو. ڪامريڊ ڄام ساقي اُڄهامي ويل ڪميونسٽ پارٽي کي زندگي بخشي هئي.

ڪامريڊ ڄام ساقي ئي هو جنهن بند ڪمرن تائين محدود ٿي ويل ڪميونسٽ پارٽي کي عوام تائين ڪڍي ويو هو. هو هڪ آئيڊيل ڪميونسٽ ڪردار بڻجي سامهون آيو هو جنهن جي هاڪ ماسڪو، يورپ ۽ آمريڪا تائين پهتي هئي. هن ڪاهوڙي ڪردار ڏکيون روپوشيون، جيل ۽ ٽارچر سيل پوڳي، بربريت ۽ سناٽي واري فضا ۾ انسانيت جي وقار لاءِ ڏکهي ويڙهه ڪئي هئي. هن جي وجود کي وک وک تي چيپاٽيو ويو پر هو وقت جي فرعونن کان ڪونه مڙي سگهيو هو. هو ضدي هو پنهنجي موقف تي اٽل بيٺو رهيو پر اوچتو ئي اوچتو صحرا جيڏو جگر رکندڙ ڪامريڊ ساقي واريءَ جيان وکري ويو ۽ پنهنجي پاڻ لاءِ اوپرو بڻجي ويو. 1990ع واري ڍاڪي ۾ ڪامريڊ ساقي پنهنجي سرخ آدرشن سان بي وفائي ڪري، شاندار ماضي کي تيلي ڏيئي هڪ جاگيردار پارٽي ۾ پناهه ورتي ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي

فولادي ماڻهو گمنامين جي وادين ۾ گم ٿي ويو.

ساقي جو چوڻ، جڏهن سنڌو ڪناري پرهه ڦٽي وارو سرخ خواب به تنظيمي طور وڏوا ٻڌجي، پنهنجي ٻانهن تان چوڙيون لاهي ڇڏيون هيون. لٽل ماسڪو ۽ لٽل ويٽنام ويران ٿي چڪا هئا. ڪيترائي وڏي قد ڪاٺ وارا ماڻهو سڪڙجي فنا ٿي چڪا هئا. اونداهيون ۽ مايوسيون غالب اچي چڪيون هيون، مستقبل تي.

منهنجي خيال ۾ ماضي جي متحرڪ ڪميونسٽ ڪردار انور پيرزادي صاحب پنهنجي هڪڙي مضمون "سنڌ جو سويو" ۾ اها ڳالهه درست لکي هئي ته: "سوڀو کان پوءِ ڄام ساقي هو جنهن ڪميونزم لاءِ عملي جدوجهد جو درس ڏنو هو. جڏهن ٻئي ٻاهر ٿيا، ته پوءِ ڪميونسٽ اتهاس جي ٻوٽي جي جڙ آبياري بند ٿي ويئي." اها ڳالهه بلڪل درست آهي ته ڪي ماڻهو پنهنجي شخصيت ۽ جدوجهد ۾ زمانا هوندا آهن، پر اوچتو سندن ڪک پن ٿي وڃڻ سان، جڻ هڪ پوري دور جو موت هوندو آهي.

خير، ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي عروج ۽ زوال جي ڪهاڻي ڊگهي آهي، پر هتي آئون هن ڳالهه جو ذڪر ڪندس ته، مون ڪڏهن سوچيو ئي نه هو ته هڪ ڏينهن آئون ڪميونسٽ اتهاس جي هڪ وڃائجي ويل شاندار باب کي ڳولي، ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪندس. هن ڪتاب ۾ سرخ انقلاب جي متحرڪ اڳواڻ ڪامريڊ ڄام ساقي جي 27 سالن تي پکڙيل طويل زندگي جي مختصر سرخ ڪٿا تحرير ٿيل آهي. ان سان گڏوگڏ تاريخ جا ڇڙوڇڙ ۽ ڦاٿل چيپٽر به شامل آهن، جن کي پڙهي ڪيترائي چهرا ڊگهي پريشاني ۾ وڪوڙجي ويندا. ڇاڪاڻ ته اهي وڏي عرصي کان قوم کي ڪوڙا قصا

ٻڌائي، وفاداري جي صورت ۾ ڪتيو ڪائي رهيا آهن، پر تاريخ ڏاڍي ڏنگي هوندي آهي.

سو هن ڪتاب ۾ جتي سرخ ماضي جو هڪ شاندار باب تحرير ٿيل آهي، اتي تجسس ڏيندڙ باب بہ موجود آهن. جن کي پڙهي عروج ۽ زوال جي چرڪائيندڙ ڪهاڻي سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي، تہ ڪيئن ماڻهو بلندين تان ڪِرندا آهن ۽ پوءِ پنهنجي ئي ڳري بار ۾ ڏٻجي ويندا آهن. اهڙي ريت هن ڪتاب ۾ عروج، زوال، فخر، ڏک ۽ تجسس جا داستان مدفون آهن، جن کي پڙهي گهڻو ڪجهہ حاصل ڪري سگهجي ٿو. ۽ ها هي ڪتاب ڪامريڊ جام ساقي جي مڪمل ڪٿا ڪونهي. ڪامريڊ جي جيون ۽ جدوجهد جا ڪيترائي پاسا آهن، جيڪي اجا رهيل آهن، پر پوءِ بہ منهنجي خيال ۾ هي ڪتاب سرخ تاريخ جو هڪ ننڍڙو باب ضرور آهي، جنهن کان اڄ جو نوجوان گهڻي ڀاڱي اڻ واقف هو.

بهرحال مون پنهنجي محدود وسيلن تحت هڪڙي سرخ ڪٿا لکي آهي، اميد تہ ڪنهن نہ ڪنهن دوست کي ضرور پسند ايندي. آخر ۾ آئون پنهنجي امڙ جو ٿورائتو آهيان، جنهن مون کي پرسُڪون ماحول ڏنو تہ جيئن آئون صحراءِ ٿر جي هڪ گمنام ٿي ويل سرخ ڪردار ۽ ان سان جڙيل ڪردارن کي تحريري صورت ۾ محفوظ ڪري سگهان.

سليم جمالي

ڪيڙڙ شهر، ضلعو بدين

03332547781

تاريخ، 5 جون 2017ع

سجاڳيءَ، ٻڙڌڪ ۽ ڄام ساقي

”وڏڙن“ جي چال بازين، مڪارين، ويساهه گهاتين ۽ وحشي هٿن سان نهيل ملڪ، چند ئي سالن ۾ فوجي لانگ بوٽن هيٺ اچي ويو. سامراجي آشيرواد سان لانگ بوٽن وارن ۽ سندن چاڙتن ايندي شرط قومن جي هزارين سالن جي تهذيب، تمدن ۽ وسيلن جي لتاڙ ڪنديءَ، رياستي ڏاڍ ۽ دهشت ذريعي قومن مٿان ون يونٽ جو ڪارو قانون لاڳو ڪيو ۽ اسان وارا ”وڏڙا“ ڏسندي ئي رهجي ويا هئا.

هن ڪاري قانون جو سولي سنڌي ۾ مفهوم هو تہ. ڇا سنڌي؟ ڇا بنگالي؟ ڇا بلوچ؟ ڇا پشتون ۽ پنجابي؟؟ بس ”اس پرچم ڪي سائي تلي، هم ايڪ هين.“ هي ذرخيز زمينون، هي سمنڊ، هي ٻيلا، هي معدني وسيلا سڀ پنهنجا آهن، بس ڪيڙيو ۽ کائو. ويچاري سنڌي عوام صدين کان غلام هجڻ ڪري سانگيئڙا، جهانگيئڙا ۽ ماروئڙا ٻڌجي چڪا هئا. ڪين خبر ئي نہ پئي تہ خانبهادر ايوب کهڙيءَ، پير علي محمد شاهہ راشديءَ، قاضي محمد اڪبر، توڳاچي مير محمد نهڙيءَ، آغا بدرالدين دراني، سلطان احمد چانڊيو، نور محمد راهمون، علي اصغر شاهہ شيرازيءَ، پير عالي شاهہ جيلاني، پير غلام رسول شاهہ، سيد غلام حيدر شاهہ، سيد گل محمد شاهہ، سيد ڪرارو شاهہ، سيد خيرو شاهہ، سيد مبارڪ علي شاهہ، سردار سيد محمد علي شاهہ، سيد محمد حسن

شاھ، پير مهدي شاھ جهنڊي وارو مخدوم محمد زمان، سيد نور محمد شاھ، پير صالح شاھ، شاھ نظر حسين شاھ، مير جعفر خان جمالي، عثمان خان ملڪاڻي، روپچند لوهاڻو سنيو مل لوهاڻي، سوائي سنگهه سوڍو رحيم بخش سومرو مير محمد بخش ٽالپر، گُلجي ميگهواڙ مير بنده علي خان ٽالپر، علڻ خان لغاري، عبدالمجيد خان جتوئي، علي نواز خان ڏاريجو مير علي نواز خان ٽالپر، مير علي احمد خان ٽالپر، احمد خان ڀٽو ۽ ٻين سندن وطن وڪڻي ڇڏيو آهي!! انهن اقتداري وڏيرن ڪانسواءِ باقي رهيل ڪنهن ٻه جاگيردار، ڪنهن ٻه وڏيري، ڪنهن ٻه مير، ڪنهن ٻه پير ۽ ڪنهن ٻه مولوي اڳيان اچي وقت جي ڦورو ۽ جابر حڪمرانن سان اک ۾ اک ملائي نہ پڇيو تہ "حاڪمو! اسان هن ملڪ کي اڌڻ لاءِ ڪلهن تي سرون کنيون، زوري سنڌ جي اصل وارثن سنڌي هندن، جن جي وڏڙن سنڌو ڪناري ويد لکيا هئا، کي ماري ڀڄائي ڪڍيو. اڄ توهان، اسان کي مال غنيمت طور مليل ديس جو نقشو مٽائي ڇڏيو آهي؟!"

ڪوبہ "وڏڙو" ڪونہ ڪڇيو. ائين سنڌ لٽبي رهي. ائين محڪوميت، "شرافت" ۽ سودي بازن جي سودي بازي سبب ون يونٽ جي ڪاري قانون جو سيني صوبن کان وڌيڪ اثر سنڌ وطن تي پيو ۽ رياستي ڏاڍ مڙسي ۽ داداگيري ذريعي اٽڪ، ميانوالي، سرگوده، منڊي بهاوالدين، ٽوبا ٽيڪ سنگهه، خانيوال، گجرات، ڊيره اسماعيل خان، پشاور ۽ خبر ناهي ڪٿي ڪٿي جا چوڌري ۽ نسواري خان سنڌ جي زرخيز زمين ۽ معدني وسيلن کي مال غنيمت سمجهي ڀيلاڙ ڪرڻ لڳا، ديره ۽ چڪ ناهي ويهي رهيا. شهرن ۾ فساد ڪرائي خوف ۽ دٻاءُ وارو ماحول ناهي، آڳاٽن سنڌين کي لوڏي ڪڍيو ويو. سرڪاري ۽ خانگي

ادارن ۾ سنڌي ٻولي کي رديءَ جي ٽوڪري حوالي ڪري اردو زبان کي زوري مڙهيو ويو. سنڌي ترقي پسند اديبن، شاعرن ۽ سياستدانن جي تحريرن ۽ تقريرن تي پابندي لاڳو ڪئي وئي، نوڪرين مان سنڌين لاءِ نو ويڪينسي جو بورڊ لٽڪايو ويو. مطلب تہ دهشت، خوف ۽ سودي بازي ذريعي هڪ قديم قوم جي تشخص مٿان وار ڪيو ويو هو. ايڏو وڏو حملو مدد علي پناڻ ۽ ٻيا ڦورو بہ نہ ڪري سگهيا هئا.

اڄ سنڌ ۾ جتي "هماري پياري بهائي" چوڌري ۽ پٺاڻ سوين ايڪڙ زرخيز زمين جا مالڪ بڻجي مڇون وٽي ويٺا آهن، اها زمين ڪين الله سائين ناهي ڏني، اها وردي وارن جون ڪرم نوازيون هيون، اهي انهن جا رکيل سپاهي آهن، جيڪي مقرر مورچن تي ويٺا آهن. سنڌ اڄ بہ ڇانوڻي آهي.

ايوبي آمريت جي دور ۾ ايڏي وڏي يلغار ٿي رهي هئي، ڪو هٿ ڪونہ هو جيڪو روڪي سگهي. ايڏي انڌير نگري جي ڏکهي راڄ ۾ نيٺ هوريان هوريان ٻکي ديري، ٻنديءَ، نبي سر روڊ، نوابشاهہ، سن، جنگشاهي، گولاڙچي، شڪارپور، ٽنڊو، حيدرآباد ۽ ڪراچي سميت سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان آوازون بلند ٿيون، پر هر آواز کي نپوڙيو ٿي ويو. اياز جي هن سِٽ جيان، "سنڌڙي تنهنجو نانءُ ڪنيو جڻ ڪاريهر تي پير پيو."

ان جي باوجود ڪجهہ ڪاهوڙي پنهنجي موقف تي اٽل بيهي رهيا. هنن ۾ لچڪ نہ هئي، هي ڌرتي مان ڦُٽي نڪتل سچا سپاهي هئا ۽ اهي وڏي سر نعرا هڻڻ لڳا هئا تہ، "قومن تي ڌاڙو، نامنظور، نامنظور. ون يونٽ، نامنظور، نامنظور. هاري انقلاب، زنده باد." ڪامريڊ عبد القادر کهڙو، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي،

ڪامريڊ غلام محمد لغاري، قاضي فيض محمد ۽ ڪيترائي گمنام سياسي ڪارڪن سنڌ وطن جي خودمختياري ۽ ظالم راڄ خلاف بغاوت ڪرڻ جا شروعاتي ڪردار هئا. جن ڪنهن به ڌڙڪي، لت، مُڪ، ٺونشي، جيل ۽ ٽارچر سيل جي پرواهه نه ڪندي، پنهنجي زندگي ڏرتي ۽ ڏرتي واسين کي ارپيندي، ون يونٽ جي نالي ۾ قومن جي وجود مٿان ٿيل حملي خلاف سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ پنڌ وڃي ڀرپور نفرت پيدا ڪئي هئي ۽ بعد ۾ قافلو ڏگهو ٿيندو ويو.

آئون هنن خيالن جو آهيان ته ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي سربراهي هيٺ ”سنڌ هاري ڪميٽي“ سنڌ اندر جيڪا سياسي جدوجهد ڪئي، ان جو مثال سنڌ جي تاريخ ۾ نٿو ملي. اڄ سنڌ جو ماڻهو روپيو اڌ باشعور آهي، ته ان باشعوري پٺيان ڪامريڊ عبدالقادر کوکر، قادر بخش نظاماڻي، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جهڙن عظيم ۽ بي داغ پورهيت سياستدانن جو وڏو ڪردار آهي، جن سنڌي سماج اندر پورهيت دوستي ۽ وطن پرستي جا جذبا پوکيا هئا. اهو ئي سبب آهي ته ڪامريڊ حيدر بخش کي ”باباءِ سنڌ“ جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي. ڪامريڊ سنڌ وطن جو پهريون سياسي اڳواڻ آهي، جنهن محڪوم قوم کي جيئي سنڌ جو نعرو ۽ منشور ڏنو هو.

حقيقت پڇيو ته 1945ع کان 1969ع تائين ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي جدوجهد تي نظر ڦيرائجي ٿي ته عقل دنگ رهجيو وڃي، ته هڪ اهڙو دور جڏهن سنڌي قوم کي انتهائي محدود ڪيو ويو هو اهڙي اونداهي ۾ ڪامريڊ علمي، فڪري ۽ عملي جدوجهد جا تاريخ ساز مثال قائم ڪيا هئا. ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪرڻ، ون

يونٽ، پاڙي ۽ زرعي زمين جي مالڪي بابت ڪامريڊ جتوئي جون لکيل تحريرون هڪ تاريخي دستاويز آهن.

اهڙي طرح فوجي ڇانوڻي بڻجي ويل ملڪ ۾ چند حلالي فردن جي جدوجهد جاري هئي. آواز ۽ قلم تي سخت پهرو هو پورو ديس سنڌين، بلوچن ۽ بنگالين لاءِ ممنوع علائقو هو جتي فقط وردي وارا ڳالهائي سگهيا پئي، سول ماڻهو نه. اهڙي ٿڌري ۽ ڀوائتي فضا ۾ سنڌ جي ڪجهه باهمت شاگردن به بيٺل سماج ۾ چرپر پيدا ڪئي، ڪٽي ائين چئجي ته بيٺل پاڻي ۾ پٿر اڇلايو هو. سنڌي شاگردن پهريون پٿر 1955ع ۾ ون يونٽ خلاف هڪ اڌ مظاهرو ڪري اڇلايو هو. پر سنڌ جي هيٺين ۽ وچولي طبقي جا نوجوان تعليم جي ميدان ۾ نه هجڻ برابر هئا. تنهنڪري سنڌي شاگردن جي اها لهر هڪ دم خاموش ٿي ويئي، ڪنهن وڏي چولي جو روپ ڌاري نه سگهي هئي.

البته مسلسل جبر جي راڄ، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ ڪامريڊ غلام محمد لغاري جهڙن ڪامريڊن جو اڏول ثابت قدمي ۽ شيخ اياز ۽ عبدالڪريم "گدائي" جي گيتن هڪ دفعو ٻيهر 1962ع ڌاري چند شاگردن جي من ۾ ڪجهه ڪرڻ جون لهرون پيدا ڪيون. هن دفعي جي سجاڳي جي لهر ۾ اپرو سيرو دم هو. هي لهرون سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن (SNF) جو روپ ڌاري سنڌ جي ڪافي شهرن ۾ سرگوشيون ڪرڻ لڳيون. ون يونٽ خلاف ڪجهه پمفليٽ شايع ٿيا ۽ ديوارن تي چاڪنگ ڪري شاگردن پنهنجي اندر ۾ ٻرندڙ آتش فشان کي ظاهر ڪيو هو. سنڌي شاگرد سياست جي هن لهر کي شاگرد جدوجهد جي ٻي لهر چئي سگهجي ٿو پر هن دفعي به ڪمزور ليڊرشپ سبب ڪو خاص ٻوٽو ٻري نه سگهيو ڪا خاص هلچل پيدا نه ٿي

سگهي، آخرڪار سنڌي شاگردن جي جدوجهد جي ہي لهر بہ پاڻي سان گڏ پاڻي ٿي ويئي.

جيتوڻيڪ هن لهر کان پوءِ سنڌ جي هيٺين ۽ وچولي طبقي مان نڪتل چند شاگرد هر وقت سوچي رهيا هئا، تہ ڪجهہ ڪجي. اهي پنهنجي منهن ون يونٽ خلاف پمفليٽ ورهائيندا هئا. پنهنجي نجي ڪچهرين ۾ ظلم جي راڄ خلاف نفرت جو اظهار ڪرڻ سان گڏ شاگردن منجهہ سجاڳي جون تيز لهرون پيدا ڪرڻ لاءِ بيچين هوندا هئا. انهن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن نوجوانن مان هڪڙو ڏڪاريل ڏيهہ ٿرپارڪر جي انتهائي پوئتي پيل ڳوٺ جنجهي جو شاگرد ڄام جنجهي وڏيڪ متحرڪ هوندو هو. ڏڪاريل ۽ هيسايل ڏيهہ جو هي غريب شاگرد خوف، دٻاءُ ۽ بربريت تي اڏيل هن نظام مان تنگ هو. هو هر وقت مدي خارج نظام کي ٽوڙڻ لاءِ لڇندو رهندو هو. هڪ ڏينهن مديجي ضلعي دادو ۾ وچي، هاري ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪيائين ۽ اتي نبي سر سان تعلق رکندڙ سنڌ وطن جي باضمير آدرشي ڪامريڊ غلام محمد لغاري سان ملاقات ڪيائين ۽ پنهنجي دل جي ڳالهہ ٻڌايائين تہ "سائين! اسين شاگرد جدوجهد ڪرڻ لاءِ تنظيم وغيره ناهڻ گهرون ٿا، ان بابت ڪجهہ صلاح مشورو ڏيو."

ڪامريڊ سان صلاح مشوري کان پوءِ ڄام جنجهي سيپٽمبر 1963ع جي هڪ ڏينهن گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد جي ڇپر تي پنهنجي هم خيال دوستن جي ميٽنگ گهرائي، ان ميٽنگ ۾ هنن دوستن طئہ ڪيو هو تہ "اسان شاگرد هاڻي "حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن" نالي پليٽ فارم تان جدوجهد ڪنداسين، ڇاڪاڻ تہ سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن غير فعال ٿي جهڙوڪ ختم ٿي چڪي آهي." هن

ميٽنگ ۾ اهو بہ فيصلو ٿيو هو تہ جيڪي شاگرد پنهنجي شهرن جي نالي سان، اتي ڪا تنظيم کولي جدوجهد ڪن ٿا، تہ اهو بہ هڪ بهتر قدم هوندو، ڇاڪاڻ تہ ان سان پوري سنڌ ۾ تنظيم جوڙڻ ۾ مدد ملندي.

سنڌي شاگردن جي هن تاريخ ساز ميٽنگ ۾ ڄام جنجهي کان سواءِ اسماعيل اڊيجو، آصف لطيف، بيزن بلوچ، يونس کتري، لطيف سومرو، حبيب خواجہ ۽ ڪجهہ ٻين شاگردن شرڪت ڪئي هئي. ميٽنگ جي پڇاڙي وقت سيني دوستن فيصلو ڪيو، تہ ايندڙ ميٽنگ 10 آڪٽوبر 1963ع تي ٿيندي ۽ فيڊريشن جا عهديدار چونڊيا ويندا. 10 آڪٽوبر تي وري جدوجهد لاءِ بي چين نوجوان گڏ ٿيا ۽ گڏيل راءِ سان يوسف لغاري، جيڪو مسلسل ميٽنگس ۾ غير حاضر هجڻ سان گڏ هن ميٽنگ ۾ بہ غير حاضر هجڻ باوجود ڪيس ڪنوينر ۽ ڄام جنجهي کي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو هو. اهڙي طرح حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي باڊي چونڊي وئي. هتي اها ڳالهہ ڪندو هلان تہ سنڌي شاگرد جدوجهد جي هڪ وڏي سياسي غلطي جو آغاز هن ئي ميٽنگ ۾ ٿيو، تہ مسلسل ميٽنگس ۾ غير حاضر رهندڙ شخص کي فقط انهي ڪري ڪنوينر چونڊيو ويو هو، جو هو ڪامريڊ غلام محمد لغاري جو پاٽيجو آهي. هن مصلحت پسندي سبب اڳتي هلي ڪهڙو نتيجو نڪتو اهي ڳالهيون پاڻ هن مضمون ۾ اڳتي هلي ڪندا سين.

سو خيرن سان باڊي چونڊجڻ کان پوءِ وسيع سياسي فهم ۽ مرڪزي پارٽي جي رهنمائي کان محروم شاگردن جو هي سجاڳ ٽولو ننڍين ننڍين سرگرمين ۾ مصروف هوندو هو. پوءِ ڪڏهن رات جي پهر ۾ خوف واري ماحول ۾ برش کڻي ڀتين تي ايوب شاهي خلاف نعرا لکڻ، اسٽڊي سرڪل هلائڻ ۽ ڪڏهن ڪو جلوس ڪڍي نعري بازي ڪرڻ

وغيره. هڪ دفعي ڪين ڪميونسٽ پارٽي جي اڳواڻ دادا فيروز الدين منصور جو 1953ع ۾ لکيل پمفليٽ هٿ آيو، سو پڙهي ڏاڍو متاثر ٿيا ۽ هنن ان جي روشني ۾ اردو ۽ سنڌي ۾ هڪ پمفليٽ شايع ڪيو جنهن ۾ لکيل هو ته "سنڌي، بلوچي، پشتو پنجابي ۽ بنگالي قومي زبانون آهن، انهن کي تسليم ڪيو وڃي ۽ سرڪاري زبانون بڻايو وڃي."

اهڙي طرح مسلسل جمود جو شڪار معاشري ۾ هي روشن خيال ۽ وطن دوست شاگرد بيٺل پاڻي ۾ ننڍڙيون ننڍڙيون پٿريون هڻي، لهرون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هئا، ته ٻئي طرف پورو ديس فوجي لانگ بوٽن هيٺ هو ۽ ملڪ جي هڪڙي سرڪاري ٽيليويزن ۽ ريڊيو تي مسلسل قومي نغما هلي رهيا هئا، ڇاڪاڻ ته 1965ع جي جنگ شروع ٿي چڪي هئي. هندستان ۽ پاڪستان جي فوجي ٽولي جا هٿ هڪ ٻئي جي ڳچين ۾ هئا. عوام جي پئسي مان ورتل بارود جو بي ڌڙڪ استعمال ٿي رهيو هو.

هن ئي عرصي ۾ ڄام جنجهي ۽ سندس والد صاحب جي وچ ۾ ننڍڙي خانه جنگي شروع ٿي چڪي هئي، سندس والد سائين سچل جنجهي، جيڪو پرائمري استاد هو تنهن جو اصرار هو ته ڄام پنهنجي تعليم طرف ڌيان ڏئي، پر ظلم، ڏاڍ، جبر ۽ استحصال کان نفرت جي چڻنگ کڻي هلندڙ ڄام جي اکين منجهه استحصال کان پاڪ دنيا اڏڻ جو خواب سمايل هو سو هن پنهنجي پيءُ جي ڳالهه کي موٽ نه ڏني، جهڙوڪ هن پنهنجو گهر ڇڏي ڏنو هو. ڄام جي لاءِ معاشي تنگ دستي وارا ڏينهن شروع ٿي چڪا هئا. هو سنگت ساٿ وٽ ويلا ڪاٽي، ڏينهن گذاري رهيو هو پر مسلسل پنهنجي هن اصول تي بيٺل رهيو ته هن مدي خارج نظام کي تبديل ڪجي. هن ئي عرصي ۾ هو مسلسل ايوب شاهي

جي داداگيري ۽ غنڊا راڄ خلاف ڳالهائي رهيو هو. يونيورسٽي ۽ ڪاليجن ۾ ايندڙ شاگردن کي شعور جي سُٽي پياري رهيو هو پر ملڪ ۾ فوجي لانگ بوٽن جي دهشت ۽ جنگ سبب نوجوان هيسيل هو. هيٺين ڪلاس تعليمي ادارن ۾ نہ هجڻ برابر هو وچولي طبقي جي نوجوانن جي ڪجهہ شرح هئي، پر اها پنهنجي اباڻي موقعي پرست سوچ "ڪير ٿو پرائي باهہ ۾ هٿ وجهي" تي قائم هئي.

هڪ ڊگهي وقفي کان پوءِ وري چڙ ويڙ ٿيل وطن دوست شاگرد ٿورو متحرڪ ٿيا ۽ هنن پيهر فيڊريشن جون چونڊون ڪرائڻ ۽ يونين جي چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جو فيصلو ڪيو. هنن ئي ڏينهن ۾ شاگردن هڪ ميٽنگ ۾ اهو فيصلو پڻ ڪيو تہ "فيڊريشن جي ساليانو اجلاس جي صدارت ذوالفقار علي ڀٽي کان ڪرائي وڃي، جيڪو تازو ايوب شاهي سان جهيڙو ڪري سندس ڪابينا کان ڌار ٿيو آهي." عنايت ڪشميري نالي هڪ شاگرد جي هن تجويز کي سيني شاگردن منظور ڪيو ۽ ڄام جنجهي، جيڪو شاعري ڪرڻ سبب پنهنجو تخلص "ساقي" رکي چڪو هو ۽ مهر حسين شاهہ ڪراچي وڃي، ڀٽي صاحب سان مليا. ڀٽو صاحب راضي ٿي ويو ڇاڪاڻ تہ سندس ايوبي آمريت سان شديد اختلاف ٿي پيا هئا، تنهنڪري ڪيس حيدرآباد ۾ جوشيلن نوجوانن جي اسٽيج جي سخت ضرورت هئي، جتي هو پنهنجي سياسي موقف کي عوام تائين جذباتي انداز ۾ پهچائي سگهي. انهي حوالي کان حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن پهرين شاگرد تنظيم هئي، جنهن ڀٽي صاحب کي عوام سان مخاطب ٿيڻ لاءِ زبردست سياسي اسٽيج ڏنو هو. ائين فيڊريشن جي ساليانو تاريخ ساز اجلاس گهرائڻ لاءِ 11 ڊسمبر 1966ع جو ڏينهن

مقرر ڪيو ويو. انهي وچ ۾ شاگردن گڏجي 15 نقطن تي مشتمل مطالبن جو ميمورنڊم، سنڌ يونيورسٽي جي وائس چانسلر حسن علي عبدالرحمان کي پيش پڻ ڪيو هو. وائس چانسلر صاحب مطالبا مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ ٻئي پاسي يونين جون چونڊون وڏي جوش جذبي سان جاري هيون. ساڄي ڌر ۽ کاٻي ڌر جا نوجوان ميدان تي لٿل هئا. ڪٿي ڪٿي هي مقابلو نسلي رنگ پڻ وٺي چڪو هو. اردو ڳالهائيندڙ ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ شاگردن جي وچ ۾ مي مي، تو تو ٻه ٿي هئي. آخرڪار نه هجڻ برابر مالي وسيلن باوجود ترقي پسند شاگردن جي هن ٽولي ڪامريڊ جام ساقي اينڊ ڪمپني بهتر نموني چونڊون کٽيون، سواءِ سٽي ڪاليج حيدرآباد جي يونين جي.

ايستائين 11 ڊسمبر جي تاريخ اچي ويئي. جوشيلن نوجوانن ون يونٽ مخالف نعرن جي گوڙ ۾ پٽي صاحب جو استقبال ڪيو. چيو وڃي ٿو ته جامعه عربيه هاءِ اسڪول جي گرائونڊ ۾ ان وقت پنج هزار کن ماڻهن شرڪت ڪئي هئي. هن ئي جلسي ۾ ڪامريڊ جام ساقي ايوب شاهي کي للڪاريندي، پٽي صاحب سان مخاطب ٿيندي واضح لفظن ۾ چيو هو ته: ”پٽو صاحب! هاڻي پوڙهن درٻارين جي جماعت مسلم ليگ کي ڇڏيو ۽ اچي ون يونٽ جي خلاف تحريڪ هلايو. ته اسين توهان جي پنيان آهيون ۽ ان سان گڏ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي تسليم ڪرائڻ لاءِ ٻه ساٿ ڏيو.“

بقول ڪامريڊ جام ساقي جي ته: ”پٽو صاحب منهنجي هن ڳالهه کان لنوائي ويو ۽ پنهنجي تقرير ۾ وڃي اسرائيل ۽ هندستان تي پهتو.“

سنڌي شاگرد جدوجهد جي تاريخ ۾ تاريخ ساز جلسو ٿيڻ ۽ چونڊون ٿيڻ کان پوءِ ٻه ڪامريڊ جام جي ون يونٽ خلاف جدوجهد

جاري رهي، هو فيڊريشن جي ميٽنگس، سياسي اسٽيجن ۽ نجي ڪچهرين ۾ ون يونٽ خلاف پنهنجو موقف واضح لفظن ۾ رکندو هو. هو ون يونٽ کي قومن جي ڳچي ۾ پيل طوق سمجهندو هو. هو صحراءَ ٿر جو پهريون نوجوان آواز هو جيڪو هر ٽوڪ، هر طنز ۽ هر تڪليف کي نظرانداز ڪندي، ون يونٽ ڪٽر مخالف شخص طور اڀري سامهون آيو هو. هو ان وقت اسپين جي جڳ مشهور ليکڪ پائلو فراري جو هي خيال نوجوان شاگردن کي سمجهائي رهيو هو ته: تعليم، آزادي ۽ سماجي تبديلي جو هڪ رستو آهي، پر نوجوانن جو هڪ گروهه جيڪو مڊل ڪلاسي مکڻ هو، تن کي اها ڳالهه ذهن ۾ ئي نه پئي ويني ته هي بهتر موقعو آهي، چپ خلق کي جاڳائڻ ۽ ايوب شاهي کي لوڏڻ جو. مڊل ڪلاسي شاگردن جي اکين ۾ ڇڻ ڪنهن ڏوڙ وجهي ڇڏي هئي. ڪامريڊ ڄام موجب: "چوندا هئا، اڙي! هي ته ڪو چريو آهي، يونٽ بابت ٿو ڳالهائي. هي هرويرو ون يونٽ ٽوڙيو ۽ سنڌي زبان قومي زبان جا مسئلا کڻيو ٿو اچي، جيڪو نعپ جو مسئلو آهي."

(ڪتاب: "نوجوان ساٿين ڏانهن پيغام"، ليکڪ، ڄام ساقي، صفحو نمبر 10، SNSF پبليڪيشن 1970ع)

شاگردن جي محدود سوچ جي هڪ وجهه هي به هئي ته ڪامريڊ ڄام جنهن جو تعلق نعپ (نيشنل عوامي پارٽي) ۾ سرگرم ڪميونسٽ اڳواڻن سان جڙيل هو ۽ ان کان سواءِ هو ان وقت جي متحرڪ سوشلسٽ اڳواڻ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي سان رابطي ۾ هو تنهنڪري ڪامريڊ ڄام جو شاگرد جدوجهد جي حوالي سان هڪ وسيع انقلابي موقف هو. جڏهن ته ٻيا شاگرد اڳواڻ سياسي شعور کان وانجهيل هئا. نتيجي ۾ ڪيترائي شاگرد اڳواڻ انتها درجي جي محدود

سوچ ۾ جذباتيت جو شڪار ٿي ويا. ايتري تائين جو يونين جون چونڊون کٽڻ کان پوءِ پاڻ کي هوشو هيمون ۽ دولهه دريا خان سمجهڻ لڳا هئا. اڻين ڏسندي ئي ڏسندي شاگرد تحريڪ منجهه ڏارون پئجي ويون. جام گروپ ۽ يوسف لغاري گروپ ٺهي چڪا هئا. جام گروپ جو موقف هو ته شاگرد تحريڪ کي وسيع سياسي موقف اپنائڻ گهرجي، جنهن ۾ ون يونٽ جي مخالفت ڪرڻ، سنڌي سميت سمورين ٻولين جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ، جڏهن ته يوسف لغاري ۽ مسعود نوراني گروپ جو موقف ٽريڊ يونين واري سياست وارو هو يعني شاگردن جي عارضي مسئلن لاءِ جدوجهد ڪرڻ. اها ڳالهه يوسف لغاري گروپ جي متحرڪ اڳواڻ مسعود نوراني صاحب شعور ميگزين (مارچ 1988ع) کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ تسليم ڪئي هئي ته: "ان زماني ۾ مونکي سياست جي گهڻي خبر ڪونه هئي، اسان جي حڪمت عملي هئي ته شاگردن جا مسئلا حل ڪرائجن."

اجان ٻنهي گروپن جا شاگرد مختلف ميٽنگس ۽ ڪچهرين ۾ ٽڪا منا ٿي رهيا هئا ته اوچتو کين خوشخبري ملي، ته انتظاميه سندن موڪليل مطالبن مان ٽي مطالبا تسليم ڪري ورتا آهن. هن خوشخبري هڪ طرف شاگردن منجهه جدوجهد ڪرڻ جو اتساهه پيدا ڪيو ته ٻئي پاسي خوشفهمي جو طوفان برپا ٿي ويو هو ته وري ٽئين پاسي يونيورسٽي جي وائس چانسلر حسن علي عبدالرحمان ۽ ڪمشنر حيدرآباد ڊويزن مسرور حسن خان جي وچ ۾ هلندڙ تڪرار چوٽ چڙهي ويا هئا. هڪ ڏکهي سازش تحت ايوب شاهي جي سرڪاري مشينري جي ٻنهي ڪامورن عوام ۾ پناهه ورتي ۽ نسل پرست سياست جي هڪڙي انتهائي گهٽيا باب جي شروعات ٿي.

بيوروڪريٽ مسرور حسن هڪڙو شاطر موقف اپنايو هو تہ ”يونيورسٽي اندر هلندڙ شاگرد سياست، جيڪا آمر ايوب مخالف سياست آهي، انهي هلچل تي وائس چانسلر جو موقف تڏو آهي ۽ هو تعصبي شخص آهي.“ ان سان گڏوگڏ هن سازشي ڪاموري ان وقت جي اردو ڳالهائيندڙ نسل پرست اڳواڻن نواب مظفر، حافظ مبارڪ علي شاهہ، اسحاق شمي، عثمان ڪينيڊي ۽ ٻين نسل پرست اڳواڻن ذريعي اخبارن ۾ بيان جاري ڪرايا هئا تہ ”حسن علي عبدالرحمان نسل پرست شخص آهي ۽ ڪيس برطرف ڪيو وڃي.“ اردو اخبارن نسل پرستن جا نہ صرف بيان شايع ڪيا، پر نسل پرستي جو مظاهرو ڪندي جنگ ۽ حريت اخبارن باقائده ايڊيٽوريل لکيا هئا. جنهن ڪان پوءِ پروفيسر حسن علي هڪ پريس بيان ذريعي سمورن الزامن ڪي رد ڪندي، وضاحت پيش ڪئي هئي.

وائس چانسلر جي وضاحتي بيان کان پوءِ بہ نسل پرست گروهہ جي بيان بازي جاري رهي، جيڪا هڪ نسلي روپ اختيار ڪري رهي هئي ۽ يونيورسٽي ۽ ڪاليجن ۾ پڙهندڙ شاگردن تي پنهنجو ڇاپ ڇڏي رهي هئي. ڇاڪاڻ تہ يونين جي چونڊن ۾ اردو ڳالهائيندڙ شاگردن کي بري شڪست ملي هئي، ان کان پوءِ ساڻن چند سنڌي ڳالهائيندڙ شاگرد اڳواڻن جو رويو بہ نا مناسب رهيو. تنهن ڪري اهي تيزي سان نسل پرستي جي ڄار ۾ وڪوڙجي ويا هئا. جيتوڻيڪ هن مرحلي تي ڪامريڊ ڄام جو موقف نرم ۽ وسيع سوچ وارو هو. ان جو هڪ مثال هي آهي تہ انٽر ڪاليجيٽ جي باڊي جي چونڊن دوران جڏهن سڀ عهديدار سنڌي ڳالهائيندڙ شاگرد چونڊجي آيا هئا، تڏهن اردو ڳالهائيندڙ شاگردن مطالبو ڪيو هو تہ: ”باڊي ۾ اسان جو گهٽ ۾

گهڻ هڪ عهديدار ڪٺو پوءِ پلي اهو خزانچي، جوائنٽ سيڪريٽري يا سوشل سيڪريٽري هجي، نہ تہ اسين الڳ مهاجر انٽر ڪاليجيٽ باڊي ناهينداسين.“ ان وقت بقول ڪامريڊ جام: ”منهنجو موقف هو تہ ”هڪڙو غير اهم عهدو ڪٺي ڏيون، نہ تہ اهي الڳ ٿي ويندا. جنهن جي نتيجي ۾ شاگرد اتحاد ٽٽندو ۽ ان ڪان سواءِ شاگرد تحريڪ جا هرويرو گهڻا دشمن پيدا ٿي پوندا ۽ تحريڪ جو دائرو محدود ٿيندو پر يارن نہ مڃيو ۽ نيٺ ہہ الڳ باڊيون ٺهيون.“

اهڙي ريت سنڌي شاگرد جدوجهد مان اردو ڳالهائيندڙ شاگردن جي ويڇڻ ڪان پوءِ اردو ڳالهائيندڙ جذباتي شاگرد وائس چانسلر جي مخالفت ۾ اڳيان اچي ويا هئا، تہ ٻئي طرف سنڌي شاگرد وائس چانسلر جي حمايت ۾ وڏي جذبي سان اڳيان آيا ۽ ٻنهي ڌرين جذباتي انداز ۾ بيان بازي جو سلسلو شروع ڪري ڏنو هو. فيبروري 1967ع جي آخري هفتي ۾ جڏهن خبر پئي تہ پروفيسر حسن علي جي بدلي ٿي ويئي آهي، تہ هنن افواهن گرم رت رکندڙ جذباتي سنڌي شاگردن منجهہ وڏيڪ جوش پيدا ڪيو ايستائين جو پهرين مارچ جي ڏينهن ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو هو. يوسف لغاري ٽولي جي اهم شاگرد اڳواڻ مسعود نوراني، چار مارچ جي حوالي سان ڇپيل هڪ ڪتاب، ”چار مارچ ۽ سنڌي جوڌا“ ۾ پنهنجي هڪ مضمون اندر هن حقيقت جو اقرار ڪيو آهي تہ: ”28 فيبروري 1967ع تي ”آل سنڌ ڪنوينشن“ جي پروگرام ڪرائڻ لاءِ سچل ڪاليج ۾ هڪ گهرايل ميٽنگ ۾ ويٺا هئاسين، تہ مٿان يوسف لغاري صاحب آيو. ڇهري تي پگهر جون بوندون چمڪي رهيون هيون ۽ نڪ جون ناسون تيزي سان سُسي ۽ ڦنڊجي رهيون هيون: ”هاڻي هتي ويهي ڪهڙا ڦاڙها مارينداو؟؟

حسن علي وچي پيو اوهان پلي پوءِ ڪنوينشنون سڏائيندا وتو. مسرور حسن کي سبق ڏيڻ لاءِ سياڻي کان يونيورسٽي ۾ اسٽرائيڪ ڪرائي رهيو آهيان. مون کي اوهان جو ساٿ کپي، ساٿ ڏيندؤ يا نه؟؟“

مسعود نوراني موجب: ”ميٽنگ ۾ ويٺل سيئي شاگرد اسٽرائيڪ واري ڳالهه تي هڪ ٻئي ڏانهن ڏسڻ لڳا. سيني کي جهڙو نانگ سونگهي ويو هو. نيٺ مون هائوڪاري ۾ جواب ڏنو ۽ چيو: ”اسان جو توسان مڪمل ساٿ آهي، البت هڪ اڌ ڏينهن جي مهلت ڏي، ته جيئن اسين جنرل بادي سڏائي پنهنجي ساٿين کي هم خيال بڻائي ونون.“ مون مجيب ڏانهن نهاريو جنهن ڪنڌ ڌوڻي، رضامندي ظاهر ڪئي هئي.

”ته پوءِ ٺيڪ آهي. اوهان ساٿ ڏيندو ته مهرباني، نه ڏيندو ته آئون اڪيلو ڪمشنر لاءِ ڪوڙ آهيان.“

(ڪتاب: ”چار مارچ ۽ سنڌي جوڌا“، مسعود نوراني جو مضمون، صفحو نمبر 89 کان 90 تائين، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1978ع)

مسعود نوراني صاحب جي مضمون جو مٿيون پيراگراف پڙهڻ کان پوءِ ائين محسوس ٿو ٿئي ته وائس چانسلر جي بدلي جي اشو کي اڪيلي يوسف لغاري، جيڪو يونين جو صدر هو پنهنجي انا جو مسئلو سمجهيو ۽ هن يونيورسٽي ۽ پرپاسي جي ڪاليجن ۾ گوڙ ڪرڻ چاهيو پئي. مسعود نوراني پنهنجي مضمون ۾ وڌيڪ لکي ٿو ته: ”ٻئي ڏينهن (پهرين مارچ) انجنيئرنگ ڪاليج ۾ ڳوٺن سان تعلق رکندڙ ڊگها، قداور ۽ مضبوط ڌونرن وارن سنڌين، وڏين وڏين خنجرن جيان شهپرن وارا کهرا ۽ نج سنڌين (اندازو لڳايو ته موصوف کي سنڌين جون ڪهڙيون خاصيتون پسند هيون.) جي ميٽنگ گهرائي،

ڪيترائي جوڌا موجود هئا ۽ مون جوشيلي تقرير ڪندي چيو: "ساٿيو! ڏاتنا اڇلائي، تلوارون کڻو. ڪتاب اڇلائي، بندوقون کڻو ڇو تہ طاقت بندوق جي نالي مان نڪرندي آهي."

هي لفظ ڪير پيو چوي؟! انجنيئرنگ ڪاليج حيدرآباد جي يونين جو جنرل سيڪريٽري مسعود نوراني صاحب پيو چوي، تہ هي وقت ڪتاب کڻڻ جو ناهي، هي وقت بندوق کڻي وڙهڻ جو آهي. آئون وڏي عرصي کان سنڌي شاگرد سياست ۾ تشدد واري عنصر جو بنياد رکندڙن جي پنيان هئس، نيٺ فسادين کي پڪڙي ورتو. هي اهو دور آهي، جڏهن ايڪڙ ٻيڪڙ سنڌين ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ اچڻ شروع ڪيو هو. انهن ٻهراڙي جي سنڌين جو برين واش ڪري، کين هڪ فضول ويڙهہ لاءِ تيار ڪيو پئي ويو تہ ڪتاب اڇلائي، بندوقون کڻو ۽ وائس چانسلر کي بچايو.

هتي مون "فضول ويڙهہ" وارو لفظ انهي ڪري استعمال ڪيو آهي، تہ اها ڳالهہ هر عام فهم کي آساني سان سمجهہ ۾ اچي سگهي ٿي تہ ٻولي ۽ ڌرتي دشمن آمر ايوب خان جي ڦهري دور ۾ ڪو شخص ايوب شاهي جي آشيرواد کان سواءِ يونيورسٽي جو وائس چانسلر مقرر ٿي سگهيو پئي؟ اها ڳالهہ ان وقت جي جذباتي نوجوانن کي سمجهہ ۾ نہ آئي هئي، اهي بيورو ڪريسي جي هن شاطر چال کي سمجهي نہ سگهيا هئا. بعد ۾ کين احساس ٿين تہ وائس چانسلر بيورو ڪريسي جو ماڻهو هو ۽ بيورو ڪريسي سان گڏ رهڻ پسند ڪيائين.

مسعود نوراني صاحب پنهنجي مضمون ۾ اڳتي لکي ٿو تہ: "منهنجي تقرير باهہ تي پيٽرول جو ڪم ڪيو ۽ اسين هڪ واچوڙي وانگر سائنس فيڪلٽي ڏانهن روانا ٿياسين. اتي پهتاسين تہ

معلوم ٿيو تہ ڪلاس هلي رهيا آهن. رشيد احمد ميمڻ، جيڪو هڪ انتهائي خطرناڪ ڪارڪن هو (مطلب تہ 4 مارچ جي "جوڏن" خطرناڪ ڪارڪن بہ تيار ڪيا هئا.)، تنهن ڪلاس هلندي ڏسي ايڊيون تہ رانياتون ڪيون، جو ڪيترائي غير سنڌي شاگرد ڊپ مان ڪلاسن مان ٻاهر نڪري آيا ۽ رڙيون ڪرڻ لڳا. ڪجهہ شاگردن ڪلاسن مان ٻاهر نڪرڻ تي مزاحمت ڪئي، تہ رشيد ميمڻ، آغا زاهد، مسعود پيرزادو، رياض خميساڻي، چانگو مل، سليم سنجراڻي ۽ سڪندر پناڻ انهن تي بکايل بگهڙن وانگي ٽُٽي پيا. ان کان اڳ، جو هو انهن شاگردن کي چيري ڦاڙي اڇلائي ڇڏين، ڪن ٿڌي طبيعت جي شاگردن وچ ۾ پئي، مزاحمت ڪندڙ شاگردن جي جان بچائي. شاگردياڻيون وڏيون رڙيون ڪنديون رهيون.

اجان فزڪس ڊپارٽمينٽ ۾ ڪلاس هلي رهيا هئا، تہ مون جلوس جو رخ ڪيميسٽري ڊپارٽمينٽ ڏانهن موڙي ڇڏيو. جتي ڪلاس هلي رهيا هئا. ڪلاس ۾ سئو سيڪڙو نيم سنڌي ويٺا هئا. مون ڪلاس ۾ گهڙي مختصر تقرير ڪري، شاگردن کي ٻاهر نڪرڻ لاءِ چيو پر انهن انڪار ڪيو. اوچتو هڪڙي هيبت ناڪ رانيات ٿيو. رشيد ميمڻ چريو ٿي چڪو هو. ائين ٿي لڳو جڻ ڪلاس ۾ ڪو بدروح گهڙي آيو هجي. سيڪنڊن ۾ ڪلاس خالي ٿي ويو پر ۾ تجربيگاهہ (ليبارٽري) هئي، آغا زاهد، سليم سنجراڻي، رياض خميساڻي ۽ انور ميمڻ ان تجربيگاهہ ۾ گهڙندا ڏٺا ويا. ٿوري دير کان پوءِ فلاسڪن، بيرڪن، پيپٽن ۽ بوتلن جي ڀڃڻ جو آواز اچڻ لڳو. (يعني "جوڌا" ليبارٽري جو سامان (Equipments) ٽوڙي رهيا هئا). مطلب تہ اسان سچي نيو ڪئمپس ۾ اسٽرائيڪ ڪرائي ڇڏي هئي."

هتي اها ڳالھ ٻڌائيندو هلان تہ پهرين مارچ 1967ع تي زوري ڪرايل بائيڪاٽ ڪان پوءِ بائيڪاٽ ڪلچر سنڌي شاگرد سياست جو بهترين ڪلچر بڻجي ويو. هي ڪڏو فعل 2014ع تائين وڏي جوش ۽ جذبي سان هليو. جڏهن بہ ڪو "ڪامريڊ صاحب" ڪاوڙيو هو، تہ اهو پهرين ڪلاس بند ڪرائيندو هو. هن ڪلچر سنڌي شاگرد سياست ۽ تعليم جا جيڪي ترا ڪڍيا، انهي جو ذڪر ڪنهن ٻئي پيري.

خير، پاڻ ڳالھ پئي ڪئي تہ جڏهن سنڌي شاگردن جي هڪ ٽولي يعني يوسف لغاري ۽ مسعود نوراني گروپ کي خبر پئي تہ وائس چانسلر جي بدلي ٿي چڪي آهي، تہ هنن پهرين مارچ تي زوري ڪلاس بند ڪرايا. ڪلاس بند ڪرائڻ، اردو ڳالهائيندڙ شاگردن کي موچڙا هڻڻ ۽ ليبارٽري جو سامان (Equipments) ٽوڙڻ کانسواءِ "سنڌي جوڌن" ٻيا کهڙا ڪارنامہ پهرين مارچ تي سرانجام ڏنا، انهن کي ڄاڻڻ انتهائي ضروري آهي، تہ جيئن تاريخ جو حصو ٿي وڃن.

سو 4 مارچ جو جوڌو مسعود نوراني صاحب پهرين مارچ 1967ع تي سرانجام ڏنل عظيم ڪارنامن بابت فخر سان پنهنجي مضمون ۾ ذڪر ڪندي اڳتي لکي ٿو تہ: "هوڏانهن شهر ۾ يوسف لغاري پنيٽ ٻاري ڏنا. شاگرد ٻن بسن تي چڙهي، پهرين ون يونٽ بلڊنگ ڏانهن ويا ۽ ڪمشنر خلاف فلڪ شگاف نعرا هڻندي، موٽي اولڊ ڪئمپس ۾ پروفيسر حسن علي جي اڳيان اچي بيٺا. پروفيسر جي منهن ۾ گهنج ڪجھ وڏي ويا هئا، سندس اکين مان تشويش ظاهر ٿي رهي هئي، ڪيس اهو يقين نہ هو تہ اهي نعري باز شاگرد هڪ ڏينهن ڪيس يونيورسٽي ۾ واپس وٺي ايندا. پروفيسر ڳالهايو تہ "مون کي ڪير بہ هتان نٿو ڪڍي سگهي، ڇو ڇريا ٿيا آهيو. آئون پنهنجي مرضي سان

وڃي رهيو آهيان. موڪل ورتي اٿم، ڪجهه آرام ڪندس. توهان گوڙ نہ ڪريو، سڀ ٺيڪ ٿي ويندو اجايو هُل هنگامي مان ڇا ورندو؟“

پروفيسر جي هن جملي مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ پروفيسر حسن علي، جيڪو هڪ ڪامورو هو تنهن پنهنجي وسيع تجربي جي آڌار تي اهو سمجهي ورتو هو تہ هي غير منظم، ڇڙواڳ ۽ نعري باز ڇوڪرا ڪتاب اڇلائي، پنهنجو وقت وڃائي رهيا آهن. هنن جي ”تحريڪ“ ۾ اها سگهہ ئي ڪونهي، جو منهنجو آرڊر روڪرائي سگهن. پروفيسر جي تحمل تي ٻڌل جواب ڪان پوءِ هڪڙي سنڌي جوڏي استاد جي احترام جا سمورا ليڪا لتاڙي، ان استاد جي سامهون ٿي بيهي رهيو جنهن لاءِ هو تحريڪ هلائي رهيو هو!!

مسعود نوراني صاحب جي مضمون موجب: ”يوسف لغاري رڙ ڪري چيو ڪوڙو آهي. فريب آهي، هي ٻڌجي ٿو متان هن جي مٿان ڪو سخت قدم نہ کنيو وڃي. هن پاڻ مڃيو آهي، تہ هي وڃي رهيو آهي. اهڙي ريت وائس چانسلر پاڻ کي بيوس محسوس ڪندي، آفيس ۾ موٽي ويو. رات جو نيو ڪئمپس ۾ علامہ دائود پوٽو هاسٽل جي لان ۾ جنرل باڊي جو اجلاس ٿيو اتي يوسف تقرير ڪرڻ لاءِ اٿيو تہ گهڙي لاءِ سانت ڇانئجي ويئي. مون لغاري ڏانهن ڏٺو تہ سندس جڳهہ تي دولهہ دريا خان کي اسرندي ڏٺو.“ (هتي موصوف تعريف جا سمورا ليڪا لتاڙي ويو آهي. هونئن بہ سنڌين کي موصوف جهڙا لباڙي تاريخدان مليا آهن. ڪنهن هڪڙي تاريخدان جو نالو ڪنهن کي ياد آهي، جنهن روح جي سچائي سان مس، قلم ۽ ڪاغذ کي استعمال ڪيو هجي؟ ڪٿي بہ مصلحت پسندي، منافقت، درٻاريت ۽ نسل پرستي جو شڪار نہ ٿيو هجي؟ مونکي نظر ۾ نٿو اچي، باقي سنڌ جا دانشور، اديب

۽ شاعر بادشاهه ماڻهو آهن، ڪنهن سُڪل ڪاٺ جي بنڊ کي به تشبيهون ڏيئي ڦُبا اڏائي سگهن ٿا.)

سو پاڻ ڳالهه پئي ڪئي ته مسعود نوراني کي يوسف لغاري، دولهه دريا خان ڏسڻ ۾ اچڻ کان پوءِ مسعود صاحب پنهنجي مضمون ۾ وڌيڪ لکي ٿو ته: "آئون جڏهن تقرير ڪرڻ لاءِ اٿيس ۽ مون چوڌاري نظر ڦيرائي ته مون کي چوڌاري هوشو هيمون، دودو بلاول ۽ عنايت صوفي نظر آيا. سيني سِر پنهنجي ترين تي رکيا هئا. سندن ارادا جبلن سان ٽڪرائجڻ جا هئا." (توبهه، توبهه ادا پاڻي جو گلاس ڏيو "چار مارچ جي جوڙي" جون خبرون ٻڌنديٻڌندي، هاڻي چڪر ٿا اچن.)

مسعود نوراني پنهنجي "عظيم جدوجهد جي ڪٿا" بيان ڪندي وڌيڪ لکي ٿو ته: "اڃا جنرل باڊي جو اجلاس ختم ئي نه ٿيو هو ته هڪڙو ڪتو لان جي پرسان بيٺو رشيد ميمڻ ٻچڪار ڏيئي ڪتي ڏانهن نهاريندي چيو: "مسرور او مسرور، هيڏانهن ته اچ." پڇ لوڏيندو ڪُتو رشيد وٽ هليو آيو. سڄي جنرل باڊي ۾ ٽاڪوڙو مچي ويو. سڄي جنرل باڊي ڏرم پرم ٿي ويئي. سيئي ڪتي کي وڪوڙي ويا. مسرور ڪتا هاءِ هاءِ جا نعرا بلند ٿيڻ لڳا. . . . جهانگير شيخ ۽ قاضي خضر حيات ڪُتي کي وهنجاري، ڪُتي جو رنگ ئي بدلائي ڇڏيو. قاضي خضر ڪُتي کي اهڙا رنگ ڏنا، جو ڪُتو جڏهن ڪُرسي تي ويهاريو ويو ته پري کان ڪمشنر پئي لڳو. ڪُتي کي پهريائين ڪُرسي تي وڏي ادب سان ويهاريو ويو. کيس ڪيڪ ۽ پيسٽريون پيش ڪيون ويون. جيڪي هن ڪمشنرانه انداز ۾ هڙپ ڪيون، پر جڏهن پيسترين جي برني ڏانهن للچايل نگاهن سان ڏٺو ته رحيم سهتي لت هڻي ڪرسي تان لاهي ڇڏيو. پوءِ ته لتن، ٺڪن، بجن، لعنتن ۽ گارين جو وسڪارو ٿي ويس. ڳچيءَ ۾ رسو ٻڌو ويو

۽ سندس جلوس ڪڍيو ويو. اڳيان اڳيان ڪتو پٺيان تاڙيون وڄائيندڙ شاگرد. سيني هاسٽلن کان ڪُتي جو جلوس ڦيرايو ويو... اهڙي ريت پهرين مارچ هنگامن ۾ گذري ويئي."

(ڪتاب: چار مارچ ۽ سنڌي جوڌا، مسعود نوراني جو مضمون. صفحو نمبر 91 کان 100 تائين. نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1978ع)

افسوس! هڪ وڏي عرصي کان سنڌي سياستدان، اديب، شاعر ۽ دانشور صاحب اڻڄاڻ ۽ تاريخ کان اڻ واقف سنڌي نوجوانن کي ڪوڙا قصا ۽ داستان ٻڌائي، "چار مارچ" کي ڏرتي ڌوڏيندڙ ڏينهن پيش ڪري رهيا آهن. انهي چار مارچ جي "عظيم سورمي" جي قلم مان اوهان پهرين مارچ تي ڪيل جدوجهد جي ڪهاڻي سندس زباني ٻڌي، جنهن ۾ موصوف صاحب فرمايو تہ مون ۽ منهنجي سائين ڪلاس بند ڪرايا. جن شاگردن مزاحمت ڪئي، تن کي پادر هنيا ۽ جوڌا ٻڻجي ڪيميسٽري ڊپارٽمينٽ جي ليبارٽري ۾ پيل قيمتي اوزارن کي تباهہ ڪيو ۽ آخر ۾ هڪڙي ڪتي (معصوم جانور) کي ٺُڪون، پوندا ۽ لتون هڻي، ڪيس ذليل ڪيو. آئون وڌيڪ "چار مارچ جي جوڌن" بابت ڪجهہ نٿو لکان، توهان پاڻ فيصلو ڪريو.

سو پهرين مارچ 1967ع تي سنڌ يونيورسٽي ۽ حيدرآباد جي مختلف ڪاليجن ۾ يوسف لغاري گروپ جي جوڌن پاران ڪيل غنڊه گردي ڪانپوءِ ڪامريڊ جام ساقي ۽ يوسف لغاري ڪئمپ ۾ اختلاف کلي سامهون اچي ويا هئا. هونئن بہ اختلاف 31 جنوري 1967ع تي ئي جنم وٺي چڪا هئا. جڏهن يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس جي يونين آفيس ۾ شاگرد نمائندن جي گڏجاڻي ٿي، تڏهن هڪ بيان جاري ڪيو ويو هو تہ حسن علي کي بدلي نہ ڪيو وڃي. ان وقت ڪامريڊ جام بيان

تي صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو. مسعود نوراني جي مضمون موجب: ”ڄام جو چوڻ هو تہ پروفيسر حسن علي ۽ مسرور ٻئي بيورو ڪريسي جا نمائنده آهن، ٻئي سنڌين ۽ مهاجرن کي هڪ منظم سازش جي ذريعي وڙهائي رهيا آهن.“

(ڪتاب: چار مارچ ۽ سنڌي جوڌا. مسعود نوارني جو مضمون، صفحو نمبر 86، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1978ع)

اهڙي طرح خيالن جي وچ ۾ تضاد سبب سنڌي شاگرد تحريڪ ٻن حصن ۾ ورهائجي چڪي هئي. جيتوڻيڪ ٻئي ڌريون ڪمشنر مسرور جي خلاف هيون ۽ حسن علي عبدالرحمان جي حمايت ۾ هيون، پر ڪامريڊ ڄام ساقي سنڌي نوجوانن ۾ اُيري آيل شعور کي ڇڙواڳي کان بچائي، سياسي رنگ ڏئي ون يونٽ مخالف تحريڪ جي صورت ڏيڻ پئي چاهيو پر يوسف لغاري گروپ وسيع سياسي موقف رکڻ جو سخت مخالف هو. ايتري تائين جو 02 مارچ 1967ع تي پنج بسن جو جلوس وائس چانسلر جي حمايت ۾ فلڪ شگاف نعري بازي ڪندي، حيدرآباد شهر ۾ داخل ٿيو تہ شهر خوف مان بند ٿيڻ لڳو ۽ ان وقت ”ڪتا ڪمشنر، هاءِ هاءِ“ جي نعرن سان گڏ ڪامريڊ ڄام ساقي وارن ”ٽوڙينداسين ٽوڙينداسين، ون يونٽ ٽوڙينداسين“ ۽ ”سنڌي ٻولي، قومي ٻولي“ جا نعرا هنيا تہ بقول ڪامريڊ ڄام ساقي جي: ”يوسف لغاري ۽ مسعود نوراني ڪاوڙ ۾ اسان جي بس ۾ آيا. يوسف ڪاوڙ مان مون کي مخاطب ٿيندي چيو: ”ون يونٽ خلاف نعرا لڳا، تہ تنهنجو مٿو ڦاڙينداس.“ ان تي علي اڪبر بروهي ڪاوڙ مان ڳاڙهو ٿي چيائين: ”ڪير آهي، جيڪو ساقي تي آڱر کڻندو؟ اسان ان جو مٿو ڦاڙينداسين.“

هنن ڏينهن ۾ سنڌي شاگردن جي وچ ۾ اختلاف حد درجي تائين پهچي چڪا هئا. جيڪي هن ڳالهہ طرف اشارو ڪري رهيا هئا تہ جلد سنڌي شاگرد سياست هڪ نئين واٽ وٺندي يا اختلافن جي ور چڙهي هميشہ لاءِ دم ڏئي حوالي ڪندي. ٻن شاگرد گروپن جي وچ ۾ سخت نظرياتي اختلافن کان پوءِ وائس چانسلر کي بحال ڪرڻ واري هلچل مان عام شاگرد آهستي آهستي پري ٿيندو ويو. ان جو اقرار "چار مارچ جي جوڏي" مسعود نوراني صاحب پنهنجي مضمون ۾ ڪندي، لکيو هو تہ: "بهرحال 2 مارچ تي ڇهن بسن جو جلوس هوائن کي چيريندو، رستن تان ترڪندو پهرين لياقت ميڊيڪل ڪاليج پهتو. لغاري، آئون ۽ مجيب غلام مرتضيٰ پرڳڙي جي ڪمري تي پهتاسين، پرڳڙي مايوس ڪن جواب ڏنو تہ آئون مجبور آهيان، شاگرد ساٿ نٿا ڏين. اسان اتان نا اميد ٿي ورياسين، سڄي ايل ايم سي مان رڳو ڪامل راڄپر ساٿ ڏنو."

خير، 2 مارچ تي چند بسن ۾ سوار شاگردن ڪمشنر آفيس اڳيان چتي نعري بازي ڪئي، شاگردن تقريرون ڪيون ۽ پوليس سان منهن ماري پڙ تي هئي. ان ڪانسواءِ حسب معمول بدترين چڙواڳي جو مظاهرو پڻ ڪيائون، پر افسوس ان چڙواڳي کي مسعود نوراني صاحب شاگردن جي سورهيائي پيش ڪندي، پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو تہ: "ڪمشنر کي ماءُ پيڻ تي گاريون ڏنيئي، اسان جي بسن جو قافلو ڪئنٽونمينٽ واري چوڪ تي پهتو تہ ٽرئفڪ سپاهي بس کي هٿ ڏنو سڄو قافلو بيهي رهيو. اڳين بس مان رحيم سهتو لٿو. رحيم هڪ بي ڊيو بي باڪ ۽ شرارتي ورڪر هو ڪانسٽيبل کان پڇيائين: "ڇا ڳالهہ آهي؟"

سپاهي جواب ڏنو. "تون ڪير هوندو آهين. پڇڻ وارو؟"

رحيم چيو. "مان "هي" آهيان." ائين چئي، رحيم ابتي هٿ سان هڪ لپاٽ وهائي ڪڍيس ۽ گار ڏيئي ٻڪجي پيس. پوءِ شاگرد سپاهي تي ورائي ويا، لتن ٺڏن ۽ ٺونشن سان منهن سڄائي ڇڏيائونس. هو اهڙو ٿي ويو جو شايد سندس ماءُ به نه سڃاڻي سگهيس ها. سپاهي گهڻو ئي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر شاگردن نه ڇڏيس. نيٺ روئندي گاريون ڏيندو ڀڄي ويو ۽ شاگرد وري اچي بس ۾ ويهي رهيا.

(ڪتاب: 04 مارچ ۽ سنڌي جوڌا. مسعود نوراني جو مضمون، صفحو نمبر 105. نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1978ع)

ثبوتن سان هي سڀ ڳالهيون. انهي ڪري لکان پيو ته جيئن توهان ۾ مون کي جيڪو نسورو ڪوڙ ٻڌايو ويو آهي ته 4 مارچ جي هلچل ۾ "سنڌي جوڌن" وڏا ڦاڙها ماريا. تنهن ڪري چار مارچ سنڌين لاءِ "يوم مئي" جيترو درجو رکي ٿي، سنڌين جو قومي ڏينهن آهي وغيره وغيره. انهن هوائي خبرن تان پردو کڻان. اصل حقيقتون عوام تائين پهچايان. سو آئون انتهائي محدود وسيلن سبب وڏي ڪوشش کان پوءِ اصل حقيقتن تائين پهچي ويس. ته چار مارچ 1967ع واري ٻُڙدڪ دوران "سنڌي جوڌن" ڪهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا هئا. اهي "عظيم ڪارناما" سندن زباني سنڌي عوام ۽ خاص ڪري نوجوان نسل اڳيان پيش ڪري رهيو آهيان. ته جيئن خبر پوي ته ڪير ڪٿي بيٺو هو ڪير ڇا ڪري رهيو هو ۽ اسان کي ڇا ٻڌايو ويو آهي.

اهڙي طرح 2 مارچ جو ڏينهن. جتي جام ساقي وارن پنهنجو وسيع سياسي موقف وائس چانسلر جي بحالي سان ڳنڍ. ون يونٽ جي خلاف ۽ سنڌي ٻولي جي حق ۾ نعرا هنيا، اتي يوسف لغاري جي ڇڙواڳ فوج،

جيڪي ڪارنامہ سرانجام ڏنا. ان ڪان پاڻ بخوبي واقف ٿي چڪا آهيون. واضح رهي تہ هتي مون يوسف لغاري گروپ جي ڪارڪنن کي "فوج" انهي ڪري لکيو آهي، جو بقول مسعود نوراني صاحب جي: "يوسف اسان جو سپريم ڪمانڊر هو ۽ آئون ۽ مجيب پيرزادو سندس ليفٽيننٽ هئاسين."

اهڙي طرح ٿي مارچ تي بہ ساڳي طرح "سنڌي جوڏن" ڪلاسن جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ بسن تي چڙهي شهر جو چڪر هڻي اولڊ ڪئمپس حيدرآباد پهتا. هتي پهچڻ سان ڪين ڪجهہ فسادي شاگردن ٻڌايو تہ ڪئمپس جي اردو ڊپارٽمينٽ ۾ ڪلاس هلي رهيا آهن. هن ڳالهہ تي ڪيترائي سنڌي ڳالهائيندڙ شاگرد اڳواڻ، جيڪي ڪيترن ئي ڏينهن کان بنا روڪ ٽوڪ جي بي پرواهہ ٿي، هر جذباتي عمل سرانجام ڏئي رهيا هئا. اهي اردو ڳالهائيندڙ شاگردن تي مڇرجي پيا هئا. انهي حوالي کان "04 مارچ جو جوڏو" مسعود نوراني پنهنجي کيل "عظيم جدوجهد" جو ذڪر ڪندي، پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو تہ: "پوءِ شاگرد ڪنهن ساموندي طوفان وانگر، اردو ڊپارٽمينٽ ڏانهن وڌيا. عمر ڀٽي، رحيم سهتو، نور محمد کهڙو ۽ رشيد ميمڻ سڀني کان اڳتي هئا. ڊيسڪن ۽ دروازن ڀڃڻ جو آواز اچڻ لڳو. ان ۾ شاگرد ۽ شاگرديائڻين جي رڙين جو گوڙ بہ شامل ٿي ويو. طاهر رضوي، هڪ مهاجر شاگرد رهنما کي ڪو ڪُٽيءَ ڪنئي، جو اچي ڦاٿو. سليم سنجراڻي، مسعود پيرزادو ۽ پيا ڄرن وانگر چنبڙي ويس. سندس قميص ليڙن ۾ تبديل ٿي ويئي. وات ۽ نڪ تي ايترا نونشا لڳس، جو ڪُتا بہ رت نہ پيا چٽين."

(ڪتاب: 04 مارچ ۽ سنڌي جوڏا. مسعود نوراني جو مضمون،

صفحو 108 کان 109، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1978ع)

بدقسمتي سان اسان چار مارچ واري واقعي کي هڪڙي پاسي کان ڏٺو آهي، جڏهن تہ ان واقعي جي بين پاسن تي مصلحت پسندي، نسل پرستي ۽ ڪوڙي سورما پرستي جي ڌوڙ پيل آهي. گهٽ ماڻهن کي خبر آهي تہ چار مارچ واري هلچل، جيڪا هڪ سرڪاري ڪاموري کي بچائڻ جي هلچل هئي، انهي هلچل دوران سنڌي شاگردن کي هڪڙو اسپيس ڏيئي، جيڪي "ڪم" ڪرايا ويا، انهن ڪمن تي اڄ آئون سوچيان ٿو تہ لڱ ڪانڊارجي ٿا وڃن. تاريخ جي هڪ شاگرد جي حيثيت سان مون جڏهن پراڻين اخبارن ۽ رسالن جي چند ڇاڻ ڪئي، تہ خبر پئي تہ جنرل ايوب جي بيوروڪريسي پاران تيار ڪيل هن فلم کي ڪامريڊ جام ساقي گروپ وقت سر سمجهي ويو هو ۽ ڪامريڊ جام ۽ سندس ساٿي ڪافي صبر، تحمل ۽ استقامت سان اڳتي وڌي رهيا هئا، پر يوسف لغاري ۽ مسعود نوراني گروپ جذباتي بڻجي اهڙا ڪم ڪري ويٺو جن جو ثمر اڄ تائين سنڌي قوم لوڙهي پئي، جن ۾ اردو ڳالهائيندڙ ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ شاگردن جي وچ ۾ نفرت جو ٻج ڇٽڻ، ڇڙواڳ سياسي ڪلچر، شاگرد سياست جي نالي ۾ غنڊه گردي ۽ ترقي پسند سنڌي شاگرد سياست جو جنازو.

بهرحال 3 مارچ تي ڇڙواڳ ۽ فسادي شاگردن وائس چانسلر جي حق ۾ جلوس ڪڍيو. شديد نعري بازي سان گڏ پنهنجي ڪاوڙ اردو ڳالهائيندڙ شاگردن مان ڪيدي ۽ ساڳي هن ئي ڏينهن تي ڪين اهو بہ پرپور يقين ٿي ويو هو تہ جنهن جي لاءِ مئاسين، سو ڪانڊي بہ نہ ٿيو. يعني جوڏن کي پرپور احساس ٿيو تہ وائس چانسلر پنهنجي هار مڃي ورتي آهي ۽ هو ٻڳهي موڪل جي درخواست ڏيئي روانو ٿي چڪو

آهي. هاڻي مشتعل شاگردن کي ليڊر صاحب ڪهڙو منهن ڏيکارين، جڏهن ڪين وائس چانسلر حسن علي عبدالرحمان چيو ته، ”قصو ختم ڪريو.“ سو هاڻي جذباتي ليڊرن لاءِ عزت جو معاملو سامهون اچي ويو هو. جيڪڏهن مچايل ممڻ کي ختم ٿي ڪيائون، ته تيار ڪيل ”فوج“ پاران سخت مزاحمت جو منهن ڏسڻو ٿي پيو. جيڪو ڪين قبول نه هو، چاڪاڻ ته ليڊر صاحب پاڻ کي هوشو هيمون، دولهه دريا خان ۽ دودو سمجهڻ لڳا هئا. ٻئي طرف ڪامريڊ ڄام ساقي وارو وسيع سياسي موقف (يعني ون يونٽ خلاف ۽ سنڌي ٻولي جي حق ۾ تحريڪ هلائجي، ته جيئن ملڪ جون آمريت مخالف جمهوري قوتون پنهنجو ساٿ ڏين ۽ ايوب شاهي جي ايوان ۾ ڪو وزنائتو آواز وجي.) به سندن لاءِ انا جو مسئلو هو.

جيتوڻيڪ ڄام ساقي گروپ وارا هر روز ساڻن گڏ هوندا هئا، پر سندن ڇڙواڳين ۽ بدمعاشين کان مڪمل لاتعلق هئا ۽ ڪين جڏهن به موقعو ملندو هو ته اهي ترقي پسند شاگرد جلوسن ۾ ايوب شاهي ۽ ون يونٽ خلاف سخت نعري بازي ڪندا رهندا هئا. جيڪا ڳالهه يوسف لغاري جي گروپ وارن کي پسند نه هئي. نيٺ يوسف لغاري گروپ پنهنجي انا ۽ مشتعل ٿي ويل شاگردن اڳيان پنهنجي عزت بچائڻ لاءِ هن جهيڙي کي صرف ڪمشنر ڏانهن موڙي ڇڏيو هو. مسعود نوراني به اها ڳالهه پنهنجي مضمون جي صفحي نمبر 114 تي ڪئي آهي ته، ”هاڻي شاگردن ۽ مسرور شاهي جو جهيڙو ٿي پيو هو.“

چار مارچ تي به ڪلاس بند رهيا. شام چار وڳي ڌاري شاگردن جو قافلو يونيورسٽي کان نعري بازي ڪندي، جڏهن شهر ۾ داخل ٿيڻ وارو هو ته ڪين پوليس ۽ رينجرز روڪيو. نتيجي ۾ شاگردن ۽ سرڪاري

انتظاميہ جي وچ ۾ شديد ٽڪراءُ ٿي پيو هو. پوليس پاران استعمال ڪيل ڳوڙها گيس ۽ هوائي فائرنگ جي نتيجي ۾ ڪيترائي شاگرد زخمي ٿي پيا ۽ ڪيترن کي گرفتار ڪيو ويو هو. ٻئي طرف اولڊ ڪئمپس اندر جلوس جو انتظار ڪندڙ شاگردن کي جڏهن خبر پئي ته انتظاميہ پاران شاگردن تي وحشياڻو تشدد ڪيو ويو آهي، تہ شاگرد مچرجي پيا هئا. هنن گاڏين ۽ ريڊيو اسٽيشن جي عمارت تي پٿراءُ ڪرڻ سان گڏ پرپاسي جا دڪان بند ڪرائي ڇڏيا. اهڙي طرح سڄي شهر ۾ هڪ قسم جو هراس پکڙجي ويو هو.

5 مارچ تي بہ ڪلاسن جو بائيڪاٽ رهيو ۽ هن ئي ڏينهن تي مسعود نوراني، اصغر شاهہ، رشيد ميمڻ ۽ رفيق صفي شاگردن کي پڙڪائڻ لاءِ هڪڙو ڊرامو ٺاهيو هو تہ قليلي واهہ مان مليل ڪنهن اڻجاڻ ماڻهو جي لاش کي ڪنهن شاگرد جو لاش ڄاڻائي، شاگردن کي وڌيڪ انتظاميہ خلاف پڙڪائجي ۽ انتظاميہ کي دٻاءُ واري ڪيفيت ۾ وٺي اچجي. مسعود نوراني صاحب هن ڊرامي جو اقرار ڪندي پنهنجي مضمون ۾ لکي ٿو تہ: ”شام تي تہ اصغر شاهہ ڊوڙندي آيو ۽ روئڻهارڪو منهن ڪري اچي ٻڌايائين تہ هڪڙي شاگرد جو لاش قليلي واهہ مان لڌو ويو آهي. هر طرف کان هاءِ گهوڙا ۽ پٽڪي جا آواز اچڻ لڳا. سڄي فضا سوڳوار ٿي وئي. شاگردن ۾ وري جوش ڦهلجي ويو. انتقام جون صدائون بلند ٿيڻ لڳيون ۽ ”ڪتو ڪمشنر“ جو نعرو وري گردش ۾ اچي ويو. اصغر شاهہ وري مون کي پاسي تي وٺي ٻڌايو تہ، ”اهو لاش ڪنهن شاگرد جو ڪونهي، پر مزدور جو آهي، پر تنهن هوندي بہ حڪومت تي دٻاءُ وجهڻ، عوام ۾ بغاوت ڦهلائڻ ۽ شاگردن ۾ نئون روح ڦوڪڻ لاءِ جيڪڏهن اهو چئجي تہ اهو شاگرد جو لاش آهي، جيڪو 4

مارچ واري واقعي سبب ڪوٺڙي بئراج مان لڙهندو آيو آهي تہ ان ۾ ڪوبہ مضائقو ڪونهي.“

مون هن جي ڳالهہ سان سئو سيڪڙو اتفاق ڪيو. رشيد ميمڻ ۽ اصغر شاهہ کي موڪليم تہ وڃي لاش هٿ ڪن. مون اُن موقعي تي هڪ نهايت دردناڪ تقرير ڪئي ۽ شهيد جي غائبانہ جنازي نماز پڙهڻ جو اعلان ڪيم. اصغر شاهہ ۽ رشيد ميمڻ کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي شاگرد لاش هٿ ڪرڻ ويا هئا. رشيد ۽ اصغر شاهہ مزدورن جي مائٽن کي پئسن جي آڇ بہ ڪئي، تہ ڪجهہ دير لاءِ لاش سندن حوالي ڪيو وڃي، پر مزدور جي مائٽن انڪار ڪيو. مٿان پوليس پهچي ويئي، جنهن لاش پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو. رشيد بهرحال لاش جو منهن ڏسي ورتو. ڪيس ان لاش جي شڪل ۾ انجنيئرنگ ڪاليج جي شاگرد ۽ سندس ڪلاسي ”اخلاق حسين“ جي مشابهت نظر آئي. پوءِ تہ هو ”هاءِ اخلاق ڀهيا“ ڪري ڪِري پيو. اخلاق لاءِ جنازي نماز پڙهي ويئي، جيل ۾ بہ اخلاق جي شهادت جي ڀڙڪ پئجي ويئي هئي، تنهن ڪري جيل ۾ بہ اخلاق جي غائبانہ نماز ادا ڪئي ويئي.“

(ڪتاب؛ چار مارچ ۽ سنڌي جوڌا. مسعود نوراني جو مضمون. صفحو نمبر 168 کان 169. نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1978ع)

الاس!! ڏکيئن جدوجهدن کان پوءِ پڇندڙ ڪاهل ۽ لباڙي سنڌي سياستدان، دانشور، اديب ۽ شاعر اهڙجهہ سنڌي قوم کي ڪوڙا قصا ٻڌائي، کهڙي ريت حمايتون ۽ وفاداريون حاصل ڪرڻ چاهين ٿا!! شايد ئي دنيا جي اهڙي ڪا قوم هجي، جنهن جون ساڃاهہ وند ڌريون شاطر مداري بڻجي پنهنجي قوم جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي، ڪين ڪوڙا

قصا ۽ داستان ٺڏائي، سندن وفاداريون حاصل ڪرڻ لاءِ بيتاب هجن. هڪڙي ٽولي هر دور ۾ سنڌي قوم کي اڻوجهہ سمجهي، پنهنجي دڪانداري چمڪائي آهي. زور ۽ شور سان تماشو برپا ڪيو آهي، پر اهي شايد وساري ٿا ويهن، تہ قوم جون وفاداريون حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي مهارت سان جيڪي ڪوڙا قصا ۽ داستان جوڙين ٿا، غازي، شهيد ۽ سورما پيدا ڪيا پيا وڃن، انهن کي هڪ ڏينهن تاريخ جي ڪٽهڙي ۾ بيهي جواب ڏيڻو پوندو.

خير پاڻ وري هلون ٿا، چار مارچ واري ٻڙدڪ طرف. ڏسون هن عظيم ٻڙدڪ، جنهن کي "عظيم جدوجهد" جو نالو ڏنو ويو آهي، انهي عظيم جدوجهد ۾ اڳتي ڪهڙا ڪارنامہ ڏسڻ لاءِ ملن ٿا. سو پنج مارچ 1967ع واري ڏينهن تي شاگردن جي گرفتاري جي حوالي سان سخت بائيڪاٽ ڪيو ويو هو. يوسف لغاري گروپ جا شاگرد سرگرم هئا، تہ ڪهڙي بہ ريت گرفتار شاگردن کي آزاد ڪرائجي. انهي حوالي سان هنن انتظاميہ تي دٻاءُ وجهڻ لاءِ "شاگرد جي قتل" جو ڊرامو بہ رچايو پر ناڪام ويا. ٻئي طرف هن سڄي صورتحال تي ڄام ساقي گروپ جي نوجوانن گڏيل طور تي احتجاج ڪرڻ جو چيو تہ يوسف لغاري گروپ جي جذباتي نوجوانن انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ اهو موقف اپنايو تہ: "توسان گڏ اردو ڳالهائيندڙ شاگرد آهن." هن صورتحال جو اظهار مسعود نوراني پنهنجي مضمون ۾ هن ريت ڪري ٿو. "پنج مارچ جي صبح ڄام ساقي، نديم اختر، هدايت حسين ۽ عنايت ڪشميري بہ يونيورسٽي اندر پتڪي رهيا هئا. عنايت ڪشميري تقرير ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جيئن تہ تقرير اردو ۾ ڪرڻ چاهيائين، تنهنڪري شاگردن هڪ لفظ بہ ٻڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اردو جي خلاف

گارين جو هڪ طوفان شاگردن جي وات مان نڪرڻ لڳو. "اردو ناهي اسان جي ٻولي"، "اردو ناهي سنڌ جي ٻولي"، "سنڌ يونيورسٽي ۾ هاڻ اردو نہ هلندي"، "سنڌ ۾ هاڻ اردو نہ هلندي" جا نعرا لڳا. شاگرد ايترو تہ مشتعل ٿي ويا، جو عنايت ڪشميري جي جان خطري ۾ پئجي ويئي. تنهن تي مير امداد وچ ۾ ٽپي پيو هو ڊاڪٽر تي چڙهي ويو ۽ چيائين: "هينئر اردو سنڌي جو سوال ناهي، اسين سڀ پائر آهيون. اسان کي دشمن جي خلاف گڏجي جدوجهد ڪرڻ گهرجي." پر شاگرد جوش ۾ هئا، هنن هڪ بہ نہ ٻڌي"

(ڪتاب: چار مارچ ۽ سنڌي جوڌا، مسعود نوراني جو مضمون، صفحو 150 کان 151، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1978ع)

هن سڄي نسل پرست ۽ ڇڙواڳ صورتحال باوجود ڪامريڊ ساٿي ۽ سندس گروپ سان تعلق رکندڙ ترقي پسند سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ شاگردن، هن سڄي ٻڙڌڪ مان ڪي سياسي نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ ٻيهر يوسف لغاري گروپ جي شاگردن سان رابطو ڪيو ۽ آخرڪار ڪامريڊ جام وارن يوسف لغاري گروپ جي چند شاگردن سان ملي، ايوب شاهي جي بربريت خلاف هڪڙو پمفليٽ لکڻ ۽ حيدرآباد شهر جي ديوارن تي چاڪنگ ڪرڻ جو پلان ٺاهيو. پمفليٽ لکڻ کان پوءِ لالا قادر عمر پٺي، احمد شاهہ بخاري ۽ ڪجهہ ٻين شاگردن کي پمفليٽ ڇپائڻ وارو ڪم سونپيو ويو جڏهن تہ ٻين متحرڪ شاگردن کي ديوارن تي چاڪنگ ڪرڻ ۽ پمفليٽ ورهائڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو. جن ۾ جام ساقي، عبدالحئي پليجو، عبدالرزاق ميمڻ، عنايت ڪشميري، هدايت حسين، نديم اختر، مير ٿيٻو ۽ ٻيا ساٿي شامل هئا.

مسعود نوراني جي مضمون پڙهڻ کان پوءِ پتو پوي ٿو تہ پمفليٽ شايع ڪرڻ ۽ ديوارن تي ايوب شاهي خلاف چاڪنگ ڪرڻ وارو پلان، يوسف لغاري ٽولي جي سرگرم اڳواڻن مسعود نوراني، مجيب پيرزادو، ڪمال راڄپر، رفيق صفي، آغا زاهد، منور ميمڻ ۽ ٻين کان لڪايو ويو هو. اهي شاگرد اڳواڻ گرفتار شاگردن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ وزيرن سان ملڻ لاءِ سرڪٽ هائوس ۾ ويٺل هئا، تہ اتي کين خبر پئي تہ حڪومت خلاف پمفليٽ شايع ٿيو آهي ۽ پوليس پاران شاگردن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪريڪ ڊائون شروع ڪري ڇڏيو آهي.

شاگردن تي حڪومت، صدر ۽ گورنر خلاف پمفليٽ لکڻ جي ڏوهہ ۾ ڊفينس آف پاڪستان رولز (DPR) جو قلم لاڳو ڪيو ويو هو. انهي حوالي کان لالا قادر عمر پٽي، صالح شيخ، علي احمد نظاماڻي ۽ ٻين شاگردن کي يونيورسٽي مان گرفتار ڪيو ويو. يوسف ٽالپر کي سندس گهران ۽ ڪامريڊ جام ساقي کي شهباز هوٽل تي ناشتو ڪندي گرفتار ڪيو ويو هو جڏهن تہ جيل ۾ اچڻ کان پوءِ ڪامريڊ جام ساقي ۽ يوسف لغاري گروپ منجهہ اختلاف ڪنهن قدر ختم ٿي چڪا هئا، ڇاڪاڻ تہ ايوب شاهي انتظاميہ ٻنهي کي گڏ ويهاري ڇڏيو هو.

بهرحال چار مارچ واري ڏينهن تي ٿيل هنگامي ڪانپوءِ گرفتار ڪيل شاگرد آهستي آهستي ضمانتن تي آزاد ٿيڻ لڳا، پر ڊي پي آر تحت گرفتار ڪيل شاگردن جي ضمانتن جون درخواستون ڪورٽ رد ڪري ڇڏيون هيون. سيشن ڪورٽ طرفان شاگردن جي ضمانت جي درخواست رد ٿيڻ کان پوءِ 20 مارچ تي هاءِ ڪورٽ ۾ ضمانت جي درخواست داخل ڪئي وئي هئي. انهي دوران يونيورسٽي مسلسل بند هجڻ ڪري يونيورسٽي جي نئين آيل وائس چانسلر صالح قريشي جيل

آفيس ۾ آيو اتي "سنڌي جوڌن" کي گهرايائين. ڪجهه دير جي ڳالهه ٻولهه کان پوءِ وائس چانسلر چيو ته: "توهان جيڪڏهن پنهنجو احتجاج ختم ڪري ڪلاس اٽينڊ ڪريو ته اوهان کي جيل مان آزاد ڪريون؟"

سنڌي جوڌن هائوڪاري ڪئي، اهڙي ريت وائس چانسلر حسن علي عبدالرحمان جي حمايت ۾ هلايل تحريڪ بنا نتيجي پڄاڻي تي پهتي. شاگرد آهستي آهستي جيلن مان آزاد ٿيڻ لڳا. جيل مان آزاد ٿيندي، ڪامريڊ ڄام شاگردن کي مايوسي کان بچائڻ لاءِ هڪ وسيع سياسي موقف سامهون آندو ته: "اسان پهرين به چيو پئي ته آمر ايوب جي ڪاري قانون "ون يونٽ" جي اچڻ کان پوءِ سنڌ جي تشخص کان ويندي شاگردن جي مسئلن تائين سمورا حق هڙپ ٿي چڪا آهن، تنهن ڪري هي جدوجهد وسيع ۽ ڊگهي آهي. اسان اڄ به چئون ٿا، ته ون يونٽ کي ٽوڙي، قومن جي تشخص کي بحال ڪريو." ان سان گڏوگڏ ڪامريڊ ڄام گروپ جي شاگردن حيدرآباد اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي پليٽ فارم تان هڪڙو پمفليٽ شايع ڪيو جنهن منجهه شاگردن لاءِ واضح پيغام هو ته: "هي لڙائي هڪ فرد جي واپسي لاءِ نه هئي، پر ون يونٽ ۽ نوڪر شاهي جي تعليمي ادارن ۾ مداخلت خلاف لڙائي هئي ۽ سالن کان ڏاڍ خلاف پيدا ٿيندڙ نفرت جو اظهار انهي نقطي تي ٿيو آهي...... اسان ته جڏهن حسن علي عبدالرحمان وائس چانسلر هو، تڏهن به مات نه هئاسين، ان جا چمچا نه هئاسين. اسان ان کان به مطالبا ڪندا هئاسين."

ڪامريڊ ڄام گروپ پاران شايع ٿيندڙ هن پمفليٽ کان پوءِ يوسف لغاري گروپ جا مرڪزي دوست مچرجي پيا. بقول ڪامريڊ ڄام جي: "هن وچ ۾ هنن نواز پنهور ۽ منور ميمڻ ذريعي هڪ گڏيل بيان

جاري ڪرايو تہ اسان جو ايوب حڪومت تي مڪمل اعتماد آهي. مون کي ڏاڍي باهہ آئي، يوسف سان ڳالهايم، جنهن چيو تہ حڪومت کي چوتيو بڻائي، رهيل شاگرد ٽا ڪيدرايون.“

(ڪتاب: سنڌ جي شاگرد جدوجهد، ليکڪ، جام ساقي، صفحو نمبر 55، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 1987ع)

هتي اها بہ ڳالهہ ٻڌائيندو هلان تہ يوسف لغاري گروپ سان تعلق رکندڙ ڪجهہ شاگرد اڳواڻ جيل کان آزاد ٿيڻ کان پوءِ انتها درجي جا ڇڙواڳ بڻجي چڪا هئا ۽ اردو ڳالهائيندڙ شاگردن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو. ڪامريڊ جام موجب: ”يوسف، رحيم سهتو مسعود نوراني ۽ ڪجهہ ٻين هڪڙو ڪم شروع ڪري ڇڏيو هو جو ڪنهن مهاجر ڇوڪري کي چماٽ هڻي چوندا هئا: ” This is the vice of Sindh، ڪي وري چماٽ هڻي چوندا هئا، جيئي سنڌ چئو.“

نہ فقط ايترو پر شاگرد سياست جي نالي ۾ نوجوانن جون ڇڙواڳيون ۽ بدمعاشيون حد درجي تائين پهچي چڪيون هيون. هڪ اردو ڳالهائيندڙ شاگردياڻي ناز اختر، جڏهن تعليم جي وزير محمد علي هوتي اڳيان روئندي اها شڪايت ڪئي، تہ سنڌي شاگرد اسان کي جنسي طور حراسان ڪن ٿا. تہ ٻئي ڏينهن ڪئمپس ۾ ان ڇوڪريءَ کي سرعام جنسي طور حراسان ڪيو ويو هو. اردو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ نفرتن جا بنياد رکندڙ هڪ اهم ڪارندو مسعود نوراني ناز اختر کي ڪئمپس ۾ خوار ڪرڻ واري واقعي جو اعتراف ڪندي، پنهنجي مضمون ۾ دليرانہ انداز ۾ لکي ٿو تہ: ”رحيم سهتي کي ناز اختر جي ڏنل بيان جي جڏهن پروڙ پئي، تہ هو ڇتو ٿي پيو. هو منور ميمڻ ۽ سڪندر پانڌياڻي سان مليو. هنن صلاح ڪئي تہ ناز کي سيڪت ڏيڻ ضروري

آهي. ناز يونيورسٽي آئي تہ سهتي ڪيس گرلس ڪامن روم مان سڏي، ڪنهن بهاني سان ٻاهر وٺي ويو. سهتو ايڏو ڪاوڙيو جو ناز اختر کي سٽ ڏيئي جهلي ڪلهي تي کڻيائين. مٿان سوشالاجي جو پروفيسر محمد شفيع ميمڻ اچي ويو سهتي شفيع صاحب کي ڏسي ناز کي ڪلهي تان لاٿو. اهڙي ريت ناز جي جان بچي."

(ڪتاب: چار مارچ ۽ سنڌي جوڌا، مسعود نوراني جو مضمون، صفحو نمبر 167 کان 168 تائين، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد 1978ع)

هاڻي توهان پاڻ فيصلو ڪريو تہ چار مارچ جي ڇڙواڳ، بدمعاش ۽ نسل پرست جوڌن کي آئون ڪيئن سنڌي جوڌو، هيرو، سورمو سڏيان؟! گهٽ ۾ گهٽ آئون ڪنهن مصلحت پسندي ۽ نسل پرستي جو شڪار نہ ٿيندس، باقي اوهان اڳيان مون ثبوتن سميت چار مارچ 1967ع جي جوڌن جو اصل روپ رکي ڇڏيو آهي، هاڻي توهان خود صاحبِ راءِ آهيو جيڪا راءِ قائم ڪريو.

بهرحال يوسف لغاري ٽولي پاران شاگرد سياست جي نالي ۾ جاري ڇڙواڳيون ۽ بدمعاشيون صفا حدون پار ڪرڻ لڳيون، تہ سنڌي شاگرد سياست ۾ ترقي پسندي، رواداري ۽ جمهوري رجحانن جا بنياد رکندڙ ڪامريڊ جام ساقي باقاعده ميدان تي آيو هو. هن سخت مزاحمت ڪئي ۽ يوسف لغاري جي خلاف بي اعتمادي جو ووٽ بحال ڪرڻ لاءِ فيڊريشن جي هنگامي ميٽنگ گهرائي هئي. ڪامريڊ جام موجب: "اسان جا ٻہ الزام هئا، هڪڙو ايوب جي حمايت وارو بيان، ٻيو ٺڪڙن وارو اشو. يوسف لغاري صورتحال سمجهي ويو. ووٽنگ کان اڳ ئي استعيفيٰ ڏيئي ويو پر هاڻي اختلافن جون پاڙون اونهيون ٿي چڪيون هيون. اسين تنظيمي طرح گڏجي ڪم ڪري نٿي

سگهياسين.“ اهڙي طرح ڪامريڊ ڄام ساقي جيڪا شاگرد سياست جي ٿين لهر برپا ڪئي هئي، اها لهر مڪمل طور منتشر ٿي ويئي ۽ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي.

هتي اهو ٻه ٻڌائيندو هلان ته 04 مارچ جي ٻرڌڪ تي ڊگهو بحث ڪري، مون اها ڳالهه هرگز ثابت ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي ته يوسف لغاري، مسعود نوراني، مجيب پيرزادو، يوسف ٽالپر ۽ سندن ڪمپني، وطن دوست نه هئا. بلڪ آئون اها ڳالهه ڪري رهيو آهيان ته هن عرصي ۾ يوسف لغاري ۽ مسعود نوراني گروپ انتها درجي جي جذباتيت ۽ ڇڙواڳي جو شڪار ٿي چڪو هو ۽ وسيع سياسي حڪمت عملين کان اڻڄاڻ هو. اهو ئي سبب هو ته شاطر ايوب شاهي، سندن خامين مان ڀرپور فائدو ورتو هو. جڏهن ته ڄام گروپ، سياسي حڪمت عملين کان واقف شاگردن جو جٿو هو ۽ اهي ڪنهن جذباتيت جو شڪار نه هئا. اها ڳالهه خود مسعود نوراني پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ قبول ڪئي آهي ته: ”اسان تي هڪڙو الزام لڳايو ويندو آهي ته ڄام ان تحريڪ کي ون يونٽ خلاف تحريڪ جي صورت ڏيڻ پئي گهري ۽ مون ۽ يوسف لغاري، ان جي مخالفت ڪئي هئي. اها درست ڳالهه آهي. اسان ان تحريڪ کي ون يونٽ خلاف شڪل ڏيڻ جي مخالفت ڪئي هئي. ڄام پنهنجي ڪميونسٽ پارٽي جي هدايتن تي، ان تحريڪ کي ون يونٽ خلاف ڪرڻ پئي گهريو ۽ جڏهن اسان بسون ڪٽي پئي آياسين. (يونيورسٽي نيو ڪئمپس کان اولڊ ڪئمپس شهر ڏانهن) ته ڄام ون يونٽ خلاف نعرا هڻايان، اسان مزاحمت ڪئي ۽ چيوسين ته هن مرحلي تي اسان کي مارايو نه. حڪومت کي ڪريڪ ڊائون ڪرڻ جو موقعو نه ڏيو. ان ۾ اسان کي ڪنهن جي چرچ

(آشيرواد) نہ هئي، پر اسان جي سياسي اپروچ ئي ايتري هئي.“

(ڏسو: سلسليوار شعور مئگزين (مارچ 1988)، مسعود نوراني جو انٽرويو صفحو نمبر 21 کان 22 تائين)

سو مون ڳالهہ پئي ڪئي تہ چار مارچ واري واقعي تي مون ڊگهو بحث انهي ڪري بہ ڪيو آهي، جو چار مارچ جو ڪتيو ڪائيندڙ ”چند جوڏا“ ۽ ڊگهين لڱ ڪانڊاريندڙ جدوجهدن کان خالي قوم جي درباري ليکارين پنهنجي گل چٽ ٿيل تحريرن ذريعي نئين نسل جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ جي ڪوشش ڪندي اهو ٻڌايو آهي تہ، چار مارچ سنڌ جو قومي ڏينهن آهي، تنهنڪري هن ڏينهن مان اتساهہ وٺڻ گهرجي. جڏهن تہ مون لمحي لمحي جون سرگرميون پيش ڪري، اهو ثابت ڪيو آهي تہ چار مارچ 1967ع بابت اخبارن ۽ رسالن ۾ جيڪو مواد ڇپجي رهيو آهي، اهو نسورو ڪوڙ آهي. حقيقت پسندي جي نگاهہ سان ڏسجي ٿو تہ چار مارچ وارو واقعو دراصل ڇڙواڳي، ٻڙڌڪ ۽ تماشو هو. بدقسمتي سان انهي ٻڙڌڪ ۽ ڇڙواڳي کي پروپئگنڊا ذريعي عظيم جدوجهد پيش ڪري، عقل ۽ فهم کان محروم جذباتي شاگردن کي ”چار مارچ جا سورما“، ”چار مارچ جا جوڌا“ ۽ ”چار مارچ جا ڌهيسر“ جهڙا لقب ڏئي، ڦرلٽ جو شڪار سنڌي قوم کان پنهنجي ڪيل تماشن، بدمعاشين ۽ ڇڙواڳين جي اعليٰ قيمت وصول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي هئي ۽ اڄ بہ جاري آهي.

ڪيڏي نہ افسوس جهڙي ڳالهہ آهي تہ وڏي عرصي کان ماتر يوميءَ سنڌ اندر قائم نام نهاد سورما فيڪٽريون مسلسل سورما ٺاهي رهيون آهن. هنن صاحبن (جي ايم سيد ايند ڪمپني) کي 1930ع ۾ هندن کي ڀڄائڻ لاءِ قاسم ۽ محمود غزنوي جو سهارو وٺڻو پيو ورڻو

جڏهن پارسل تي آيل مسلمانن سان جهيڙو شروع ٿيو تہ راجا ڏاهر ۽ روپلي ڪولهي کي قبر مان کوٽي ڪڍي آيا. تہ هي آهن اسان جا سورما. ايتري تائين جو شاهہ لطيف جي بيتن کي بہ رپڙ جيان ڇڪي، وڃي راجا ڏاهر ۽ روپلي ڪولهي تائين پهتا. وري اوچتو هڪڙي مظاهري ۾ پوليس جي ڪيل لاٺي چارج دوران زخمي ۽ گرفتار ڪيل ڇڙواڳ شاگردن کي سورمي ۽ جوڌي جو بوسڪي پٽڪو ٻڌي، پنهنجي تحريرن ۾ ويهاري ڇڏيو پوءِ جڏهن سورمن عجيب چلولايون ڪيون، تہ وري ابو جهاد، چي گويرا، سڀاش چندر بوش، جمال ناصر، منگل پانڊي پيدا ڪيا ويا. سوال آهي تہ آخر ڪيستائين پيڙهيل ۽ ڏتڙيل قوم سان هي ڊرامو جاري رهندو....؟؟

سچ پڇيو آئون جڏهن چينين، ويٽنامين، روسين، ڪيوبن، ڪموڊين ۽ چلين جي جدوجهدن کي پڙهندو آهيان ۽ پوءِ پاڻ وارن "جوڌن ۽ سورمن" جا قصا ٻڌندو آهيان، تہ ٿهڪ نڪري ويندا آهن. هن کان وڌي ڏک جهڙي ڳالهہ ڪهڙي هوندي، تہ ادب ۽ سياست جي مين اسٽريم تي ويٺل هڪڙو ٽولو پنهنجا ذاتي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي قوم جي اکين ۾ ڌوڙ جو سرمو وجهي، بغير ڪنهن ٺڪاڻي جي ٽال مٽول کان ڪم وٺندي، تلخ سچائين تي پردو وجهي، اڌ سچا ۽ اڌ ڪوڙا قصا گهڙي، پنهنجي قوم کي بيوقوف بڻائڻ جون ڪوششون ڪندو رهيو آهي.

خبرناهي ڇو اسان جو نام نهاد ادبي طبقو ڊگهيون جدوجهدون ڪرڻ بدران ڪاهل، بي همتو ۽ لباڙي بڻجي، سستي شهرت جو شڪار ٿي ويو آهي؟!! خبرناهي ڇو اسان جو نام نهاد سياسي طبقو هڪڙي هوائي نعري، هڪڙي پٿر ۽ هڪڙي جلوس جي قيمت وٺڻ جو

عادي تي چڪو آهي؟!! خبرناهي ڇو هنن شاطر ۽ بي ايمان ادبي ڪنيارن کي سرت ئي ڪونهي تہ تاريخي حقيقتن کي مسخ ڪندي، نسورو ڪوڙ پڌائي سچ کي لڪائي نہ ٿو سگهجي ۽ هڪ ڏينهن هٿ نوڪيا قصا ۽ واري مان گهڙيل سورما، ڌهي پٽ ٿي ويندا!!

بهرحال سنڌ جو واتوڙي قومپرست، اديب، شاعر ۽ دانشور ڪٽي ڪيڏو بہ وات هٽي، پلي ڪيترائي پنا ڪارا ڪري، پر اها حقيقت آهي تہ سنڌ ۾ ڪوبہ هڪڙو اهڙو سورمو ناهي، جنهن جي عظيم ڪارنامن، وسيع فهم، فڪر، جنگي فن ۽ حڪمت عملين کي ڏسي آمريڪي، روسي ۽ چيني حيران ٿين ۽ ان سورمي سڳوري تي فلم يا ڊاڪيومينٽري ٺاهي رليز ڪن. تنهنڪري سنڌي قومپرست دانشورن کي منهنجو نماڻو عرض آهي تہ، بابلا! هي قبل مسيح وارو زمانو ڪونهي، اڄ جو نوجوان هر ڳالهہ کي ڇنڊي ڦوڪي قبول ٿو ڪري، کين ڇُوتيو نتو بڻائي سگهجي. سو بيلي ڏاها ٿيو خلق نہ کلايو.

***

سجاڳي، رڪاوٽون ۽ ڄام ساقي

جنرل ايوب جي آمريت جا ڪهري ڏينهن جاري هئا، هر جمهوري ۽ ترقي پسند آواز کي نپوڙيو ٿئي ويو. اهڙي ڪهري راڄ ۾ حيدرآباد ۽ ڀرپاسي ۾ سنڌي شاگردن ٿورڙي هلچل پيدا ڪئي، پر اها سجاڳي چند ڇڙواڳ ساٿين جي انائيت، انفراديت، الهڙپڻي ۽ ڇيڇورپائي جي ور چڙهي منتشر ٿي ويئي هئي. البت ڪميونسٽ پارٽي ۽ ان جي متحرڪ سياسي اڳواڻن سان تعلق هجڻ ڪري، ڪامريڊ ڄام ساقي وائس چانسلر بحالي واري هلچل ۽ شاگردن مٿان پوليس جي لاٺي چارج کي سياسي رنگ ڏيڻ ۾ ڪنهن حد تائين ڪامياب ويو هو پر ڏڳ کان ڇنڪيل قافلي کي انقلابي راهه تي آڻڻ لاءِ ڏکي انقلابي پنڌ جي ضرورت هئي. سو ٿر جي هن ڪاهوڙي جنهن صحرا جا ڏکيا پنڌ ڪيا هئا، تنهن ڇڙواڳ ساٿين کي گهڻو ئي سمجهايو ته انقلابي سياست ترڙائپ، بدخواهي، لالچ، هٻڇ، گلاخوري ۽ ٻڙڌڪ جهڙن نيچ فعلن جو نالو ڪونهي، هي هڪ اعليٰ ۽ مقدس آدرشي ڪم آهي، پر چند آڳرين تي ڳڻڻ جيترن ”اڳواڻن“ جي ذهنن ۾ انقلابيت وارو فلسفو سمجهه ۾ نه آيو پوءِ ڪين ليکي ۾ ئي نه آڻي، ڪامريڊ ڄام پنهنجي انقلابي ساٿين سان هڪ ڏکي سياسي پنڌ جو پڪو پهه ڪيو هو. ائين ڪامريڊ ڄام دل شڪسته ٿيڻ بدران ميدان تي آيو ۽ تلهن هٿن تي ان وقت حيران ڪندڙ سياسي سرگرميون ڪندو رهيو.

ڪامريڊ دل ئي دل ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو هو تہ سنڌ جي ننڍڙڪن ماڻهن جي دلين ۾ ظالم خلاف نفرت ۽ بغاوت جي باهہ پڙڪائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪجي، تہ جيئن هيٺا ماڻهو ڏاڍن جي ڳچين ۾ هٿ وجهن. هن ئي عرصي ۾ ڪامريڊ ڄام ون يونٽ خلاف هڪ انوکي سرگرمي جو ذڪر پنهنجي ڪتاب، ”سنڌ جي شاگرد جدوجهد“ ۾ ڪندي لکيو هو تہ: ”جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ پٽائي جو ميلو شروع ٿيڻو هو. اسان ان تي ماڻهن کي ون يونٽ خلاف پيغام ڏيڻ پئي چاهيو پر يوسف لغاري وارا هن عمل تي راضي نہ هئا. پوءِ بہ علي اڪبر بروهي، آئون، هدايت ۽ بہ ٻيا دوست ڊالڊا جي ڏٻن جا هٿرادو لائوڊ نهرائي (جيڪي عام طور تي ڇٽا وڪڻڻ وارا کڻي هلندا آهن). کڻي ميلي تي وياسين ۽ مختلف جاين تي ماڻهن کي ٻڌايوسين تہ، ”ون يونٽ پنجاب جي غلامي آهي.“ سڄو ڏينهن ون يونٽ خلاف ڳالهايوسين ۽ رات پئجي ويئي. ان وچ ۾ ڪو لليجو منهنجي کيسي مان 16 روپيا ڪڍي ويو. اسين ماني ۾ اڙجي وياسين ۽ پوءِ مڊل اسڪول جي پٺئين پاسي واري لنگر ۾ ماني کاڌيسين. هڪ سرڪاري ملازم دوست مليو. ان ڀاڙو ڏنو. رات ان وٽ رهياسين، صبح موٽي حيدرآباد آياسين.“

اڄ جي هن پيٽ پرست دور ۾ آئون ڪامريڊ ڄام جي شاگرد لائيف کي ڏسان ٿو تہ هڪ پل لاءِ ڊگهي ماٺ ۾ هليو وڃان، پوءِ هڪڙي تصوير ذهن تي ابري اچي ٿي، جنهن ۾ هڪ ٿري نوجوان، قاتل ڪپڙا، هٿ ۾ ڪتاب، ويڪرو بدن، ڪٽڪ رنگو جسم، جتي بہ ويهي ٿو پنهنجي ديس جون خبرون ڪري ٿو ۽ ظالم سان نفرت جي ڳالهہ ڪري ٿو. شيخ اياز جي لفظن ۾، ”هو ميڪسم گورڪي جي ”امڙ“ ناول

جي ڪردار پاويل جهڙو آهي.“

ان وقت جي شاگرد جدوجهد ۾ ڪامريڊ ڄام انتهائي مسڪين ديس جو مسڪين شاگرد اڳواڻ هو. مٿيون طبقو ته پري جي ڳالهه. پر وچولي طبقي جا شاگرد اڳواڻ ۽ سياسي اڳواڻ ڪيس شاگرد اڳواڻ تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. ايتري تائين جو سنڌ جو هڪڙو انوکو قومپرست ڪردار حفيظ قريشي (جنهن سيني ماڻهن تي ٺوڪون ڪيون، سواءِ پاڻ تي.) هڪ موقعي تي ڪامريڊ ڄام ساقي کي مخاطب ٿيندي چيائين: ”ماڻهو سڀ مري ويا. جو هڪ پرائمري ماستر جو پٽ ڄام، تو اسان جو ليڊر ٿئي!“

افسوس! ڪيڏا نه اسٽيوپڊ ماڻهو سنڌ جي محب وطن شخصيت طور سڃاڻپ رکن ٿا ۽ سنڌ جا حقيقي عظيم ماڻهو گمنام ٿي چڪا آهن. سياسي شعور جي ابتدائي ڏينهن ۾ آئون محترم حفيظ قريشي کي روشن خيال قومپرست اڳواڻ سمجهندو هئس، پر جڏهن سنجيدگي سان مرحوم قريشي صاحب جي چٽرن، لقبن ۽ مشڪرين سان ڀريل تقريرن کي پڙهيو ته پوءِ دل ايتري ڪٽي ٿي پئي، جو جسٽ شيم چوڻ تي مجبور ٿي پيس.

ڪنهن به مها قومپرست، مها دانشور ۽ مها اديب کي اهو حق ناهي، ته هو پيرين اگهاڙن ماڻهن کي پنهنجي ڪِريل طنز ۽ مزاح جو حصو بڻائي. ڪو ”قومپرست“ ڀلي نه مڃي، پر اها حقيقت آهي ته دنيا جي سمورن پيرين اگهاڙن پورهيتن جي هٿن ۽ پيرن جو درد هڪجهڙو آهي. ۽ ها! جن ماڻهن جي هٿن جون لڪيرون هٿوڙن ۽ ڏاٽن گم ڪري ڇڏيون آهن، انهن ماڻهن جا رهبر ۽ سرواڻ به اهي ئي ٿي سگهن ٿا. جيڪي پورهيتن جي هٿن جي گم ٿيل لڪيرن تي پي ايڇ ڊي ڪرڻ جيتري صلاحيت

رکندا هجن. باقي مرحوم حفيظ قريشي صاحب جهڙا ماڻهو بهترين طنز ۽ مزاح نگار تہ ٻڌجي سگهن ٿا. بند ڪمرن ۾ ويهي ڊگها ليڪچر ڏئي سگهن ٿا، پر تتل سج هيٺ ڪنڌا لتاڙي، پورهيت ماڻهن جي لاءِ ڊگهيون جدوجهدون ڪرڻ سندن وس جي ڳالهہ ڪونهي.

مرحوم حفيظ قريشي صاحب جي باري ۾ اهو بہ مشهور آهي تہ استاد رسول بخش پليجي صاحب ۽ شهيد فاضل راهو کيس محب وطن سينيئر سياستدان سمجهي، پورهيت سنڌي عوام جي تنظيم "سنڌي عوامي تحريڪ" جو صدر بڻايو تہ قريشي صاحب سخت تنظيمي ڊسيپلين کي ڏسي، چند ڏينهن اندر استعيفيٰ ڏيئي پڇي ويو هو. سو مون ڳالهہ پئي ڪئي تہ محترم حفيظ قريشي صاحب جي ٽوڪ جي تہ، "ماڻهو سڀ مري ويا، جو هڪ پرائمري ماسٽر جو پُٽ چام، ٿو اسان جو ليڊر ٿئي!." اِها ٽوڪ دراصل طبقاتي نفرت جو هڪ اظهار هو. اِها ٽوڪ ۽ چٿر دراصل دانشوراڻي طبقي جي ذهني ڏڪارپڻي جو هڪڙو ننڍڙو عڪس هو.

محترم حفيظ قريشي کي پورهيت طبقي کان جيتري چڙ هئي، ايتري محبت وري سنڌي وڏيرڪي طبقي سان هئي. ان حوالي سان ڪامريڊ چام، هڪڙو قصو پنهنجي ڪتاب، "سنڌ جي شاگرد جدوجهد" جي صفحي نمبر 76 تي لکيو آهي تہ: "03 نومبر 1968ع تي سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ڪنوينشن ڪرڻ جي ٻئي ڏينهن يونيورسٽي ۾ قانون ۽ آئين جا ليڪا لتاڙيندڙ ڦورو حڪمرانن خلاف جلوس ڪڍيوسين. جلوس جي ٻئي ڏينهن شاگردن خلاف پوليس رڻ ٻاري ڏنو. آخرڪار جيل ۾ سڀ اچي گڏياسين. ٻئي پاسي، حفيظ قريشي، سائين باقر شاهہ، رسول بخش

پليجو ۽ شوڪت سنڌي گرفتار ٿي اچي پهتا. غلام محمد لغاري اڳي ئي هتي موجود هو. حفيظ قريشي صاحب اچي صبح شام منير احمد کي ڪچيون گاريون ڏيڻ شروع ڪيون، چيائين: ”مائي بختاور واري ڪهاڻي ۾ پنجابي وڏيرو ڇو لکيو اٿس؟ چوڌري ڇو نہ لکيائين؟ هنن سرخن ماءُ جي...... ڪي سنڌي وڏيري کان نفرت آهي.“ ان تان آئون ۽ قريشي صاحب تڪا مٺا ٿياسين.“

هن قصي مان اندازو لڳايو تہ حفيظ قريشي جنهن کي محترم جي ايم سيد صاحب. ”ابو الڪلام آزاد“ جي لقب سان نوازيو هو اهو شخص ڪهڙي سوچ جو مالڪ هو!! ان شخص پنهنجي دور جي مشهور ترقي پسند شاگرد اڳواڻ منير احمد (جيڪو سنڌي ادب جي دنيا ۾ ”مانڪ“ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.) کي فقط انهي ڪري ڪچيون گاريون ڏنيون، جو منير احمد سندس اکين جي ٺار طبقي جي توهين ڪئي هئي، جنهن تان ”نسلي غيرت“ پڙڪو کائي اُٿي هئي.

ڪاش اج قريشي صاحب زنده هجي ها، تہ ”مها قومپرست“ کي خط لکي اها ڳالهہ ضرور چوان ها تہ. قريشي صاحب! سوئر سنڌ جو هجي يا پنجاب جو سوئر، سوئر هوندو آهي، ساڳي ريت وڏيرو چاهي دنيا جي ڪهڙي ڪنڊ ڪڙڇ جو هجي، وڏيرو وڏيرو هوندو آهي. هنن قومپرستن منجهہ وڏي ۾ وڏي پٽ اها آهي، جو اهي پنهنجي نسل سان تعلق رکندڙ هر هلاڪو هر هٽلر، هر چنگيز خان کي نورِ نظر سمجهندا آهن. اهو ئي سبب آهي تہ محترم جي ايم سيد صاحب سنڌي وڏيرا شاهي خلاف ڪا بہ مزاحمتي تحريڪ نہ هلائي هئي. تحريڪ هلائڻ پري جي ڳالهہ پر افسوس سنڌ جا غدار مڪار اتڪل باز منافق ۽ قاتل وڏيرا، مير، پير، سردار ۽ ڪامورا شاهہ صاحب جا ذاتي واسطيدار هئا. شاهہ صاحب

جون جگري دوستيون هيون، ان جو وڏو ثبوت سندس لکيل ڪتاب، "جنب گذاريم جن سين" آهي. جنهن ۾ شاهه صاحب وڏيرن ۽ پيرن جي غدارين، ويساهه گهاتين، بدمعاشين ۽ مڪارين تي پردو وجهي، پنهنجي اصل جاگيرداراڻي ۽ پيراڻي سوچ کي ظاهر ڪيو آهي.

خير، ڪامريڊ ڄام پورهيت ديس جو پورهيت شاگرد اڳواڻ هو سٽيپي ماني ڪائيندڙ طبقو کيس قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هو. شاگرد تحريڪ جو ٻن حصن ۾ ٽٽڻ جي ڪيترن سبب مان هڪ سببن اهو به هو ته، ڄام بنهه غريب شاگرد اڳوڻ هو جيڪو مڊل ڪلاسي يوسف لغاري، يوسف ٽالپر، مسعود نوراني ۽ سابق وزيراعليٰ عبدالستار پيرزادي جي پٽ مجيب پيرزادي کي پسند نه هو.

ڪامريڊ ڄام موجب، "مسعود نوراني يونيورسٽي ۾ ٿيندڙ هڪڙي جلسي ۾ تقرير دوران اهو به چئي ڏنو هو ته: "مون کي اوهان شاگردن تي افسوس آهي، جو اوهان اهڙن ماڻهن کي ليڊر ٿا بڻايو. جن جا ڪپڙا ڦاٽل هوندا آهن ۽ جن کي پائڻ لاءِ چپل به ڪونهي."

الاس!! ڪيڏي گهٽيا طنز بيهودو جملو. طبقاتي نفرت جو هڪ نمونو ۽ ڦورو طبقن جي گندي سوچ جو اظهار. البته هن ڳالهه کان مسعود نوراني بخوبي واقف هو ته ڦاٽل ڪپڙن ۽ ڦاٽل چپل وارو شخص ايوب شاهي جي لاءِ ايترو ته خطرو بڻجي چڪو هو جو يونيورسٽي ۾ سندس داخلا تي پابندي وڌي ويئي هئي. يونيورسٽي جي انتظاميه کيس Trouble Create ڪندڙ شخص چوندي هئي، ڇاڪاڻ ته هو ان وقت واحد شاگرد اڳواڻ هو جيڪو ايوب شاهي ۽ سندس دلالن لاءِ مٿي جو سور بڻيل هو.

هو ڪنهن وڏيري، جنرل، ڪرنل ۽ سندس ڇاڙتن جي ڇائنٽ تي

پيشاني ٽيڪائڻ وارو شخص نہ هو. هو زر تي وڪجڻ وارو ضمير نہ هو. هو تہ مارئي جي ديس مان آيل هڪڙو اصول پرست آدرشي ڪامريڊ هو جنهن هر لالچ کي لت هڻي ڇڏي هئي. هن کي خريد ڪرڻ وارو سڪو ايجاد نہ ٿيو هو. هن کي يونيورسٽي جي وائس چانسلر صالح قريشي پنهنجي آفيس ۾ گهرائي چيو هو تہ: ”جام هي 10 هزار روپيا ايڊوانس وٺ ۽ اسڪالرشپ وٺي وڃي انگلينڊ، آمريڪا، ڍاڪا يا پشاور يونيورسٽي پڙهہ. اسان جي جان ڇڏ.“

تڏهن مارئي جي ديس جي قاتل ڪپڙن واري ڪامريڊ پنهنجي کيسي ۾ پيل سگريٽ ڌڪائي ٺهڪ ڏيڻ لڳو. وائس چانسلر ڪاوڙ مان چيو: ”هي ڪهڙي بدتميزي آهي؟“

تڏهن ڪامريڊ جام چيو: ”منهنجي ضمير جي تو قيمت لڳائي، هاڻي پنهنجي وچ ۾ استاد ۽ شاگرد وارو ناتو نہ رهيو سو خير آهي.“

وائس چانسلر ڏسندي ئي رهجي ويو. ڪامريڊ آفيس مان اٿي ڪئمپس آيو. وائس چانسلر بہ ڪاوڙ مان ڳاڙهو ٿي، ڪامريڊ جي ڊپارٽمينٽ ۾ آيو ۽ شاگردن سان مخاطب ٿي چيائين: ”هي ڪهڙو جاهل ليڊر آهي، جيڪو يونيورسٽي طرفان اسڪالرشپ بہ نٿو وٺي؟“

ان تي ڪلاس ۾ ويٺل هڪڙي شاگرد وڏي آواز ۾ چئي ڏنو: ”سَر! هو صالح قريشي ناهي، جام ساقي آهي.“

اهڙي طرح شاگرد تحريڪ مختلف سوچ ۽ فڪر رکندڙ حصن ۾ ورهائجڻ کان پوءِ ڪامريڊ جام پورهيت طبقي ۽ سنڌ سان بيٺو رهيو. هو هاڻي شاگرد تحريڪ ۾ ڪاٻي ڌر جو شاگرد اڳواڻ طور سامهون آيو هو ۽ پورهيت سنڌ جي آزادي جي ڳالهہ ڪري رهيو هو جيڪا ڳالهہ وچولي طبقي سان تعلق رکندڙ شاگردن ۽ ڪن سياسي اڳواڻن کي بنهہ

پسند نہ هئي. ماضي جو نالي وارو قومپرست سياستدان حفيظ قريشي ڪيس هر موڙ هر جلسي ۽ هر ڪچهري ۾ طنزيہ انداز سان سرخو سرخو چئي، سندس بلند حوصلن کي پست ڪرڻ چاهيندو هو پر هي ڪاهوڙي سمجهي چڪو هو تہ طبقاتي نفرت مستقل آهي ۽ اها مختلف روپن منجهہ رهندي آهي، تنهنڪري ان تي افسوس ڪرڻ يا دل شڪستہ ٿيڻ فضول آهي.

مارچ 1968ع جي آخري هفتي ۾ وري ڊي پي آر (Defence of Pakistan rules) جي قانون جي ڀڃڪڙي ڪندي، ڪامريڊ وارن "جيئي سنڌ" جي نالي سان پمفليٽ ڪڍيو. هر طرف وٺ وٺان تي وڃي، شاگرد گرفتار ٿيڻ لڳا هئا. هڪڙي گرفتار شاگرد سچي ڪري ڏني تہ هن ڪم جو اصل ماسٽر مائينڊ ڄام ساقي آهي، سو سرڪار مٿس يڪدم بغاوت جو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو. هو روپوش ٿي ويو پر مسلسل شاگردن جي گرفتاري ۽ مٿن تشدد کي ڏسي، ڪامريڊ پنهنجي گرفتاري پيش ڪئي هئي.

ساڍا چار مهينا جيل ۾ رهڻ کان پوءِ ڪامريڊ ڄام ساقي جڏهن ٻاهر آيو تہ سندس سياسي قد ڪاٺ تمام گهڻو وڌي چڪو هو. هن جيل ياترا کان پوءِ سندس ڳالهين ۾ وزن اچڻ لڳو ۽ شاگرد کيس حقيقي شاگرد اڳواڻ مڃڻ لڳا هئا. ڪامريڊ هن پهري جيل ياترا جو ذڪر ڪندي، پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو هو تہ "بغاوت ڪيس ۾ جيل ۾ رهڻ کان پوءِ اهڙو ماحول جوڙجي چڪو هو جو ڪنهن کي ون يونٽ واري مسئلي تي اعتراض ڪرڻ جي جرئت ئي نہ پئي ٿئي."

ساڍا چار مهينا جيل ۾ رهڻ کان پوءِ ڪامريڊ وري پنهنجي ڇڙوڇڙ ٿيل طاقت کي منظم ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مختلف شهرن جو

سياسي دورو ڪيو ڪافي شهرن ۾ هم خيال شاگردن ۽ انهن پاران قائم ڪيل شاگرد محاذن سان رابطو قائم ڪيائين ۽ سڀني جي گڏيل راءِ سان "سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن" نالي شاگرد محاذ جوڙيو ويو ۽ 03 نومبر 1968ع تي ڪنوينشن گهرائڻ جو اعلان پڻ ڪيو ويو هو. پوري ملڪ ۾ ايوبي آمريت جو خوف ڇانيل هو. هر قسم جي سياسي سرگرمي تي سخت پابندي هئي. اهڙي سخت ماحول ۾ هنن دلير نوجوانن حيدرآباد ۾ ڪنوينشن ڪري، سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (SNSF) جي باڊي چونڊي ۽ گڏيل راءِ سان ڪامريڊ ڄام ساقي کي فيڊريشن جو صدر منتخب ڪيو ويو هو. ڪنوينشن جي ٻئي ڏينهن ڦورو حڪمرانن ۽ سندن ڇاڙتن خلاف يونيورسٽي ۾ جلوس ڪڍيو ويو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ شاگردن شرڪت ڪئي هئي. هن جلوس ڪانپوءِ يونيورسٽي انتظاميه انقلابي شاگردن تي ميڙجي پئي هئي، ايتري قدر جو رات جو 03 وڳي لياقت ميڊيڪل ڪاليج هاسٽل ۾ پوليس جا اٿالا پهچي ويا ۽ ڦاتل ڪپڙن واري ڪامريڊ کي گرفتار ڪري جيل ۾ اچلايائون.

شاگردن جا مسئلا حل ڪرڻ، جمهوريت جي بحالي ۽ ون يونٽ خلاف جلوس ڪڍڻ جي ڏوهه ۾ ٽي مهينا جيل ڀوڳڻ کان پوءِ ڪامريڊ ڄام جيئڻ آزاد ٿي ٻاهر آيو ته هڪ دفعو ٻيهر هڪ انقلابي ڪامريڊ جيان ساڳي واٽ تي پنڌ ڪندي، سنڌ جي مختلف ضلعن جا طوفاني دورا ڪيا ۽ مختلف شهرن سکرنڊ، قاضي احمد، مورو، نوابشاهه، محراب پور، شڪارپور ۽ جيڪب آباد ۾ ڀرپور جلسا ڪري پنهنجو سياسي موقف عوام تائين پهچايو هو.

سال 1969ع سنڌ ۾ سياسي هلچل وارو سال هو. ڏکڻي ننڍ ۾ سٽل سياسي اڳواڻ سوڙون اُڇلائي ميدان تي اچي ويا هئا. ته ٻئي طرف

سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (SNSF) جا نوجوان بہ تيزي سان اڳتي وڌي رهيا هئا. ان جو هڪ وڏو سبب اهو هو تہ ڪامريڊ جي گرفتاري کان پوءِ پنيان موجود تنظيم جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن مايوس ٿيڻ بدران ڀرپور نموني پنهنجون سرگرميون جاري رکيون هيون. ائين هاڻي ڪامريڊ جام ۽ سندس تنظيم جو نالو بيحد مقبول ٿيڻ لڳو هو هن مقبوليت کي ڏسي، ان دور جا ڪيترائي ساڙولي طبيعت جا سياسي اڳواڻ ساڙ ڪائڻ لڳا هئا. ڪامريڊ جام موجب: "شڪارپور ۾ جلسو هجي، حفيظ قريشي صاحب تقرير ڪري رهيو هو تہ مٿان برسات اچي ويئي. جلسو ڦٿڻ لڳو. تہ شاگردن نعرا هڻي مطالبو ڪيو تہ ڪامريڊ جام کي گهرايو. ڪامريڊ جام کي گهرايو. جلسي کان پوءِ قريشي صاحب شيخ اياز کي چيو: "اها هن ڇوڪرن کي چٺي، حرڪت ڪرائي آهي." شيخ صاحب کلي جواب ڏنو: "قريشي صاحب! جام حياتي ۾ پهريون دفعو هتي آيو آهي."

ڪامريڊ جام تيزي سان نہ رڳو شاگردن، پر ان سان گڏوگڏ پورهيت عوام جو ليڊر بڻجي اڳيان اُڀري رهيو هو. ماڻهو ساڻس بي انتها محبت ڪرڻ لڳا هئا ۽ سمجهڻ لڳا هئا تہ هي قاتل ڪپڙن وارو جوان ئي سندن خيالن جي حقيقي نمائندگي ڪري رهيو آهي. ماڻهن جي محبت جو اندازو هن واقعي مان ئي لڳائڻ گهرجي، جڏهن هالا ۾ جلسي مان هڪڙو لليجو ڪامريڊ جام جي کيسي مان 50 روپيا ڪڍي ويو. تہ ڪامريڊ سخت پريشان ٿي ويو هو. ڇاڪاڻ تہ وٽس هئا ئي 50 روپيا. ڪامريڊ يڪدم جلسي جي اسٽيج سيڪريٽري رفيق ميمڻ کي چيو: "اسٽيج تي اعلان ڪر. ڪو شخص منهنجا 50 روپيا ڪٽي ويو آهي، مهرباني ڪري واپس موٽائي ڏئي، ڇاڪاڻ تہ مون وٽ

پاڙي جا پئسا بہ ڪونهي.“

اسٽيج سيڪريٽري اهو ئي اعلان ڪيو، تہ للي جو روئندي ڪامريڊ وٽ آيو ۽ چيائين: ”سائين! مون کي اها حرڪت ڪندي اوڏي مهل رڳو توهان جو ڪيسو نظر آيو هو، توهان نہ. مون کي بعد ۾ شرم آيو هي پئسا وٺو ۽ مون کي معاف ڪريو.“

ڪامريڊ جي ڀرپور عوامي مقبوليت کي ڏسي، سندس مخالف ٽولو بوکلاهٽ جو شڪار ٿي چڪو هو. يوسف لغاري، مسعود نوراني ۽ مجيب پيرزادو سان گڏوگڏ سنڌ جا ڪڙپيل ڪڙپيل سياسي اڳواڻ ٽر جي هن پورهيت ڪلاس سان تعلق رکندڙ نوجوان کان ڪافي ساڙولا هئا، پر ڪامريڊ جام کي لوڏي نہ پئي سگهيا. هو پنهنجي آدرش تي ڪارونجهر جبل جيان اڏول ٿي بيٺو رهيو سندس هن سچائي، جرئت، ثابت قدمي ۽ انقلابيت جو اعتراف 20 هين صدي جي عظيم شاعر شيخ اياز پنهنجي ڪتاب ”ساهيوال جيل جي ڊائري“ ۾ پڻ ڪيو آهي. شيخ اياز لکي ٿو تہ: ”هڪ ڀيري مون حيدرآباد ۾ ”سنڌي شام“ جي صدارت ٿي ڪئي، تہ منهنجي روبرو شاگرد رهنما جام ساقي کي نياپو مليو هو تہ هن کي حيدرآباد جو ڊپٽي ڪمشنر ٿو سڏي جنهن تي جام وراڻيو: ”هونئن تہ مون کي اجڪلهہ ايتري فرصت نہ آهي، جو ڪنهن ڊپٽي ڪمشنر سان ملي سگهان. بهرحال جي هن کي مون سان ملاقات جو ايترو شوق آهي، تہ پاڻ هيڏانهن هليو اچي يا ڪنهن ڪاري قلم هيٺ منهنجي گرفتاري جو وارنٽ موڪلي.“

(ڪتاب: ساهيوال جيل جي ڊائري، ليکڪ. شيخ اياز، صفحو 108، نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدر آباد 1986ع)

مسلسل سياسي سرگرمين ۽ جيل ياترائن سبب ڪامريڊ کان

پنهنجو اباڻو گهر ڇڏڻ وسري چڪو هو. پورو سال ٿيو هو ڳوٺ نـہ ويو هو. ڪامريڊ مارچ 1969ع جي ٻئي هفتي ڳوٺ ويو ڪجهہ ئي ڏينهن ڳوٺ رهيو پر سندس من منجهہ ظالم سان نفرت ۽ انقلاب جي چڻنگ ٻري رهي هئي، سو هو واپس حيدرآباد آيو. فيڊريشن جي ساٿين فيصلو ڪيو تـہ يڪائي جي ميلي تي ڪا سياسي سرگرمي ڪجي. ٻئي طرف عوامي دٻاءُ ڪان ڊڄي، جنرل ايوب خان گهر پيڙو ٿي چڪو هو. ان جي جاءِ تي ٻيو بندوق بردار فوجي جنرل يحيٰ خان اقتدار جي ڪرسي تي چُهٽي پيو. هن بہ ملڪ ۾ مارشل لا جاري رکي، ڪا سرعام سياسي سرگرمي ڪرڻ انتهائي ڏکيو عمل هو. وک وک تي ”مارشل لائي جهڙتي باز“ بيٺل هوندا هئا. مٿو ڦريل ڪامريڊن ڇا ڪيو هڪڙو ٽڪندو بيج ٺاهيو ۽ پمفليٽ لکيو. جنهن ۾ هڙئي اهي نعرا لکيل هئا، جيڪي حڪمران طبقي لاءِ گار برابر هئا. ڪامريڊن ميلي ۾ وڃي، بيج ۽ پمفليٽ ورهائڻ شروع ڪيائون. اوچتو ڳجهن ادارن جي همراهن کي خبر پئجي ويئي. مير ٿيبو مهر حسين شاهہ، مسعود پيرزادو، عبدالحئي پليجو ۽ رفيق صفي موقعي تي گرفتار ٿي ويا. ڪامريڊ ڄام کسڪڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ وڃي هالا پهتو. هالا مان حيدرآباد پهتو. هتي سيني شاگردن فيصلو ڪيو تہ ڪجهہ عرصي لاءِ ٽڙپکڙ ٿي وڃجي. ڪامريڊ ڄام حيدرآباد کان سانگهڙ هليو ويو ۽ اتي وڃي پنهنجي هڪ دوست انور محمود نظاماڻي وٽ ترسيو سڄي رات سياسي ڪچهري هلي، صبح جڏهن ڪامريڊ ڄام انور نظاماڻي سان گڏ شهر اچي رهيو هو تہ سندس پنيان پيل ”ملڪ جي اصل وارثن“ جي سپاهين کيس گرفتار ڪري حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ بند ڪيائون. ڪامريڊ جيل ۾ بہ خاموش نـہ وينو جيل ۾ ون يونٽ خلاف مسلسل

نعري بازي ڪرڻ تي ڳجھن ادارن رپورٽ وڏي سرڪار ڏانھن موڪلي، تنھن کان پوءِ يڪدم آرڊر نڪتو تہ ڪيس پشاور سينٽرل جيل موڪليو وڃي.

اھڙي ريت ڪامريڊ کي پشاور سينٽر جيل منتقل ڪيو ويو مٿس وڏو پھرو مقرر ڪيو ويو ھو. ڪامريڊ ڄام موجب، ”مون تي ايڏو وڏو پھرو مقرر ڪيو ويو ھو جو جڏھن پشتو زبان جي وڏي شاعر ۽ سياسي اڳواڻ اجمل خٽڪ کي منھنجي گرفتاري جي خبر پئي، تہ اجمل خٽڪ ملاقات ڪرڻ جون وڏيون ڪوششون ڪيون، پر ڪيس ملاقات ڪرڻ نہ ڏني ويئي ھئي، ڇاڪاڻ تہ آئون مارشل لا جي دفعا 19 جو قيدي ھئس.“ واضح رھي تہ ھي قلم ون يونٽ جي مخالفن لاءِ وقت جي ڦھري حڪومت جوڙيو ھو. ڪجھ ئي ڏينھن اندر جيل ۾ موجود نيشنل عوامي پارٽي جي ڪجھ ھمدرد ماڻھن جي ڪري جيل انتظاميہ جو مٿس رويو ڪجھ ٺڏو ٿيو تہ يڪدم ڪامريڊ ڄام جيل مان پنھنجي دوستن سان خط و خطابت ڪرڻ لڳو ڪين جدوجھد تيز ڪرڻ، ھمت نہ هارڻ جون ھدايتون ڏيندو رھيو. پر مٿس سخت پھرو ھو. اھڙي صورتحال کي ڏسي جيل ۾ موجود ھڪ سياسي ڪارڪن پڇيو تہ ”ڪامريڊ ڄام! ٻڌو آھي تہ ڪافي ليڊر معافي نامہ لکي آزاد ٿي رھيا آھن. حڪومت جو بہ ڪجھ رويو سياسي ڪارڪنن لاءِ ٺڏو ٿيو آھي، پر توھان تي ايترا پھرا ڇو؟“

ٺڏھن مارئي جي ديس ٿر جي پورھيت ڪامريڊ، ان شخص کي پنھنجون تازيون لکيل سٽون ٻڌايون:

تو ۾ مٺي ملير جي، توکي ڄٽيو پورھيت ماءُ،
ڪنڌ مَ جھڪائج ڪڏھن، سر ويو سھساءُ،
توکي جيڏا گھاءُ، اوڏو منھنجو من ۾ تون.

هن عرصي ۾ ڪامريڊ ڄام کي شاگرد سياست ۾ سرگرم هڪ ڪردار عبدالحئي پليجي طرفان لکيل هڪ خط ذريعي پتو پيو ته "يونيورسٽي انتظاميه پاران ڪيس ريسٽيڪيٽ ڪيو ويو آهي." ريسٽيڪيٽ جو اطلاع ملڻ کان پوءِ ڪامريڊ ڄام مايوس ٿيڻ بدران عبدالحئي کي جوابي خط ۾ لکيو. "سنا ياءُ! ڪالهه تنهنجو خط مليو... جاني تو لکيو آهي ته وي سي اسان کي ريسٽيڪيٽ ڪيو. اهو ٿيڻ وڏي ڳالهه ناهي، پياري وطن جي آزادي ۽ ان جي لکين پورهيتن جي خوشحالي لاءِ اسين زندگي مان ريسٽيڪيٽ ٿيڻ لاءِ تيار آهيون. هي ته يونيورسٽي آهي."

ڪامريڊ ڄام ساقي، جنهن کي هڪ پورهيت ماستر سچل جنجهي ڳوٺان پڙهڻ لاءِ موڪليو هو. اهو پنهنجي ديس جي پورهيتن جي حقيقي آزادي واري ويڙهه ۾ لهي چڪو هو. هن لاءِ يونيورسٽي مان ريسٽيڪيٽ ٿيڻ هڪ معمولي خبر هئي، ڇاڪاڻ ته آزادي ۽ انقلاب جي راهه تي سفر ڪندڙ ڪاهوڙين کي پتنگن جيان پنهنجي انجام جي مڪمل خبر هوندي آهي، پوءِ به اهي پنهنجي محبوب ديس جي نجات لاءِ پاڻ کي آگ حوالي ڪندا آهن. 13 آگسٽ 1969ع تي ڪامريڊ ڄام جو عبدالحئي پليجي کي لکيل خط. سندس ثابت قدمي، حوصلي ۽ جرئت جو هڪ بهترين ثبوت هو. هڪ شاگرد لاءِ پنهنجي تعليمي اداري مان ريسٽيڪيٽ ٿيڻ هڪ وڏي ڏک جهڙي ڳالهه هوندي آهي، پر ڪامريڊ انتظاميه جي هن آمرانه رويي ۽ عمل کي نظرانداز ڪندي، پنهنجي خط ۾ عبدالحئي کي پنهنجي ساٿين ۽ تنظيمي خبرچار موڪلڻ جي حوالي کان وڌيڪ لکيو هو ته "منهنجي حال جو قدر ڪر ۽ گرفتارين جو تفصيل ۽ ٻيو احوال موڪل. سڄي سنڌ جي برانچن

ڪي لکوءِ ڪين هدايت ڪريو تہ ڳوٺن ۾ پکڙجي وڃن.“

خط اندر مختصر لفظن ۾ ڪيڏي نہ محبت، همت، حوصلو ۽ جدوجهد لاءِ تڙپ سمايل آهي. آمر يحيٰ خان جي هيبت ناڪ دور ۾ پشاور سينٽرل جيل ۾ قيد 22 سال جو ٽري نوجوان، واريءَ جيان وکرڻ بدران پنهنجي سرخ آدرش سان نياءُ ڪندي، پنهنجي قافلي جي خبرچار وٺي ٿو ۽ پنهنجي گهر، يونيورسٽي ۽ عزيزن کان وڌيڪ پنهنجي ديس ۽ ان ۾ رهندڙ ڪروڙين پورهيتن جي ٿياس تي ٽنگيل زندگين جي نجات واري سخت جدوجهد لاءِ فولادي عزم ظاهر ڪري ٿو. ان سان گڏوگڏ هن ٿي خط ۾ ڪامريڊ ڄام پنهنجي ابي جيڏي ڄمار رکندڙ محترم جي ايم سيد جي عجيب طرزِ سياست تي شديد پشيمان ٿيندي لکي ٿو تہ: ”کهڙي (ايوب کهڙي) جي خلاف شاگردن جي مظاهري جي خبر پڙهيم. خوشي ٿي، پر اهو سمجهہ ۾ نہ آيو تہ جي ايم سيد کهڙي جي دعوت ڪيئن ڪئي!؟..... پارلياماني نظام ۾ ۽ ان جي وزارتن جي آسري ۾ سيد کي شايد وري بہ پارلياماني نظام ۾ 37 هين وزارت ڏاهڻ يا ٺاهڻ جو پراڻو شوق جاڳيو آهي.“

(ڪتاب: سنڌي شاگرد سياست، ليکڪ، عبدالحئي پليجو صفحو نمبر 162، مومل پبليڪيشن ڄنون 2016ع)

اها ڳالهہ سچ جيان چٽي آهي تہ محترم جي ايم سيد جي سياست تي جاگيرداراڻي مزاج جو رنگ چٽو هو. سيد شروع کان جاگيرداراڻي ذهنيت رکندڙ ماڻهو هو. سنڌي هندن جا قاتل ۽ ون يونٽ جا خالق خانبهادر ايوب کهڙو ۽ پير علي محمد شاهہ راشدي جي ايم سيد جا لختِ جگر يار هئا. سيد تہ انهن غدارن کي ون يونٽ مخالف محاذ ۾ شامل ڪرڻ جي تجويز پيش پڻ ڪئي هئي، انهي تجويز جي ڪامريڊ

حيدربخش جتوئي، ڪامريڊ غلام محمد لغاري، سيد باقر حسين شاهه رسول بخش پليجو ۽ شهيد فاضل راهو سان گڏ ڪامريڊ ڄام به سخت مخالف ڪئي هئي. بعد ۾ جي ايم سيد ون يونٽ جي خالق کهڙي ۽ راشدي کي ون يونٽ مخالف محاذ ۾ آڻڻ تي ٻنهي ڌرين بيهي رهيو. ته ڪامريڊ ڄام پنهنجي ساٿين سميت محاذ مان نڪري ويو هو.

هتي نوٽ ڪرڻ جهڙي ڳالهه اها آهي ته سيد ٻن غدارن جي ڪري سڄي محاذ کي تيلي ڏيئي تباهه ڪري ڇڏيو هو بعد ۾ چند شاگردن ۽ ٻن غدارن سان گڏجي محاذ جون آفيسون کوليندو رهيو. حيدرآباد واري آفيس جو افتتاح خانبهادر ايوب کهڙي ۽ پير علي محمد شاهه راشدي ڪيو هو. ان جو اکين ڏٺو شاهد جڳ مشهور شاعر امداد حسيني حالِ حيات آهي.

محترم جي ايم سيد مرحوم جي هن طرزِ سياست تي ڪامريڊ ڄام ساقي پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ زبردست ڳالهه ڪئي هئي ته: "مون کي هڪڙي همراهه چيو ته. "سائين جي ايم سيد ڏاڍيون غلطيون ڪيون آهن، جن سان سنڌ کي ڏاڍو نقصان پهتو آهي." جنهن تي مون چيو. "هائو پر سائين ڪابه هڪ غلطي اهڙي ناهي ڪئي، جنهن مان وڏيري طبقي کي نقصان پهتو هجي."

وڏي ڳالهه سيد پنهنجي لڳ ڪاندارينڊڙ غلطين جو اعتراف پاڻ به ڪيو هو ۽ هن هڪ دفعي ڪامريڊ ڄام کي منهن تي چٽي ڏنو هو ته. "منهنجي لاءِ پنجاب جا جنرل، چوڌري ۽ سرمائيدار وڌيڪ قابلِ برداشت آهن، بنسبت پنجاب جي هارين ۽ مزدورن ڪان."

واضح رهي ته جي ايم سيد جي اها ڳالهه ڪامريڊ ڄام ساقي سيد جي زنده هجڻ دوران هفتيوار سنڌو ميگزين (22 مارچ 1990ع)

کي ڏنل هڪ انٽرويو ۾ ڪئي هئي. انور ابڙو ۽ مرتضيٰ سيال کي ڏنل هن انٽرويو ۾ ڪامريڊ اها به ڳالهه ڪئي هئي ته سيد جي ان بي ٽُڪي ڳالهه جو مون پڙ تي جواب ڏيندي چيو هو ته: "سائين! ان ۾ ڪا حيران ٿيڻ جهڙي ڳالهه ئي ڪونهي. منهنجي لاءِ منهنجو طبقو توهان لاءِ توهان جو طبقو. توهان کي پنهنجو طبقو وڏيڪ برداشت آهي، نيڪ آهي. اها ڪا نئين ڳالهه ڪونهي."

خير، پاڻ هلون پنهنجي اصل موضوع طرف ته ڪامريڊ ڄام پشاور جيل جي ديوارن اندر قيد هو پر سندس موقف ۾ ڪنهن به قسم جو قيرقار نه آيو هو. ٻئي طرف ملڪ ۾ هُل هنگامو هو. ملڪ جو عوام ڪجهه سجاڳ ٿي چڪو هو سياسي احتجاجن ۽ اخبارن ۾ ڪامريڊ ساقي جي آزادي جا بيان اچڻ شروع ٿي چڪا هئا. آخرڪار پنج مهينن کان پوءِ جنرل يحيٰ خان جي حڪومت پاران سياسي قيدين لاءِ "نام نهاد خير سگالي" واري آرڊر تحت ڪامريڊ ڄام ساقي کي به آزاد ڪيو ويو هو.

ڪامريڊ چند ڏينهن ڳوٺ رهيو پر ووٽر لسٽون سنڌي ۾ ڇپايو واري تحريڪ شروع ٿي چڪي هئي. ڪامريڊ پنهنجي ساٿين سميت ڀرپور نموني تحريڪ ۾ شرڪت ڪئي هئي. هن تحريڪ جي يادگار واقعن مان هڪ واقعو هي آهي ته ٽنڊو الهيار جي پورهيت جان محمد عباسي جو پٽ نذير عباسي، جيڪو شروع ۾ بسن اندر ڇولا وڪڻندو هو بعد ۾ ٽنڊو الهيار ۾ ناڪي منشي واري نوڪري به ڪيائين. ان نوجوان مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد ۾ داخلا ورتي هئي. هتي هن پنهنجو گهرو تعلق "ماروئڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن" سان جوڙيو. جڏهن ماروئڙا اسٽوڊنٽس فيڊريشن ۽ سنڌ

نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (SNSF) جي ساٿين گڏجي ووٽر لسٽون سنڌي ۾ ڇپايو تحريڪ جي حوالي کان حيدرآباد جي گاڏي کاتي واري علائقي ۾ بک هڙتالي ڪئمپ لڳائي هئي، تہ نوجوان نذير عباسي بہ بک هڙتال تي ويٺو هو. هو بک هڙتال تي ويٺل سمورن ساٿين ۾ ننڍي ڄمار وارو ساٿي هو سندس ڄمار 17 سال هئي. اهڙي ريت جڏهن بک هڙتالين کي پوليس گرفتار ڪري جيل ۾ بند ڪيو اتي ڪامريڊ نذير جون سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي مختلف اڳواڻن سان تفصيلي ڪچهريون ٿيون هيون ۽ پوءِ ڪامريڊ نذير ايس اين ايس ايف، جو حصو ٿي ويو ۽ ساهہ جي آخري هڏڪي تائين پنهنجي پارٽي سان سچو بيٺو رهيو.

سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (SNSF) ايڏي ڀرپور نموني سان ووٽر لسٽون سنڌي ۾ ڇپايو واري تحريڪ جو حصو ٿي ويئي هئي، جو وقت جي سرڪار کي هڪ دفعو ٻيهر ڪامريڊ ڄام کي گرفتار ڪرڻو پئجي ويو. ڪيس ٺنڊي ڄام ۾ جلوس دوران تقرير ڪندي گرفتار ڪيو ويو هو. مارشل لا تحت ڪامريڊ ڄام ۽ سندس ساٿي علي اڪبر بروهي کي هڪ سال جي سزا ڏيئي، کين سينٽرل جيل حيدرآباد، ڪراچي ۽ پوءِ مچ جيل بلوچستان موڪليو ويو هو. مچ جيل مان 3 ڊسمبر 1969ع تي ڪامريڊ ڄام ساقي، پنهنجي ساٿي مير ٿيٻو کي هڪ خط لکي، انتهائي ڇرڪائيندڙ ڳالهہ ڪئي هئي تہ "منهنجي گرفتاري پٺيان يوسف ٽالپر ۽ مسعود نوراني ملوث آهن." هن خط ۾ ڪامريڊ وڏيڪ لکي ٿو تہ "هن دفعي جي گرفتارين ۾ رڳو پنهنجا ساٿي گرفتار ٿيا آهن، جن ۾ مهر حسين شاهہ، عزيز مهراڻوي، ٻڏو ۽ عاقل وارا. منهنجي خيال ۾ ان جو سبب هي آهي تہ سڄي سنڌ ۾ هن جدوجهد جو

مرڪز سنڌ يونيورسٽي هئي، ان ڪري ان جي رهنمائن کي گرفتار ڪيو ويچي. تنهنجو ۽ نديم جو بچي وڃڻ بہ مجبوري هئي، ڇاڪاڻ تہ ماڻهو ڪانئن سوال ڪن ها تہ. "توهان ڇو پيا گهمو ۽ رڳو سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن وارا ڇو پيا گرفتار ٿين؟" ان هوندي بہ ٽنڊو ڄام ۾ مون سان گڏ نڪرين ها، تہ تون اندر هجين ها."

(ڪتاب: نوجوان ساٿين ڏانهن، ليکڪ، ڄام ساقي، صفحو نمبر، 23 کان 24، ايس اين ايس ايف پبليڪيشن حيدرآباد 1970ع)

واضح رهي تہ ڪامريڊ جي هن انڪشاف تہ: "يوسف ٽالپر ۽ مسعود نوراني صاحب سرڪاري ماڻهو آهن." اُن جي جواب ۾ يوسف ٽالپر ۽ مسعود نوراني جو موقف ڳولڻ لاءِ، مون سندن ڪافي انٽرويو اٿلايا، پر ان الزام جي ترديد ڪٿي بہ نہ ملي. هونئن بہ ڏٺو ويچي تہ شاگرد تحريڪ جي ٿين لهر، جيڪا ڪامريڊ ڄام ڏُڪائي هئي، انهي لهر مان نڪتل ڪافي شاگرد اڳواڻ ٿوري ئي عرصي ۾ سٺين عهدن تي وڃي پهتا، پر سٺ جي اڳواڻ ڪامريڊ ساقي جي حصي ۾ روپوشيون، جيل، ٽارچر سيل ۽ ڪورٽون آيون.

بهرحال ملڪ جي تيزي سان بدلجندڙ سياسي صورتحال سبب حڪمرانن سياسي قيدين تي ڪجهہ نرمي ڪئي ۽ ڪامريڊ ڄام ساقي کي هڪ مهيني کان پوءِ آزاد ڪيو ويو هو. آزاد ٿينديءَ ئي ڪامريڊ ساقي هڪ پريس بيان جاري ڪيو هو تہ. "حڪومت جلد سمورن ريلوي اسٽيشنس تي سنڌي ۾ نالا لکرائي، ٻئي صورت ۾ اهي نالا اسان لکنداسين." مقرر تاريخ تائين حڪومت ائين نہ ڪيو. جنهن کان پوءِ فيبروري 1970ع ۾ ڪامريڊ ڄام سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (SNSF) جي ڪارڪنن سان گڏ حيدرآباد ريلوي اسٽيشن

جو نالو سنڌي ۾ لکي، هن تحريڪ جو افتتاح ڪيو پوءِ سڄي سنڌ جي بلوي اسٽيشنن تي سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (SNSF) جي ڪارڪنن سنڌي ۾ نالا لکيا هئا.

هڪ طرف ڪامريڊ ساقي شاگرد جدوجهد جي ميدان ۾ اول صف ۾ هو ۽ حڪمرانن لاءِ اک جو ڪنڊو هو ته ٻئي طرف هميشه جيان پنهنجا ئي سندس منظم شاگرد تنظيم "سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن" ۾ ڏار وجهڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هئا. ڪامريڊ جڏهن پشاور جيل ۾ قيد هو ته ،سنڌ جي لوٽا ڪريسي سياست جو مشهور ڪردار شاهه محمد شاهه، محترم جي ايم سيد جي هُشي تي سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (SNSF) ۾ "فارورڊ بلاڪ" ٺاهڻ لاءِ نيچ حرڪتون ڪري رهيو هو پر هو ناڪام ويو. شاهه محمد شاهه ۽ان ايس اين ايس ايف ۾ ڏار وجهڻ لاءِ سنڌي شاگردن منجهه اها پروپئگنڊا ڪئي هئي ته، "ڄام ساقي سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن ڪي مهاجرن جي تنظيم ناهي ڇڏي آهي. هو نعپ ۾ ويٺل ڪميونسٽن جي اشارن تي هلي ٿو."

ڪامريڊ ڄام موجب، "شاهه محمد شاهه ٽولي جي ڪوڙي پروپئگنڊا پٺيان جي ايم سيد جو آشيرواد هو." واضح رهي ته هن عرصي ۾ جي ايم سيد نيشنل عوامي پارٽي (نعپ) کي ڇڏي چڪو هو ۽ هو نعپ ۾ ويٺل ترقي پسندن جو ڪٽر مخالف بڻجي سامهون آيو هو. جڏهن ته سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي نوجوانن جو نعپ ۾ شامل ترقي پسند اڳواڻن سان همدردانه تعلق هو ۽ اهي نعپ جي ترقي پسند اڳواڻن سان گڏجي، ون يونٽ مخالف جدوجهد ۾ شريڪ هئا. اها ڳالهه سيد جي انا کي چئلينج ڪري رهي هئي، سو هن پهرين شاگردن

کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ ”سنڌ استوڊنٽس ڪلچرل آرگنائيزيشن“ ٺاهي، پر اتان ڪا بهتر موٽ نہ ملڻ ڪان پوءِ اها پروپئگنڊا شروع ڪري ڇڏي هئي تہ. ”ڪامريڊ ڄام قومن جي وجود کان انڪاري آهي. هو ”پناهگيرن“ جو ايجنٽ آهي.“

مرحوم جي ايم سيد جي ڪيترن ئي چالاڪين ۽ سازشن باوجود ڪامريڊ ڄام ۽ سندس ترقي پسند شاگرد تنظيم تي ڪو فرق نہ پيو هو. پر جڏهن ڪامريڊ ووٽر لسٽون سنڌي ۾ ڇپايو واري تحريڪ دوران مچ جيل ويو تہ پنيان پيهر شاهہ محمد شاهہ پنهنجي چند ٺاٺوٽس سان گڏجي سنڌ نيشنل استوڊنٽس فيڊريشن (نيشنلسٽ گروپ) ٺاهيو پر ڪامريڊ جي مقبوليت اڳيان سن جو شاهہ بيهي نہ سگهيو. هو جلد وڪري ويو اجڪلهہ تختِ لاهور جو درباري آهي.

هن دور ۾ سنڌ نيشنل استوڊنٽس فيڊريشن (SNSF) سنڌ جي ترقي پسند ۽ سوشلسٽ سوچ رکندڙ شاگردن جي تنظيم طور ابري سامهون آئي هئي. سنڌ نيشنل استوڊنٽس فيڊريشن جا نوجوان هڪ پارٽي جيترو ڪم ڪري رهيا هئا، اهي هر چيخ سان گڏ آواز ملائي رهيا هئا. ان سان گڏوگڏ سنڌ نيشنل استوڊنٽس فيڊريشن (SNSF) سنڌ جي شاگردن جو واحد محاذ هو. جنهن سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ ڀائيچاري، رواداري ۽ ثقافتي هم آهنگي واري فضا پيدا ڪئي هئي ۽ کين پنهنجي تنظيم ۾ شامل ڪري، ون يونٽ ٽوڙڻ ۽ سنڌي ٻولي قومي ٻولي واري جدوجهد ۾ شامل ڪيو هو. جڏهن تہ هن دور ۾ جي ايم سيد صاحب سنڌي مهاجر نفرت جو اهم چئمپين هو. سندس نظريو ”پنجابي پناهگير سامراج“ مان لفظ پناهگير الطاف حسين جي ملاقات کان پوءِ نڪتو هو.

بهرحال 1970ع ۾ فيڊريشن جو ساليانو اجلاس ٿيو جنهن ۾ مهر حسين شاهه کي صدر ۽ مير ٿيٻو کي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو ۽ ڪامريڊ ساقي هارين کي منظم ڪرڻ لاءِ هڪ ڏکهي انقلابي جدوجهد جو اعلان ڪيو هو. ڪجهه هفتن اندر ڪامريڊ ساقي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سان گڏجي ”شاگرد، هاري ۽ مزدور عوامي رابطا ڪميٽي“ ناهي ۽ پنهي ڪامريڊن پنهنجن انقلابي ساٿين سان گڏجي سڪرنڊ ۾ هارين جي تاريخ ساز ڪانفرنس ڪرائي هئي.

ڪامريڊ هاڻي سنڌ جي پورهيت سياست جو وڏو انقلابي نالو بڻجي اڀريان آيو هو. هو ڏينهن رات شاگردن، مزدورن ۽ هارين کي سياسي طور منظم ڪرڻ واري جدوجهد ۾ مصروف ٿي چڪو هو. 1970ع ۾ جڏهن ملڪ جي فوجي حڪمران يحيٰ خان عوامي دٻاءُ ۽ ملڪ ۾ برقرار ايجٽيشن جي لهر کان ڊڄي، ون يونٽ کي ٽوڙڻ ۽ پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو عام چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو ته ڪامريڊ ڄام پنهنجي اباڻي ڳوٺ واري تڪ تان صوبائي اسيمبلي جي چونڊ وڙهيو سندس مقابلو راڻي چندر سنگهه سان ٿيو هو.

ٿرپارڪر ۾ هي پهريون دفعو ٿيو هو جو صدين کان عوام کي ڪيڙا ماڪوڙا سمجهندڙ راڻا جاگير کي هڪ ماستر جي پٽ للڪاريو هو ۽ سندن ڪنن تي پيرين اگهاڙن ٿرين جا نعرا گونجيا هئا. ”تانجو ساٿي، مانجو ساٿي، ڄام ساقي، ڄام ساقي.“ ڪامريڊ صدين کان عوام کي هيسائي ويٺل پوتارن جي محلن کي لوڏيو هو هو اليڪشن نه کٽي سگهيو پر رات جي اونداهي ۾ هڪڙو ننڍڙو شعور جو ڏيئو ضرور ٻاري ويو هو.

***

بنگال، پنوءِ جام ساقي

چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جنرل يحيٰ خان 1971ع ۾ پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو عام چونڊون ڪرايون، تہ بنگالي وڏي اڪثريت سان سوڀارا ٿيا هئا، پر ملڪ جي حاڪم فوجي ٽولي چونڊن جي نتيجن کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. نتيجي ۾ ڪارسڙي رنگ ۽ ننڍي قدبت وارن بنگالين احتجاج ڪيو. تہ جواب ۾ بنگالي عوام تي فوجي آپريشن شروع ڪيو ويو هو. ڍاڪا يونيورسٽي کان شروع ڪيل آپريشن پوري بنگال ۾ پکيڙيو ويو. ڳولي ڳولي ڳوپ جمهوريت پسند بنگالين کي بيدردي سان ماريو ويو. فوج سان گڏ ان وقت اسلام جون ٺيڪيدار تنظيمون البدر ۽ الشمس بہ پهرين صف ۾ هيون. اهو لڱ ڪانڊاريندڙ داستان هڪ بنگالڻ ليکڪ جهان آرا امام ڊائري جي صورت ۾ لکيو آهي، جيڪو ڪتاب جون 2012ع ۾ "اڪتهر ڪي وه دن" جي نالي سان اردو زبان ۾ پڻ شايع ٿيو هو. هي ڪتاب هڪ ديس جو ڪيڏارو آهي. چيو وڃي ٿو تہ 30 لک بنگالين کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو. عورتن جون عزتون لٽيون ويون، بربريت جي ايتري بازار گرم هئي، جو بنگالين جي محبوب ليڊر شيخ مجيب الرحمان کي ڍاڪا مان گرفتار ڪري، فيصل آباد (پنجاب) ۾ قيد ڪيو ويو ۽ سندس 90 سالن جي پوڙهي پيءُ ۽ 80 سالن جي امڙ اڳيان سندن گهر کي باهہ ڏيئي ساڙيو ويو هو.

سو هڪ طرف اولهہ پاڪستان جي فوج اوپر پاڪستان ۾ بربريت جي نئين تاريخ رقم ڪري رهي هئي، تہ وري بقايہ پاڪستان ۾ اظہار جي آزادي مضبوط زنجيرن ۾ جڪڙيل هئي. آواز تي سختي هئي، لکڻ تہ بنھہ مشڪل ۽ اوکو ڪم هو. بنگالين جي حق ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ تہ پري، پر ڪنهن بنگالي سان گڏ هلڻ بہ ملڪ دشمني جي دائري ۾ ايندو هو. وقت جي جابر جي دهشت سبب ماڻهو پبلڪ ٽرانسپورٽ واري ڊٻين ۾ بہ بنگالين سان گڏ ويهڻ پسند نہ ڪندا هئا. متان هندستاني يا روسي ايجنٽ جو ٺپو لڳي وڃي. وڪ وڪ تي "جهڙتي باز" ويٺل هوندا هئا. تنهن ڪري سڀ مها جمهوريت پسند، ڪميونسٽ، قومپرست ۽ ترقي پسند سياسي اڳواڻ، اديب، شاعر ۽ دانشور چُپ جو روزو رکي ويٺا هئا ۽ ڍاڪا ۾ رت جو درياهہ وهي رهيو هو.

مون پراڻين اخبارن ۽ رسالن جي وڏي ڇنڊ ڇاڻ ڪئي، تہ جيئن خبر پوي تہ بنگالين خلاف ڪيل وحشي آپريشن ۾ ڪير ڪٿي بيٺو هو. پر افسوس سان چوڻو ٿو پوي، تہ ڪنهن بہ مها ڪميونسٽ، ڪنهن بہ مها جمهوريت پسند، ڪنهن بہ مها قومپرست ۽ ڪنهن بہ مها ترقي پسند ڪو سخت ردِ عمل نہ ڏيکاريو هو. بنگالين جي آواز سان گڏ آواز ملائڻ تہ پري جي ڳالهہ، پر ڪو سخت مزاحمتي اخباري بيان بہ جاري نہ ڪيو. اهو ئي سبب هو تہ جڏهن محترمہ بينظير ڀٽو پنهنجي دور ۾ "بين الاقوامي اهلِ قلم ڪانفرنس" سڏرائي هئي، تہ بنگلاديش مان آيل اديبن هن ڳالهہ تي سختي سان زور ڏنو هو تہ "بنگلاديش ۾ پاڪستاني فوج پاران بنگالين جي بيدردي سان ٿيل ڪوس تي ترقي پسند پاڪستاني اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جي مُجرمانہ ماٺ تي، اڄ ڪين معافي وٺڻ گهرجي." پوءِ طاهرہ مظهر علي اُٿي بيٺي ۽ هن بنگالي اديبن ۽ عوام ڪان معافي ورتي هئي.

مون کي اڄ بہ هن ڳالهہ تي تعجب آهي تہ پاڪستان جي ترقي پسند تحريڪ جو بنگال آپريشن تي مجرمانہ ماٺ جو آخر سبب ڇا هو؟ هيڏو سارو وحشي آپريشن جاري هو، فيض احمد فيض کان ويندي شيخ اياز تائين سڀ وڏي قد ڪاٺ وارا ترقي پسند حضرات چپ ڇو وٺيو ويٺا هئا.....؟ ڪا هڪڙي بہ وزنائتي تحرير معصوم بنگالين جي حق ۾ سامهون نہ آئي هئي. هي سوال نالي واري صحافي طاهر مسعود هڪ انٽرويو ۾ فيض احمد فيض کان پڇيو هو. تہ فيض احمد فيض جهڙي جڳ مشهور شاعر ڏاڍو هلڪڙو جواب ڏنو هو تہ: ”هتي ادبي سطح تي ماٺ انهي ڪري ڇانيل رهي، جو جتي ٻانهن ڪٽجي ٿي، ادب بہ اتي پيدا ٿيڻ گهرجي. تنهن ڪري ٻانهن اسان جي نہ، پر هُنن جي ڪٽي. آئون سمجهان ٿو تہ اولهہ پاڪستان جي ماڻهن کي ڪوبہ اهڙو تجربو نہ ٿيو آهي، تہ اوير پاڪستان ۾ ڇا واپريو. تجربو تہ بنگالين کي ٿيو آهي، ان ڪري بنگالين کي ئي وڏو ادب تخليق ڪرڻ گهرجي. پاڻ لاءِ اهو ذهني ۽ روحاني تجربو هو ئي ڪونہ. انهي ڪري جو پري جي ڳالهہ هئي. اسان کي سڌي طرح تي ڪوبہ تجربو نہ ٿيو.“

(ڏسو ڪتاب: ”ڇو ڇا ۽ ڪيئن“. فيض احمد فيض جو انٽرويو. صفحو نمبر 143. سنڌيڪار عبدالقادر جوڻيجو. روشني پبليڪيشن حيدرآباد 1999ع)

حقيقت پڇيو تہ فيض احمد فيض جهڙي شاعر واتان انتهائي سطحي سوچ ڏسي، آئون حيران آهيان. ڇاڪاڻ تہ اها ڳالهہ ڪنهن ڊمي اخبار جو صحافي ڪري ها، تہ ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي سگهي پئي، پر هي ڳالهہ دستِ صبا ۽ زندان نامہ جهڙن ڪتابن جي مصنف، پنڊي سازش ڪيس ۽ ايوب شاهي راڄ ۾ ترقي پسند هجڻ جي ڏوهہ ۾ جيلن سان ملاقاتون ڪندڙ فيض احمد فيض ڪري، تہ يقينن شديد حيراني ٿئي ٿي. حالانڪ هن ئي انٽرويو ۾ فيض صاحب ن. م راشد تي تنقيد

ڪندي چيو هو ته: ”ن. م راشد جي شاعري جو ڪينواس انتهائي محدود آهي، سندس شاعري ۾ سندس پنهنجي ذاتي شخصيت ۽ لاشعوري ڪان سواءِ آهي ئي ڇا!! شاعري جي ڪينواس جو مطلب تجربي جي وسعت ۽ ان جي پکيڙ آهي. شاعر ته پنهنجي ذات مان نڪري، ڪائنات سان لاڳاپو جوڙي ٿو.“

خير، وري به مون کي هن ڳالهه تي فخر آهي ته اهو ٿهري دور، جڏهن فوج بنگال ۾ ظلم ۽ بربريت جا نوان رڪارڊ جوڙي رهي هئي، ته ان وقت وحشي فوجي آپريشن خلاف سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن (SNSF) ۽ پورهيت محاذ جي ڪارڪنن حيدرآباد، نوابشاهه ۽ ڪراچي ۾ جلوس ڪڍيا هئا. منهنجي ذاتي تحقيق موجب، سنڌ مان ڪامريڊ ڄام ساقي ۽ سندس ساٿي پهريون آواز هئا، بنگالين مٿان ٿيندڙ ظلم خلاف. جيتوڻيڪ مجيب الرحمان جي عوامي ليگ جو مرڪزي اڳواڻ قاضي فيض محمد، جنهن جو تعلق سنڌ سان هو، پر ان به بنگال آپريشن تي ڪو سخت ردِ عمل نه ڏيکاريو هو. ان جو سبب ڇا هو؟ يقينن ٿهري سرڪار پاران ملڪ ۾ ٿهري فضا جو برپا هجڻ، پر سنڌ جي پورهيت طبقي سان تعلق رکندڙ ڪميونسٽ ۽ ترقي پسند شاگرد خوف جي ديوار کي ٽوڙي، بنگالين جي حق ۾ سينو سپرد ڪري اڳيان آيا هئا. اهي پمفليٽ ورهائڻ ۽ رات جي پهر ۾ شهرن جي ديوارن تي بنگالين سان اظهارِ همدردي سان گڏ وقت جي ٿهري سرڪار خلاف پنهنجي نفرت جو اظهار ڪندا هئا. نيٺ وقت جي ٿهري سرڪار ڪامريڊ ساقي کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ديٺ وارنٽ جاري ڪيا. يعني ڏسندي ئي گولي هڻڻ جو حڪم ڏنو هو. اهڙي ٿهري صورتحال کي ڏسي، ڪامريڊ روپوش ٿي ويو هو. روپوشي دوران فوجي جنرل يحيٰ خان جي فوجي ڪورٽ ڪامريڊ ڄام کي سخت پورهئي سان هڪ سال جي سزا ٻڌائي، پر هو روپوش ٿي رهيو ۽

پنهنجون انقلابي سرگرميون جاري رکيائين.

ڪامريڊ ڄام ساقي هن روپوشي واري سخت گذاريل زندگي کي لفظن ۾ محفوظ ڪرڻ لاءِ ”ڪاهوڙي ڪجن“ جي نالي سان هڪڙو ناوليٽ پڻ لکيو هو. ان ناوليٽ کي پڙهندي، ائين محسوس ٿئي ٿو تہ ڄڻ ناوليٽ جو هيرو جانب علي ڪامريڊ ڄام ساقي خود هجي. واضح رهي تہ ڪامريڊ جي ناوليٽ کي سن 1980ع واري ڍاڪي ۾ سيد انيس شاهہ جيلاني ”دهرتي مانگي دان“ جي نالي سان اردو جامو پارائي، ناوليٽ کي هڪ سدا بهار زندگي بخشي هئي. وڏي ڳالهہ تہ اردو ناوليٽ جا پروف اردو ادب جي قلندر شاعر جون ايليا درست ڪيا هئا.

بهرحال ڪامريڊ ڄام ساقي جو ناوليٽ ”ڪاهوڙي ڪجن“ هڪڙو بهترين ثبوت آهي تہ هڪڙي ڦهري دور ۾ ڪجهہ باضمير ڪردار انقلابي سرگرميون ڪري رهيا هئا ۽ هڪ محڪوم قوم سان ڀرپور اظهارِ يڪجهتي ڪري رهيا هئا. ٻئي طرف نذرالسلام جي قبيلي سان تعلق رکندڙ بنگالي خاموشي سان جبر سهڻ بدران جڏهن گجگوڙ سان اٿي پيا، تہ 15 ڊسمبر 1971ع تي جنرل نيازي بنگالي عوام اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا. بنگال ۾ فوجي ٽولي کي بدترين شڪست کان پوءِ جنرل يحيٰ خان بچيل پاڪستان کي بچائڻ جي لاءِ اقتدار جو واڳ ظاهري طور ذوالفقار علي ڀٽو جي حوالي ڪيو ۽ ڀٽو صاحب پاڪستان جو پهريون سويلين چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر بڻيو هو. 1972ع ۾ ڀٽي صاحب پورهيت عوام جي باضمير هڏ ڏوکي اڳواڻ ڪامريڊ ڄام کي گرفتار ڪرائي، جنرل يحيٰ پاران ڏنل سزا تي عمل درآمد ڪرايو ۽ ڪامريڊ کي ملتان جيل اماڻيو ويو هو. اهڙي طرح ڪامريڊ ڄام ساقي ذوالفقار علي ڀٽي جي دور جو پهريون سياسي قيدي بڻيو هو.

ڪامريڊ ڄام موجب: ”هن دور ۾ ولي خان، پٿي صاحب کي چيو هو ته: ڄام ساقي کو رها ڪيون نهين ڪرتي؟“

پٿي صاحب جواب ڏنو هو: ”فوجي نهين ڇوڙتي، مين ڪيا ڪرون!“

ڪامريڊ ڄام ان دور ۾ خاڪي وردي وارن جي لاءِ اک جو ڪنڊو بڻجي چڪو هو. اينري تائين جو ڪامريڊ ڄام موجب: ”1972ع ۾ ملتان جيل اندر منهنجي خطن کي سنسر ڪرڻ لاءِ فوجي آفيسرن جو هڪڙو گروپ ويهاريو ويو هو ۽ جيل حُڪام ڏانهن مرڪزي وزير اطلاعات ڪوثر نيازي ائين ڪرڻ لاءِ ليٽر لکيو هو.“

(ذ... ... ”ڪاهوڙي ڪجن“ (ناوليٽ)، ليکڪ، ڄام ساقي، صفحو نمبر 2، پرهه فڻي پبليڪيشن 1985ع)

ڪامريڊ ڄام جيل مان جيئن ئي آزاد ٿيو ته پٿو صاحب 1973ع جي آئين جا پنا ڪٺي سياسي پارٽين جي ليڊرن کي متفق ٿيڻ جون اپيلون ڪري رهيو هو. ته هن آئين تي يڪ راءِ قائم ڪريو. ته جيئن بچيل پاڪستان کي هڪڙو آئين ڏيون. ڪيترائي سياسي ليڊر پٿي صاحب سان گڏ ويهي رهيا، ڪي گڏ ويهڻ واري مرحلي ۾هٺا. ان موقعي تي ڪامريڊ ڄام 1973ع جي آئين ۾ ناڪافي صوبائي خود مختياري ۽ ڪارن قانونن تي سخت اعتراض ڪيا. تنهن تي پٿي صاحب کيس گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو روپوش ٿي ويو. بعد ۾ ”جمهوري حڪومت“ کيس گرفتار ڪري صوبو بدر ڪيو هو.

هتي اهو به ٻڌائيندو هلان ته هڪ پارٽي جي حيثيت ۾ ڪميونسٽ پارٽي ئي هئي، جنهن 1973ع جي آئين کي قومن جي وجود جو انڪاري ۽ هڪ مذهبي رياست جو دستاويز چيو هو. پٿي صاحب کي ڪامريڊ ساقي جي سياست پسند نه هئي، ڇاڪاڻ ته هو کيس پنهنجي ”سوشلزم“ خلاف ديوار سمجهندو هو. حيقيت به اها آهي ته ڪامريڊ ساقي، پٿي جي سوشلزم جو وڏي ۾ وڏو نقاد هو. هو

پنهنجي تحرير ۽ تقرير ذريعي پڻي جي سوشلزم، قومن جو استحصال ڪندڙ آئين ۽ ڊي پي آر (Defence of Pakistan Rules) جهڙن ڪارن قانون خلاف مسلسل ڳالهائي رهيو هو. تنهن ڪري هو پڻي صاحب جو فيوريٽ پرسن نہ بڻجي سگهيو ۽ مسلسل پڻو صاحب ڪيس هيسائيندو رهيو ۽ دٻاءُ ۾ رکيو پر ڪامريڊ ساقي پيرين اگهاڙن ماڻهن جو آواز هو. هن آواز کي دٻائي سگهجي پيو پر روڪڻ ڪنهن جي وس ۾ نہ هو. هو پڻي صاحب جي نام نهاد جمهوري دور ۾ سرخ پرچم، هلچل ۽ ٻين ترقي پسند رسالن ۾ تحريرن ذريعي مسلسل سرگرم هو ۽ پڻي صاحب جي سختين کي بهادري سان برداشت ڪندو رهيو.

ڪامريڊ جام، پڻي صاحب جي اقتدار واري سموري دور ۾ روپوشي واري سخت ماحول ۾ رهيو پر هو مسلسل انقلابي سرگرميون ڪري رهيو هو. جڏهن پڻي صاحب جي نام نهاد جمهوري حڪومت پنهنجي هوڏ سبب ڪوڙو ناٽڪ ڪري، بلوچستان ۾ نعپ (نيشنل عوامي پارٽي) جي چونڊيل عوامي حڪومت کي برطرف ڪندي، 1974ع ۾ بلوچستان ۾ خوني فوجي آپريشن شروع ڪري، هٿين خالي بلوچن جو قتل عام شروع ڪرايو تہ ڪامريڊ جام ساقي ۽ سندس ساٿي، خاص ڪري ڪامريڊ نذير عباسي مضبوط ڪميونسٽ ڪردار طور عملي ميدان ۾ اڳيان آيا هئا. ان بربريت خلاف ڪميونسٽ پارٽي ۽ خاص ڪري سنڌي ڪميونسٽ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سخت ردِ عمل ڏيکارڻ سان گڏوگڏ بلوچستان ۾ فوج سان مقابلو ڪندڙ ”بلوچ مزاحمتي تحريڪ“ جي حريت پسندن جي هر حوالي سان مدد ڪئي هئي.

پارٽي طرفان بلوچستان بچاءُ فنڊ قائم ڪيو ويو هو. جنهن ۾ روڪ پئسا، ڪپڙا، دوائون ۽ ٻيون گهربل شيون آزادي پسند بلوچن ڏانهن موڪلڻ سان گڏوگڏ ڳجهي طريقي سان آزادي پسند بلوچن کي

خفيه جاين تي پهچائڻ جو بندوبست پڻ ڪيو ويو هو. ان ڪان سواءِ ڪميونسٽ ڪامريڊن پاران "بلوچستان ۾ قتل عام بند ڪريو"، "بلوچستان جو دوست، اسان جو دوست"، "بلوچن جو دشمن، اسان جو دشمن"، "بلوچن جي نسل ڪشي بند ڪريو" ۽ ٻيا نعرا شهرن جي ديوارن ڪان ويندي احتجاجي ڪئمپن تائين بُلند ٿي رهيا هئا. ايستائين جو پنجاب يونيورسٽي ۾ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي همدرد ساٿين يوم بلوچستان ملهايو هو. هن جلسي ۾ مشهور انقلابي شاعر حبيب جالب، شهيد نذير عباسي، امداد چانڊيو ۽ ٻين اڳواڻن تقريرون ڪيون هيون ۽ رياست طرفان سخت مزاحمت ڪي منهن ڏنو هو.

هن ئي عرصي ۾ ڪامريڊن سنڌي خفيه ماهوار رسالو "هلچل" جاري ڪيو جنهن ۾ بلوچستان ۾ هلندڙ آپريشن تان پردو کنيو ويو هو. روپوشي جي عالم ۾ ڪامريڊن جي هن خطرناڪ المعروف "ملڪ دشمن سرگرمين" سبب ملڪ جون خفيه ايجنسيون، سندن هر وقت تلاش ۾ رهنديون هيون، پر ڪامريڊ ڄام ساقي جي رهنمائي هيٺ شاگردن، مزدورن ۽ هارين جا محاذ تيزي سان انقلابي سرگرميون ڪري رهيا هئا. ڪامريڊ ڄام جي سڄاٽپ ڪميونسٽ پارٽي جي هڪ متحرڪ اڳواڻ طور هئي، سندس پنيان ملڪ جون خفيه ايجنسيون هيون ۽ ڪامريڊ ڪٽي حاجي ولي محمد، ڪٽي وري مولوي عبدالڪريم بڻجي، سياسي سرگرميون ڪندو رهيو. ڪامريڊ سان گڏ ان وقت سرگرم سياسي ڪارڪنن جي تحريرن موجب، ڪامريڊ جي ڏاڙهي وڌي، هٿ ۾ تسبيع، ٿيلهو ڪلهي تي ۽ ملان وارو جُبو پاتل هوندو هو. ڪنهن کي شڪ ئي نه پوندو هو ته هي شخص ڪميونسٽ اڳواڻ ڪامريڊ ڄام ساقي آهي. ڪامريڊ ڄام ساقي جي روپوشي واري دور جو هڪڙو دلچسپ قصو نالي وارو محقق سائين بدر

ابڙي صاحب پنهنجي هڪ تحرير ۾ لکيو آهي تہ: ”اها 1974ع/1975ع ڌاري جي ڳالهہ آهي، منهنجي عمر 22 يا 23 سال هئي. بابا سائين (جمال ابڙو) سنڌ اسيمبلي جو سيڪريٽري هو ۽ اسان باٿ آئليند ۾ هڪ سرڪاري فليٽ ۾ رهندا هئاسين. هڪ ڏينهن منجهند جو دروازو کڙڪيو سامهون قد بت ۾ پريل ۽ ٽونٽ جيڏي ڏاڙهي وارو هڪ سولوي صاحب بيٺو هو. در تي هڪ مولوي صاحب کي ڏسي، مون کي پنهنجا پراڻا تبليغي رهبر ياد اچي ويا هئا.

”جي مولوي صاحب؟“ مون کيس گهوري چيو هو.

”جمال صاحب آهي؟ ٻڌايوس تہ مولوي عبدالڪريم آيو آهي.“

هي شخص مون اڳي ڪڏهن بہ ڪونہ ڏٺو هو. مون کي پڪ ٿي ويئي تہ هي شخص ڪنهن مدرسي لاءِ چندو وٺڻ آيو آهي ۽ غلطي سان آيو آهي. بهرحال اها منهنجي اخلاقي ذميواري هئي، تہ هن جنهن لاءِ ملاقات جي صدا هنئي آهي، ان کي ٻڌايان. مون کيس در تي ويهاريو ”مان ڏسي اچان ٿو.

“ آئون اندر ويس: ”ڪو مولوي عبدالڪريم آيو آهي، توهان سان ملڻ لاءِ.“ مون اطلاع ڏنو بابا سوچ ۾ پئجي ويو. شايد اهو نالو هن لاءِ بہ اوپرو هو. ”ويهاريوس، آئون اچان ٿو“

هن ماڻهو سان بابا جي ملاقات جو خيال، مون کي چڱو نہ لڳو. بابا بہ الائي ڪهڙن ماڻهن سان ٿو ملي! مون ٻاهر نڪري مولوي صاحب کي وري غور سان ڏٺو اڇي قميص ۽ سٿڻ، ڪلهي تي وڏو رومال، وڏي ڏاڙهي، جسم ۾ پريل، هٿ ۾ ٿيلهو ۽ پيرن ۾ مٽيءَ سان پريل جوتو. آئون کيس ڊرائنگ روم ۾ وٺي ويس، هو اڃا ويٺو ئي ڪونہ هو تہ بابا سائين بہ در کوليو پهرين مولوي صاحب کي ڏنائين ۽ پوءِ مون کي چيائين: ”هن کي ڪونہ ٿا سڃاڻو؟“ بابا جي لهجي ۾ ڪجهہ حيرت هئي. اهو ڪامريڊ چام ساقي هو.“

ڪامريڊ جام جي روپوشي واري دور جي حيران ڪندڙ جدوجهد جا قصا پڙهندي ۽ سينيئر ڪامريڊن کان ٻڌندي، آئون حيران ٿي ويندو آهيان. ڇاڪاڻ ته هن ملڪ ۾ ڪميونسٽ ٿي جدوجهد ڪرڻ ڪو آسان ڪم هرگز ڪونهي. هن ملڪ ۾ هر سياسي ۽ مذهبي فڪر لاءِ گنجائش موجود آهي، پر ڪميونسٽن لاءِ ڪونهي. ڪميونسٽ معنيٰ ملڪ دشمن، غدار ۽ ايجنٽ وغيره. اها هن ملڪ جي اصل وارثن جي ڊاڪٽريٽ نهيل آهي، ڇاڪاڻ ته هي ملڪ پنهنجي ڄم کان سامراجي ڪالوني رهيو آهي ۽ سامراج ڪميونزم کان ايترو ڀئو کائي ٿو جيترو ڪيس ڪائڻ گهرجي. ڪميونزم سامراج جو موت آهي.

سو ڪامريڊ جام پنهنجي زندگي پنهنجي پنهوارن جي حقن لاءِ ارپي ڇڏي هئي، هو هاڻي مشهور ليڊر بڻجي سامهون آيو هو. هن دور ۾ هو ڇڱي قيمت ۾ وڪجي سگهيو پئي، پر هن جيل قبول ڪيو. هن روپوشي واري ڀيانڪ زندگي قبول ڪئي هئي، تنهنڪري هر وقت خوف وارو پاڇو ساڻس گڏ هوندو هو. هي ڇا آهي؟ آئون اڪثر انقلابين جي زندگين تي سوچيندو رهندو آهيان، پوءِ هڪ ئي جواب ذهن تي ايندو آهي ته هي عشق هو. جيئن ماڻهو ڪنهن هڪ شخص سان عشق ڪندو آهي، پوءِ هو پنهنجي وجود کي سندس قدمن ۾ رکي ڇڏيندو آهي، ائين هڪ انقلابي شخص پنهنجي ديس جي لکين، ڪروڙين محڪوم ماڻهن سان عشق ڪندو آهي، انهن جي نجات لاءِ کيس پنهنجي جان هڪ معمولي شئي ڏسڻ ۾ ايندي آهي. هو پنهنجي محڪوم محبوب جي آزادي لاءِ موت سان مهاڏو اٽڪائيندو آهي.

ڪامريڊ جام ساٿي پنهنجي هن عشق بابت هڪ ڪالم ۾ هڪڙي دلچسپ قصي جو ذڪر ڪندي لکيو هو ته. "جڏهن ڀٽو صاحب وڏن مولوين ۽ آقائن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڪميونسٽن تي پابندي وڌي، ته مون مولوي واري روپ ۾ پناهه ورتي، پنهنجي جدوجهد

جاري رکي. سو ڪڏهن ڪڏهن سفر ڪندي، پنهنجو ظاهري روپ وسري ويندو هو. آئون انقلابي ٿي ٻيهي ويندو هئس. پوءِ وري اوچتو ذهن تي خيال ايندو هو. "اڙي! منهنجي پٺيان تہ سي آءِ ڊي وارا آهن." سو هڪ دفعي آئون ۽ نذير عباسي ٽنڊو الهيار وڃي رهيا هئاسين. مون ڪي روپوشي جي ڪري بظاهر مولوي جو روپ هو. مون بس ۾ هڪ پوڙهو ڪولهي ڏٺو جيڪو بخار سبب ڏڪي رهيو هو پر جاءِ نہ ملڻ سبب بيٺو هو. آئون سيٽ تان اٿي بيٺس ۽ ڪراڙي ڪولهي کي چيم تہ ويهہ. هو مون واري سيٽ تي ويهي رهيو. ٽنڊو الهيار پهتاسين تہ ڪامريڊ نذير مون کي چيو تہ: "ڪامريڊ! اها رت جي چِڪي ڪڏهن مارائيندي، ڪو انٽيليجنس وارو بہ بس ۾ ويٺل هجي ها تہ تنهنجي ڪولهي لاءِ اٿڻ مان سمجهي وڃي ها، تہ تون اصلي مولوي ناهين."

ينئي صاحب جي دورِ حڪومت جو باريڪ بيني سان جائزو وٺجي ٿو تہ ينو صاحب جي لولي لنگڙي جمهوريت جو ڪنٽرول "اصل مالڪن" وٽ هو. اهو ئي خاص سبب هو تہ ينئي صاحب نہ فقط سنڌ، پر پوري پاڪستان جي ڪميونسٽ، قومپرست، جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند سياستدانن، ڪارڪنن، دانشورن، شاعرن ۽ اديبن کي گرفتار ڪيو. ترقي پسند ۽ انقلابي رسالن، جن ۾ هلچل، جدوجهد، سرخ پرچم، ماهوار تحريڪ، سهڻي ۽ ملير ڊائجسٽ جهڙن رسالن تي پابنديون مڙهيون، انهن جي ايڊيٽرن تي ڪيس داخل ڪري، کين گرفتار ڪرائي، وڏي عرصي تائين جيلن ۾ بند ڪيو. ان ڪانسواءِ ينو صاحب جي لولي لنگڙي جمهوريت انساني حقن جي لتاڙ ڪندي، جيڪي اسيمبلي مان قانون پاس ڪيا ۽ انهن قانونن تحت جيڪي ڪارا عمل سرانجام ڏنا ويا، اهو باب جمهوريت جي تاريخ جو سياه

ترين باب آهي. ان باب جو ذڪر جڏهن بہ ٿيندو تڏهن يقينن عالمي قوت جي آشيرواد سان آيل جمهوريتون شرمنده ٿي پونديون.

هڪ طرف ڪميونسٽن تي رياستي جبر عروج تي هو تہ ٻئي طرف تعليمي ادارن ۾ محترم جي ايم سيد جي لوفر ڇورن بہ ڪميونسٽ ۽ ترقي پسند شاگردن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو. دراصل جنرل ايوب خان جي دور ۾ اها سازش تيار ڪئي ويئي هئي، تہ ڪهڙي بہ صورت ۾ سنڌ جي تعليمي ادارن کي تباهہ ڪجي. انهي سازش تحت ملڪ جي خفيہ ايجنسين شاطر طريقي سان سنڌ جي تعليمي ادارن اندر ڌوهاري ٽولن کي آباد ڪيو تہ جيئن تعليمي ادارن مان ڪميونسٽ ۽ جمهوريت پسند شاگرد تحريڪن جي واڌ ويجهہ کي روڪي سگهجي ۽ سنڌ جي تعليم جا ترا ڪڍي سگهجن. انهي حوالي سان سنڌ جي اعليٰ تعليمي ادارن ۾ "جي ايم سيد برگيڊ" کي فل اسپيس ڏنو ويو. اهي جاهل جوڌا مڇون وٽيندي تعليم جو جنازو وڏي ڌام ڌوم سان ڪڍي، پنهنجي رهبر کي خوش ڪندا رهيا.

ڏکي مطالعي ڪانپوءِ ڪو هڪڙو اهڙو مضمون مون کي پڙهڻ لاءِ نہ مليو آهي، جنهن ۾ "رهبر صاحب" اهو لکيو هجي تہ "سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ڦڙ ڪڍي وينل بدمعاشن کي ٻاهر ڪڍي، چونڪ تي لٽڪايو وڃي." البتہ هر ٻئي انٽرويو ۾ اها ڳالهہ پڙهڻ لاءِ ملي آهي، تہ پاڪستان ۾ جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪرڻ معنيٰ پاڪستان کي مضبوط ڪرڻ برابر آهي. سو سيد جي ڇڙواڳ فوج سنڌ جي اعليٰ تعليمي ادارن کي سنوارڻ بدران مهينن جا مهينا بند ڪرائڻ، پستول کڻي ڪلاس وٺڻ، معصوم شاگردن سان بدمعاشيون ڪرڻ، ڪئنٽينن تي مفت ۾ مانيون کائڻ ۽ چانهہ جا پئسا گهرڻ تي مزدورن تي تشدد

ڪرڻ، شيخ اياز ڊاڪٽر مبارڪ علي، ڊاڪٽر فيروز احمد جهڙن استادن سان بدمعاشيون ڪرڻ جهڙا "اعليٰ فرض" نڀائي، پاڻ کي سورمو جوڌو ۽ ديشي سڏائي، تنهنجي ماءُ بہ ڏيندي آزادي، تنهنجي پيءُ بہ ڏيندي آزادي جهڙا نعرا هڻي بدمعاشي ۽ غنڊه گردي جي هڪ بازار گرم ڪري ويٺا هئا.

اهڙي پوائنٽي صورتحال ۾ شيخ اياز جهڙو گهڻ پڙهيو عظيم ڪوي رابندر ناٿ ٽئگور بڻجي سنڌ يونيورسٽي کي هڪ اعليٰ ادارو ناهڻ چاهيو تہ محترم جي ايم سيد جي سورمن سندس جنازو يونيورسٽي مان ڪڍيو هو. رسول بخش پليجي صاحب، سيد جي جوڌن جي ڪڌن فعلن جو ذڪر ڪندي پنهنجي هڪ مضمون، "هو چون ٿا هيئن چئو" ۾ لکيو هو تہ: "شيخ اياز سنڌين کي واقعي سنڌي ۽ سنڌ کي سچ پچ سنڌ بڻائڻ ۾ تاريخي فرض ادا ڪيو، تنهن تي ائين هلائون ڪرايون ويون، جيئن سوئر تي بڇون ڪرائبيون آهن. گارين ۾ نہ سندس ماءُ ڇڏي ويئي، نہ پيءُ. شودن، غنڊن ۽ لوفرن هٿان ڪيس وک وک تي بي عزتين ۽ ذلتن جا ڏنگ هڻايا ويا. شاگرد جدوجهد جي آڙ ۾ بدتميزي، غنڊه گردي ۽ دهشتگردي جو مسلح طوفان ڪڙو ڪيو ويو هو."

منهنجي خيال ۾ 46 سالن کان سنڌ جي اعليٰ تعليمي ادارن ۽ نوجوان نسل جي تباهي جو ذميوار محترم جي ايم سيد آهي، جنهن جي ڇڙواڳ ۽ لوفر فورس اعليٰ تعليمي ادارن جا ترا ڪيندي رهي ۽ شاهہ صاحب پاڻ موڳو متر سپهہ سالار بڻجي، سنڌو ڪناري ٻڙ جي وڻ هيٺ رلي وڇائي، پنهنجي جوڌن جا ڪارا ڪرتوت ڏسندو رهيو. ظلم ڏسو سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ شهيد فاضل راهو رسول بخش پليجو

ڪامريڊ ڄام ساقي، شيخ اياز رشيد ڀٽي، تنوير عباسي ۽ شهيد نذير عباسي جهڙن ماڻهن جي اچڻ تي پابندي هئي!! شهيد نذير عباسي کي تہ ڪافي دفعا سيد جي جوڌن تشدد جو نشانو پڻ بڻايو هو. هڪڙو اهڙو واقعو برک ليکڪ اشتياق انصاري پنهنجي هڪ مضمون "ڪاهوڙي" ۾ لکيو هو تہ، "جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ساليانی اجتماع ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ اسان انجنيئرنگ ڪاليج نواب شاهہ مان سنڌ يونيورسٽي پهتاسين. انٽرنيشنل هاسٽل جي ميدان جي وچ ۾ جلسو شروع ٿيو حفيظ قريشي کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو ويو. قريشي صاحب تقرير ڪندي چيو تہ: "ڄام ساقي اسان قومپرستن جي خلاف آهي ۽ هو اسان جي اڳواڻن کي گهٽ وڌ ڳالهائي ٿو."

هن جا اهي گفتا اجا سامعين جي ڪنن تائين پهتا، تہ ان مهل اچانڪ اسان جي پرسان اسٽيج جي کاٻي پاسي ورانڊي مان هڪ همراهہ بُلند آواز سان مقرر کي مخاطب ٿيندي چيو: "ڄام ساقي ڪٿي بہ ڪنهن اڳواڻ کي گهٽ وڌ نہ ڳالهايو آهي. اوهان ثابت ڪريو تہ هن ڪٿي، اهڙا لفظ ڳالهايا آهن." اسان ڪنڌ ورائي ڏنوسين تہ اسان جي پنيان ڪجهہ قدمن تي نذير عباسي، جنهن ٿي ايڏي وڏي ميڙ ۾ انهي جرئت سان رڙ ڪري ثابتي گهري هئي.

نذير جا اهي لفظ جڏهن اسٽيج تي پهتا، جتي مشهور اڳواڻ ۽ عهديدار ويٺا هئا، تڏهن اتان هڪلون شروع ٿي ويون هيون تہ، "پڪڙيوس، پڪڙيوس...... نہ وڃي......."

نذير عباسي اتي ٿي خاموش بيٺو رهيو. هن ڀڄڻ يا لڪڻ جي ڪوشش ڪانہ ڪئي، پارٽي جا مک اڳواڻ مينهن واءُ ڪندا هن وٽ اچي پهتا. هن تي ڪنڪو ۽ سٽڪو شروع ٿي ويو. شاهہ محمد شاهہ

انهن جوڏن جي اڳواٽي ڪري رهيو هو نذير عباسي کي اتي ماري ڪُٽي فرش تي ڪهليو ويو. همراهن جي مُڪن ۽ ڌڪن جا نشان نذير عباسي جي ڇهري تي ايري آيا.“

(ڏسو: ماهوار پروڙ(نومبر 1990ع)، اشتياق انصاري جو مضمون، صفحو نمبر 40 کان 41)

خير، شهيد نذير عباسي آمر ضياءَ الحق سان وڙهندي، سندس ٽارچر سيل ۾ شهيد ٿي ويو. اڄ هو دنيا جي سمورن مظلوم قومن ۽ پورهيتن جو هيرو آهي، سندس نالي ۽ عظيم قربانين کان پوري دنيا واقف آهي ۽ جي ايم سيد جي جوڏن جو اڄ نالو نشان ڪونهي.

سو مون ڳالهه پئي ڪئي ته هڪ طرف ڪميونسٽ ۽ ترقي پسند خيالن سان تعلق رکندڙ شاگرد يٽي صاحب جي رياستي عتاب هيٺ هئا، ته ٻئي طرف جي ايم سيد جي جاهل برگيڊ جون بدمعاشيون به عروج تي هيون. انهي سموري صورتحال باوجود ڪميونسٽ سوچ وارا شاگرد ٽڪيا ڪونه، وڪيا ڪونه. وڏي تيزي سان طبقاتي ۽ قومي شعور پکيڙي رهيا هئا. هن دور ۾ ڪامريڊ ڄام ساقي سان گڏ ڪامريڊ نذير عباسي جو نالو به ملڪي سطح تي متحرڪ ڪميونسٽ اڳواڻ طور ايري سامهون آيو هو. ڪميونسٽ پارٽي تي پابندي هجڻ باوجود ٻنهي ڪاهوڙين پوري ملڪ ۾ پارٽي جي شاگرد ۽ پورهيت محاذن کي سرگرم ڪيو هو.

اٿين ڏسندي ئي ڏسندي 1977ع جون چونڊون اچي ويون. چونڊن کان پوءِ جڏهن مولوي صاحبن وردي وارن جي چوڻ تي ”وڏو گرهه“ طلب ڪيو، ته يٽو صاحب مڃرجي پيو. ڪين حلوا خور ۽ نمڪ حرام جا طعنا ڏيڻ لڳو ته مولوي صاحبن پاڪستان قومي اتحاد

(PNA) جي نالي سان نھيل اتحاد کي وڏيڪ تيز ڪيو. ھنن جو موقف ھو تہ چونڊن ۾ وڏي پيماني تي ڌانڌليون ٿيون آھن، تنھنڪري پيھر چونڊون ڪرايون وڃن. تحريڪ ۾ جڏھن شدت آئي، تہ مولوي صاحبن جون گرفتاريون شروع ٿي ويون. ھي دور پاڪستان جي تاريخ جو ھڪ عجيب دور ھو، جڏھن ھڪ ئي وقت ڪميونسٽ، قومپرست، ترقي پسند ڌريون ۽ مولوي جيلن ۾ ھئا.

جڏھن مُلن يٽي صاحب کي وڏيڪ سوڙھو ڪيو، تہ ڀٽي صاحب جيلن ۾ قيد ڪميونسٽ، قومپرست ۽ ترقي پسند اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ شاگردن کي آزاد ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڪامريڊ جام موجب: "ڀٽو صاحب ملاقاتون ڪري چوڻ لڳو تہ، آئون فوج جي چوڻ تي، توھان تي ڏمريل ھئس، پر ھاڻي منھنجي مضبوط ڪيل فوج مون کي اقتدار ۾ نٿي ڏسڻ چاھي. ھاڻي توھان جو ساٿ کپي، تہ جيئن آئون حلوي خورن (قومي اتحاد وارن) سان مھاڏو اٽڪائي سگھان."

ان وقت ڪامريڊ جام ۽ سندس پارٽي پنھنجو موقف سامھون آندو ھو تہ: "مولوي مُھرا آھن، ھن تحريڪ جي پٺيان سامراج آھي."

***

ڪاري رات ۾ سرخ صبح جا سپاهي

عالمي سامراج، پاڪستان قومي اتحاد (PNA) جي تحريڪ مان فائدو وٺندي، پنهنجي صاحب پاران مضبوط ڪيل اداري فوج ذريعي سنڌس حڪومت کي 5 جولاءِ 1977ع تي قتل ڪرائي، ملڪ جو اقتدار جنرل ضياءُ الحق جي حوالي ڪيو ويو. وردي وارا بادشاهه هڪ دفعو ٻيهر "ميري هم وطنو" چئي، 90 ڏينهن ۾ اليڪشن جو واعدو ڪيو هو. سيني سياسي ڌرين چيو پئي ته اليڪشن آئي ڙي آئي، پر ڪامريڊ جام ساقي ۽ سنڌس پارٽي ملڪي سياسي صورتحال تي پنهنجو مختلف تجزيو پيش ڪندي چيو هو ته: "ضياءُ الحق ڪوڙ ٿو ڳالهائي. جدوجهد جي تياري ڪريو. ملڪ ۾ ڊگهي مارشلا لاڳو ٿي چڪي آهي."

ڪامريڊ ساقي 1977ع واري مارشلا جي شروعاتي هفتي دوران هڪ دلچسپ واقعي جو ذڪر ڪندي، پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو هو ته: "جڏهن مون چيو ته ملڪ مارشلا جي حوالي ٿي چڪو آهي. جنرل ضياءُ الحق جو 90 ڏينهن ۾ اليڪشن ڪرائڻ وارو واعدو دراصل سياسي ڌرين جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ برابر آهي، تڏهن هڪ ليڊر صاحب مون کان عجيب انداز ۾ سوال ڪيو ته: "ڪامريڊ! اوهان کي اڳواٽ مسئلن يا سازشن جي خبر ڪيئن ٿي پوي؟"

مون کيس جواب ڏنو ته، "سهڻا! ان جا به طريقا آهن. هڪ ته ماڻهو ڪميونسٽ ٿي وڃي، پوءِ مارڪسي علم توهان کي ٻڌائيندو ته ڇا پيو

ٿئي، ڇا ٺيڪ وارو آهي، پر اهو نسخو توهان جهڙن لاءِ ڪجهه مهانگو آهي. ان ۾ موڇڙا به گهٽا ٿا ڪاٽا پون، ته ڪتاب به گهٽا ٿا پڙهڻا پون. ان ڪان سواءِ سستو نسخو اهو آهي ته، ڪامريڊن سان گڏجي هلو. ان ڪان به سستو اهو آهي، ته ڪڏهن ڪڏهن ڪامريڊن سان ملندا رهو. مارڪسي علم جي ڄاڻ سان ئي اسان سماجي ۽ سياسي اٿل پٿل جو نيڪ تجزيو ڪندا آهيون ۽ مسئلن جي اڱوات نشاندهي ڪندا آهيون. ان دوران مار پوندي آهي، طعنا به ملندا آهن، جيتوڻيڪ خير خواهه ماڻهو پوءِ اها ڳالهه پاڻ به محسوس ڪندا آهن.“

ڪامريڊ ڄام جي سياست جو وڏي ۾ وڏو پهلو اهو هو ته هو عوامي ڪميونسٽ ليڊر هو. هو سادي ٻولي ۾ گفتگو تقريرون ۽ تحريرون لکندو هو. هو تلخ ڳالهيون چرچي ۽ ڀوڳ واري انداز ۾ ڪري، ماڻهن جي دلين ۾ گهر ڪري ويندو هو. ڪامريڊ جي هن عوامي انداز سبب ڪميونسٽ پارٽي عوام جي پارٽي بڻجي سامهون آئي هئي، جنهن ڪان فوجي ٽولو ۽ سندس ڇاڙتا ڏجڻ لڳا هئا. اهو ئي سبب آهي ته ڀٽي صاحب جي حڪومت کي قتل ڪرڻ ڪان پوءِ جنرل ضياءُ الحق جو فوجي ٽولو ڪميونسٽن پٺيان ڪات کهاڙا کڻي پئجي ويو هو پر ڪامريڊس جنون جي حد تائين سرگرم هئا. ان جو هڪڙو شاندار مثال هي آهي ته چار فيبروري 1978ع تي ڪامريڊ نذير عباسي جي ڪامريڊ حميده گهانگهرو سان شادي ٿي. هي شادي هڪ انقلابي جلسي ۾ تبديل ٿي ويئي هئي. ايڏو وڏو سياسي ميڙو ٿيو. جو وقت جي حڪومت ڪامريڊ نذير سميت 32 ڪامريڊن جي گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا هئا ۽ سيئي ڪامريڊ روپوش ٿي ويا هئا.

اڃا ڪامريڊ نذير روپوش ئي هو ته حميده گهانگهرو پنهنجي مهندي رتا هٿن سان بلوچستان جي پٽ فيڊر واري علائقي سان تعلق رکندڙ مقتول هارين سان همدردي ڏيکارڻ لاءِ پنهنجي انقلابي ساٿين

سان گڏجي بلوچستان پهتي هئي. واضح رهي تہ 22 ڊسمبر 1977ع تي بلوچستان جي پٽ فيڊر واري علائقي سان تعلق رکندڙ هارين مٿان اتان جي سردار پنهنجي ڇاڙتن سان گڏجي خوني حملو ڪيو هو. نتيجي ۾ 13 هاري تڏي تي مارجي ويا هئا ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا هئا. ان بربريت خلاف شاگرد، هاري ۽ مزدور رابطا ڪميٽي ميدان ۾ آئي هئي. پوري سنڌ ۾ مظاهرا ڪيا ويا، سرخ انقلابين جو هارين سان ٿيندڙ ڪربلا خلاف آواز بُلند ڪرڻ ۽ سنڌن وارثي لاءِ وفد بلوچستان ويو هو. جنهن متاثر ٿيل هارين سان ملاقاتون ڪيون ۽ سنڌن حمايت ۾ بک هڙتال ڪئي ويئي هئي. متاثر هارين سان گڏ ميدان ۾ بيهڻ ۽ قبائلي سردارن جي ظلم کي وائکو ڪرڻ تي وقت جي جابر سرڪار شاگرد، هاري ۽ مزدور رابطا ڪميٽي سان تعلق رکندڙ ساٿين ۽ همدردن، جن ۾ حميده گهانگهرو، آصف رضوي، غلام اڪبر، پير شهاب الدين، محمد سليم، ڪامريڊ رمضان ميمڻ ۽ غلام قادر ڏيٿي سميت ڪيترن ئي ڪميونسٽ ڪامريڊس کي گرفتار ڪيو ويو هو.

سو پٽ فيڊر جي هارين سان گڏ بيهڻ جي ڏوهہ ۾ جيجي حميده گهانگهرو مڇ جيل بلوچستان ۾ قيد هئي، تہ ٻئي طرف وقت جي جابر حڪومت سنڌس ور ڪامريڊ نذير عباسي کي ساٿين سميت گرفتار ڪري ڪوئٽہ جي "قلي ڪئمپ" جي اذيت گاهہ ۾ قيد ڪيو هو. ڪامريڊ شير محمد پنهنجي يادگيرين واري البم ۾ لکي ٿو تہ: "ڪامريڊ نذير عباسي مونکي ٻڌايو هو تہ ڪوئٽہ جي سخت ترين قيد خاني "قلي ڪئمپ" ۾، اسان کان مسلسل ڪامريڊ ڄام ساقي جي پڇا ڪندا هئا. هڪ ڏينهن مون سميت سمورن ساٿين کي گهرائي چيو ويو تہ: "ڄام جي خبر ڏيو تہ هو ڪٿي آهي؟ نہ تہ هڪ ڪلاڪ کان پوءِ توهان کي شوٽ ڪيو ويندو." هي مرحلو اسان لاءِ ڪٺن مرحلو هو ڇاڪاڻ تہ آرمي وارن اسان کي باقائده ڌمڪي ڏني هئي، پر اسان ثابت قدم رهياسين."

ملڪ ۾ بربريت جي هڪ نئين دور جي شروعات ٿي چڪي هئي. هر اٽندڙ هٿ کي ڪيپيوٽي ويو هر باشعور ڪنڌ کي سسيءَ کان ڌار ڪيو ٿي ويو. ڪو پڇڻ وارو ڪونه هو. قانون ۽ انصاف هڪ "مخصوص ٽولي" جي پيءُ جي جاگير هئي. قانون وارو ڪتابڙو پڪوڙن واري گاڏي تي پيل رديءَ ڪتاب وانگر بڻجي چڪو هو اهي جڏهن به چاهيندا هئا، ته قانون جي ڪتاب مان پنا ڦاڙيندا هئا يا نوان پنا لڳائي ڇڏيندا هئا. ڪورٽون، "ويچاريون ڪورٽون" بڻجي چڪيون هيون ۽ جج ڪلارڪ بڻجي چڪا هئا. مطلب ته هر طرف اونداهي جي ڏکهي ڪاري رات هئي.

آخرڪار ڪاري رات جي سپاهين 10 ڊسمبر 1978ع تي ڪامريڊ ساقي کي گرفتار ڪري غائب ڪري ڇڏيو. ڪامريڊ حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ جوڙيل فوجي ٽارچر سيلن ۾ جسماني ۽ ذهني اذيت هيٺ هو. ڪامريڊ موجب، "منهنجي بلند حوصلن ۽ جذبن کي ٽوڙڻ لاءِ مون تي بي پناهه تشدد ڪندا هئا. ڪڏهن مٿي جا وار پٽڻ، مڇون پٽڻ، ٻانهن جا وار پٽڻ ۽ پوءِ لنين، ٽونشن ۽ لتن سان مار ڏيندا هئا. مڇون پٽڻ دوران چوندا هئا ته، "ڏاڙهي جا وار ان ڪري نٿا پٽيون، ڇو ته اها رسول جي سنت آهي." ڪڏهن ڪڏهن وڏي آواز ۾ گاريون ڏيئي، مون کي ڪرسي سان ٻڌي ڇڏيندا هئا. راتين جون راتيون، آٺون ٻڌو پيو هوندو هئس. ڪڏهن اک لڳندي هئي، ته ٽونشو هڻندا هئا. ڪڏهن جسم ۾ سُيون ٽنبيندا هئا. سگريٽن جا ڏنڀ ڏيندا هئا. منهنجي هر حوالي سان توهين ڪندا هئا، هيسائيندا هئا. اذيت ڏيندي، هڪ دفعي هڪڙي فوجي سپاهي چيو ته، "اسان وٽ اڳي به هڪڙو تو جهڙو همراهه آيو هو پوءِ هن کان سوشلزم وسري ويو. تنهن ڪري سڌري وڃ."

ڪامريڊ موجب، "منهنجو ذهني توازن بگاڙڻ لاءِ انجيڪشنون

ٻـ هٽندا هئا. جڏهن خاموش هوندا هئا, تڏهن ٻـ مون تي سخت پهرو هو. سوڙهو بند سيل, نـ بسترو نـ پيئڻ جو صاف پاڻي, نـ وري ڪا چڱي ماني. اڌ سڙيل ماني, پاڻي واري ٻوڙ سان ڏيندا هئا. 9 مهينا تـ لڳاتار 24 ڪلاڪ هٿڪڙيون لڳل هونديون هيون. منهنجا زخم پچي پيا هئا. انهن مان پون وهڻ شروع ٿي چڪو هو. پنا سڄي پيا ۽ سخت بخار رهندو هو. مون سان اهو ئي ورتاءُ هو جيڪو هڪ ملڪ دشمن سان ملڪ جي آرمي رکندي آهي.“

هڪ عام فوجي صوبيدار ۽ سپاهي کي ڪهڙي خبر, تـ هن قاتل ڪيپٽن واري کي سڄو ڏينهن پيا ڪٽيون, هن جو اصل ڏوهـ ڪهڙو آهي؟ انهن کي تـ فقط بالا آفيسر طرفان چيو ويو هو تـ, هي شخص ملڪ دشمن آهي, روسي ايجنٽ آهي, ڪميونسٽ ۽ دهريو آهي, ڪيس سختي ۾ رکو.

ٽارچر سيلن ۾ ڪامريڊ ڄام ساقي تي ٿيل تشدد بابت سندس لکڻين مان اندازو لڳائيندي لڱ ڪانڊارجي ٿا وڃن. هو صحراءِ ٿر جو فولادي حوصلا ۽ جذبا رکندڙ انقلابي هو جنهن ايتري سختي, اذيت ۽ دٻاءُ برداشت ڪيو اڄ جو ڪو ليڊر هجي ها تـ رڙيون ڪري پنهنجي آدرشن تان هٿ کڻي وڃي ها, پر ڪامريڊ ڄام کي تشدد جهڪائي نـ سگهيو.

ڪامريڊ فوجي عقوبت خانن ۾ عتاب هيٺ هو. ٻئي طرف گهر ياتين کان وٺندي پارٽي ڪارڪنن ۽ ترقي پسند سوچ رکندڙ ماڻهن لاءِ ڪامريڊ جو مسلسل لاپتا هجڻ, هڪ وڏو ذهني عذاب هو. ڪنهن کي بـ ڪجهـ خبر نـ هئي, تـ ڪامريڊ ساقي زنده بـ آهي يا تاريخ جي راهن ۾ مارجي ويو. سنڌ جي پلوڙ شاعر وسيم سومري ”نئين ڪلاسڪيت جا ٻـ ڪردار“ جي عنوان سان ڪامريڊ ساقي ۽ سندس گهرواري جي ذهني ڪشمڪش جي ڪهاڻي کي ڪجهـ هن ريت بيان ڪيو هو:

سُکان سورن نام!
جنهن جي پاڪرن ڪان پري،
بند ۾ بيوس ڄام.

گوندر گيت ڇئي،
اوسيئڙي جي سيج تي!
سُکان ننڊ ڪئي.

تولئہ وڇايان
ڄام! ڄمارون ڪيتريون،
توکي جي پايان.

آسون هڪجهڙيون،
توکي سپنو ديس جو
منهنجو سپنو تون.

سُکان ساري ڄام،
سپني ۾ جنهن پئي پٽيا،
پيرون، لوڏي لام.

سڏڪا پر نہ سُکان،
مان ڏس تنهنجو بند ۾،
ساريو ديس ڏکان.

نيڻ نہ هي تمندا،
سُکان گڏبي ڄام سان،
ڪيت ڦٽي ڪلندا.

هاءِ! ڪيڏو نہ درد سمايل آهي، پياري وسيم جي گيت منجھہ. اهڙي ريت محبت ڪندڙ دليون قيد هيون. سارو ديس هڪ ورديءَ واري ڏاڙيوال وٽ يرغمال ٿيل هو. ڪنهن کي خبر نہ هئي، تہ سڀاڻي ڪنهن سان ڇا ٿيندو. هرطرف لانگ بوٽن جو شور هو. بارود جي بوءِ هئي، ڦٽڪا هئا. ڪوڪون هيون، دانهون هيون. سڄو ديس هڪ فوجي لاڪپ ۾ بند هو. آخرڪار 11 ڊسمبر 1979ع تي فوجي چائنٽن تي پنهنجي پُٽ جي لاءِ دربدر ٿيندڙ سائين سچل جنجهي کي ڪراچي ۾ سندس پُٽ ڄام جنجهي سان ملاقات ڪرائي وئي. هي ملاقات، جتي هڪ خوشي جو لمحو هو تہ پورهيت ديس جو پورهيت هڏ ڏوکي اچان پساهہ کڻي پيو. پر اتي هڪ وڏي ڏک واري لهر ڪامريڊ ڄام جي رت ۾ گردش ڪرڻ لڳي، جڏهن سائين سچل اوچنگار ڏيندي، پنهنجي پٽڙي کي چيو تہ: "تنهنجي گهر واري، هاڻي ناهي رهي. ڏهہ مهينا ڪن اڳ، تنهنجو ڊگهو اوسيئڙو ڪرڻ ڪانپوءِ ڪوهہ ۾ ٽپو ڏيئي، پاڻ کي موت جي حوالي ڪري ڇڏيائين."

فولادي عزم رکندڙ هن فولادي ماڻهو لاءِ جيجي سُڪان جي اوچتو وڇوڙي واري خبر، ڄڻ ڪنهن اوچتو ڪِرندڙ وڄ جيان هئي. هو اندر ئي اندر ۾ ٽُٽي چڪو هو. پر انقلاب جن ڪارڪنن لاءِ رومانس هوندو آهي، اهي تلوار تي بہ رقص ڪري سگهن ٿا. انقلاب جي رومانس واري ڳالهہ، شايد اڄ ڪلهہ جي نوجوانن کي سمجهہ ۾ نہ اچي، پر 1970ع ۽ 1980ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌ جي ترقي پسند ۽ ڪميونسٽ ڪارڪنن لاءِ لفظ انقلاب محبوب جي پهرين چُمي کان وڌيڪ منو ۽ مقدس هو. جن ڪارڪنن جي اکين ۾ سرخ سج اڀارڻ وارو خواب ڇهتيل هوندو هو اُهي پنهنجي محبوب، ايستائين جو امڙين کي ڇڏي سگهيا پئي، پر وطن، آزادي ۽ انقلاب جي راهہ تان موٽ کائڻ جو سوچي نہ پئي سگهيا.

ڪامريڊ ڄام ساقي جي گهرواري جو اوچتو جدا ٿي وڃڻ واري خبر. ڪامريڊ ڄام جي لاءِ وڏي درد واري خبر هئي، پر ڪامريڊ هن ڏکي درد کي پيئي ويو. خير، درد ته درد هوندو آهي، جڏهن به پيڙ ڪائيندو آهي، تڏهن وري به ماڻهو لڏيو وڃي.

ڪامريڊ ڄام جي گهرواري سُکان جي موت جو پسمنظر ڪجهه هن ريت آهي ته وقت جي ڦهري سرڪار ماڻهن ۾ خوف ۽ دٻاءُ واري فضا پيدا ڪرڻ لاءِ اها افواهه به پکيڙي ڇڏي هئي، ته ڪامريڊ ڄام کي قتل ڪيو ويو آهي. اها خبر ان وقت جي اهم ريڊيو سروس بي بي سي تان به نشر ٿي هئي. هي خبر، جتي ڪميونسٽ پارٽي جي لاءِ دل ڏاريندڙ خبر هئي، اتي امڙ مينهن ٻائي، سائين سچل جنجهي، جيجي سُکان، ننڍڙي سجاد ظهير ۽ بختاور ڄام لاءِ به اوچنگارون ڏيندڙ خبر هئي. هن خبر کي ڳوٺ جي وڏڙن گهڻو ئي لڪايو پر اهي ڪامياب نه ٿي سگهيا هئا. نيٺ ور جي موت واري خبر، هڪ وجود کي فنا ٿيڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

جيجي سُکان جي موت تي ادريس جتوئي هڪڙو نظم لکيو هو، جيڪو ڪجهه قدر اُن ڦهري دور ۽ سموري منظر جي تصوير پيش ڪري ٿو.

او ساٿي تنهنجي نانءُ

جيل جون اوچيون ديوارون،
مورچن تي تاڻيل بندوقون،
لوهي تالن سان بند ڪوليون،
متان ڪو قيدي ڀڄي وڃي،
پر اڄ جو مينهن وَسيو
جيل متان ڪڪر نچيو
ڪوليءَ جي سيخن مان،

ميندهن جي ڇاٽ سان،
قيديءَ جو منهن ڀنو
۽ پوءِ
هيڏن سارن ڀهرن هوندي،
هُن جو ذهن ڀِڇي ويو،
ٽر جي پٽ تي،
اُتي جي هوا ۾،
پنهنجن ٻارڙن سان
راند ڪيڏڻ لڳو،
ڳوٺ جي ٻنين ۾
ڳوناٺن هارين سان
همرچو ڳائڻ لڳو،
ٽري لوڪ گيت جهڙي مِٺي
پنهنجي ونيءَ سان
اندلٺ ڏسڻ لڳو،
جيڪا ٻنا موڪلاٺي،
سندس قيد جو،
درد ڀوڳي،
مري ويئي،
امر ٿي ويئي.

جڏهن بہ سنڌ جي تاريخ تان مصلحت پسندي، بغض ۽ ساڙ جي ڌوڙ لهندي، تڏهن تاريخ جي ڪتاب مان گم ڪيل ڄام ۽ سُڪان جا پنڌ، سونهري ورقن جو روپ ڌاري نئين نسل لاءِ هڪڙو پيغام ڏيندا. تہ ماضي ۾ سنڌ وطن سميت ساري عالم ۾ ڪميونسٽ هڪ لفظ جو نالو نہ هو هن لفظ پٺيان هڪڙو وڏو جهان آباد هوندو هو سوچ، فڪر ۽

مسلسل اڙانگي پنڌن جو جهان. هن جهان ۾ جيڪو به شخص داخل ٿيندو هو، اهو ڄڻ پاڻ کي وطن ۽ محڪوم عوام لاءِ ارپي ڇڏيندو هو.

هونئن به ساري جهان جي تاريخ جي انقلابي ڊڪشنري گواهه آهي ته ڪوبه اهڙو ڪميونسٽ نه ٿي گذريو جنهن جي زندگي ڏکن، سورن، تڪليفن، پيڙاهن، جيلن، روپوشين ۽ ٽارچر سيلن کان خالي هجي. ڪميونسٽ نظريو ئي اهڙو آهي، جو هتي فقط وڏيل ئي اچي سگهن ٿا، پيٽ پرستن لاءِ ڪابه جاءِ ڪونهي.

15 مهينا سخت تشدد واري ماحول ۾ رکڻ کانپوءِ ڪامريڊ ڄام کي 7 مارچ 1980ع تي شام جي وقت هوائي جهاز ذريعي لاهور نيو ويو. جتي کيس پاڪستان جي مچيل ترين اذيت گاهن مان هڪ شاهي قلعي ۾ قيد ڪيو ويو هو. هن ئي قلعي ۾ فوجي جنرل ايوب سخت تشدد ذريعي ڪميونسٽ اڳواڻ ڪامريڊ حسن ناصر کي قتل ڪرايو هو. هو پاڪستان جي تاريخ جو پهريون نظرياتي ۽ انقلابي شهيد آهي. ان کان پوءِ هن قلعي ۾ هڪ ٻيو ڪميونسٽ آمر جي عتاب هيٺ هو. بس رڳو جنرل جو بوٽ تبديل هو، وردي ساڳي هئي.

ڪامريڊ ڄام 20هين صدي جي راڪشست ضياءُ الحق جي ڦهر جو شڪار هو. سندس ساٿي روپوشي جي عالم ۾ انقلابي سرگرميون ڪندا رهيا. هنن جي سرگرمين کي ڏسي، وقت جو آمر ڇتو ٿي پيو هو. ڪوئٽه ۾ ”قلي ڪئمپ“ جي اذيت گاهه مان سزا ڀوڳڻ کان پوءِ ڪامريڊ نذير عباسي ٻيهر ساڳي آب و تاب سان ميدان ۾ هو. جاسوس سپاهي سندس پٺيان هئا، پر هو وقت سان گڏ ٻيڙ ڊاهڻ وارو هنر سکي چڪو هو. تنهن ڪري ڏانئڻ مارشلا جي گرفت ۾ نه پئي آيو ۽ مسلسل تحريرن ۽ مختلف سياسي سرگرمين ذريعي ضيائيت کي للڪاري رهيو هو.

اوچتو ڏانئڻ مارشل لا 29 جولاءِ 1980ع تي ڪامريڊ نذير عباسي، احمد ڪمال وارثي، غلام شبير شر ۽ پروفيسر جمال نقوي کي ڪراچي

مان گرفتار ڪري، ڪين غائب ڪري ڇڏيو. 30 جولاءِ تي سهيل سانگي کي گرفتار ڪري غائب ڪيو ويو. ڪامريڊن جي گرفتاري ۽ ڪين غائب ڪرڻ خلاف پوري ملڪ ۾ انڊر گرائونڊ ڪم ڪندڙ ڪميونسٽ پارٽي شديد ردِ عمل ڏيکاريو پر گُونگي، ٻوڙي ۽ انڌي رت پياڪ ڊائنڻ مارشل لا تي ڪوبہ فرق نہ پيو هو. فوجي ٽولي پڪو پهہ ڪري ڇڏيو هو تہ هنن "تخريبڪارن" کي مڪمل طور دفن ڪرڻ سان ئي، آمريڪا سامراج ۽ اسان سُک جو ساهہ کڻي سگهون ٿا. ڪميونسٽن کي مڪمل طور ختم ڪرڻ لاءِ هڪ خفيہ آپريشن شروع ٿي چڪو هو.

هن آپريشن ۾ برگيڊيئر امتياز جهڙا شڪاري شامل ڪيا ويا هئا. ڪراچي سيل جي ڪمانڊ برگيڊيئر امتياز حوالي ڪئي ويئي هئي. هن پنهنجي جاچ جي شروعات 27 رمضان (29 جولاءِ) تي گرفتار ٿيل هڪ پورهيت جان محمد جي پٽ ڪامريڊ نذير عباسي کان شروع ڪئي. سيل جي انچارج کي بخوبي علم هو تہ هن شخص ڪيترو پريشان ڪيو آهي ۽ ٽري ڪميونسٽ جي گرفتاري کان پوءِ هن ڪهڙي نہ انقلابي حڪمت عملي سان ڪميونسٽ پارٽي جي سمورن محاذن کي متحرڪ رکيو آهي، تنهنڪري ان وحشي انچارج، ڪيس هٿيار ڦٽا ڪرڻ لاءِ تشدد جو پهريون مرحلو شروع ڪيو پر ڪامريڊ نذير عباسي پنهنجو نالو ٻڌائڻ کان سواءِ هڪ لفظ نہ ڳالهايو. ڪامريڊ جا بلند حوصلا ڏسي، ٽارچر سيل جي انچارج جو فوجي انا مجروح ٿيڻ لڳو پوءِ هن تشدد جا سمورا طريقا آزمائڻ شروع ڪيا. ڪامريڊ بہ سنڌ جي مٽيءَ جو ڳوهيل باضمير ڪميونسٽ هو. سندس حوصلن کي ٽوڙڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ هئي. سيس نمائڻ هن جي خمير ۾ ڪونہ هو. سخت تشدد کان پوءِ بہ ڪامريڊ پنهنجي سوچ، فڪر ۽ نظريي تي اٽل بيٺو رهيو. نيٺ رهزنن انساني وجود کي ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيو پر سندس عزم، سوچ، فڪر ۽ حوصلي کي مات نہ ڏيئي سگهيا.

پيرن اگھاڙن ماڻھن جي مسڪين اگواڻ ڪامريڊ نذير عباسي کي موت ڏيڻ کان پوءِ وحشي جلاد انقلابي جي چچريل لاش کان ايترو ڏڄي ويو جو هن عبدالستار ايڌي کان سهڪار ونندي، رات جي اونداهي ۾ شهيد جي لاش کي سخي حسن ڪراچي جي قبرستان ۾ دفن ڪيو. ڪامريڊ نذير عباسي جي شهادت مان اها ڳالهه واضح ٿي ويئي، ته هڪ ڪميونسٽ جي جسم کي ڳيا ڳيا ڪري سگھجي ٿو پر ڪيس جھڪائي نٿو سگھجي، ڪيس خريد نٿو ڪري سگھجي، سندس بلند حوصلن، عزمن ۽ آدرشن کي فتح نٿو ڪري سگھجي. اهو ئي بنيادي فرق آهي، هڪ باضمير ڪميونسٽ ۽ هڪ وڪائو ماڻهو ۾. ڪامريڊ نذير جي شهادت جي خبر، جنتي باهه جي ڀنيٽ جيان پوري دنيا ۾ پکڙجي ويئي، اتي اها خبر فوجي عقوبت خاني ۾ قيد ڪامريڊ نذير جي انقلابي اُستاد ڪامريڊ ڄام کي به ڏني ويئي ته جيئن سندس حوصلن کي پاش پاش ڪري سگھجي، ڇاڪاڻ ته ڪامريڊ ڄام جي گرفتاري کان پوءِ ڪامريڊ نذير ئي پارٽي جي شاگرد، مزدور ۽ هاري محاذن کي متحرڪ ڪندڙ اهم ساٿي هو. ڪامريڊ ڄام ساقي موجب: ”آئون اندران صفا ڄُھري ڇڪو هئس، پر مون پنهنجي حوصلن کي زنده رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ۽ سوڀارو ٿيس.“

هتي هڪ رڪارڊ تي رکڻ جهڙي ڳالهه ٻڌائيندو هلان ته ڪامريڊ نذير عباسي جي وحشياڻي قتل خلاف محترم جي ايم سيد کان سواءِ سموري دنيا جي ڪميونسٽ، جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند ڌرين شديد احتجاج ڪيو هو. تاريخي رڪارڊ گواهه آهي ته سنڌ جي هن سرخ گلاب جي شهادت تي محترم جي ايم سيد عذر خواهي ڪرڻ پري جي ڳالهه، پر سندس لوفر ڪارڪنن سنڌ يونيورسٽي ۾ شهيد نذير عباسي جي وحشياڻي قتل خلاف ڪميونسٽ ۽ ترقي پسند شاگردن جي احتجاجي مظاهري تي حملو ڪري ڏنو هو جنهن جي

نتيجي ۾ ڪيترائي شاگرد زخمي ٿيا هئا. اها به ڳالهه ٻڌائيندو هلان ته آمر جنرل ضياءُ الحق جي ڪهري مارشل لا ۾ هي ڪا پهرين شهادت نه هئي، جنهن تي سنڌ جي آزادي جي نيڪيدار محترم جي ايم سيد مجرمانه ماٺ ڪئي هئي، پر ان کان پهرين هڪ چونڊيل وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت تي فوجي حملي، پوءِ سندس گرفتاري ۽ ڦاسي تي به محترم جي ايم سيد چُپ رهيو. شاهه صاحب ملڪ تي مڙهيل آمريت جي ڪهري ڪاروائين خلاف هڪڙو ننڍڙو اخباري بيان به شايع ڪرڻ پسند نه ڪيو هو.

جڳ جهان ۾ سياسي تنظيمن ۽ سياسي اڳواڻن جي وچ ۾ فڪري ۽ نظرياتي اختلاف ٿيندا رهندا آهن. پر انهن اختلافن کي ذاتي انا ۽ دشمني طرف وٺي وڃڻ هڪ سياسي ماڻهو جو وکر ڪونهي. شهيد نذير عباسي ۽ ڀٽي صاحب سان ڪنهن سياسي ماڻهو جا هڪ لک اختلاف، پر هڪ وحشي آمر هٿان سندن شهادت قابلِ مذمت هئي، پر افسوس سن جي سيد انتهائي غير جمهوري رويو رکندي، تاريخ ۾ پنهنجي پت وائکي ڪري ڇڏي.

هتي اها به ڳالهه ٻڌائيندو هلان ته محترم جي ايم سيد صاحب ڀٽو دشمني ۾ گرفتار ٿي، ڀٽي صاحب خلاف فوجي جنرلن جي هُشي تي هلايل تحريڪ پاڪستان قومي اتحاد (Pakistan National Allience) جي حمايت پڻ ڪئي هئي. هن تحريڪ جا سرگرم اڳواڻ مفتي محمود (جمعيت علماءَ اسلام)، پروفيسر غفور (جماعت اسلامي) ۽ اصغر خان (تحريڪ استقلال) وارا هئا. هن ئي تحريڪ کي جواز بڻائي، فوجي جنرل ضياءُ الحق ڀٽي صاحب جي چونڊيل حڪومت کي برطرف ڪيو هو. ڀٽي صاحب جي چونڊيل حڪومت تي ٽرپل ون برگيڊ جي ذريعي حملو سندس گرفتاري ۽ بعد ۾ ضياءُ آمريت اڳيان جهڪڻ کان انڪار سبب ڦاسي جي سزا تي سيد

صاحب جي ڏکهي خاموشي تي ڳالهہ ختم ڪونہ ٿي ٿئي، پر جنهن بہ جمهوريت پسند ماڻهو پٺتي صاحب جي قتل خلاف آواز بلند ڪيو تہ محترم جي ايم سيد صاحب ان شخص تي اُلرون ڪري مٿس چڙهي ويو. جڏهن شيخ اياز پٺتي صاحب جو هڪ وردي واري آمر اڳيان نہ جهڪڻ، ثابت قدم رهڻ ۽ ڦاسي چڙهي وڃڻ واري ڪردار کي سلام پيش ڪندي، سندس شهادت کي مخدوم بلاول ۽ شاهہ عنايت سان ڳنڍيو هو تہ محترم جي ايم سيد صاحب شيخ اياز تي ايترو بخيل ٿي پيو جو شيخ اياز جي گيت "سنڌ ديس جي ڌرتي، توتي پنهنجو سيس نمايان" کي پنهنجي پارٽي پروگرامن ۾ ڳائڻ کان منع ڪري ڇڏيو هو.

شاهہ صاحب فرمان جاري ڪيو هو تہ شيخ اياز جي گيت کي قومي گيت ڪري نہ ڳايو وڃي، نہ فقط ايترو پر شاهہ صاحب ايترو بخيل ٿي پيو جو هن نياز همايوني، استاد بخاري، راشد مورائي ۽ ٻين شاعرن جي اڳواٽي ۾ هڪ ڪاميٽي جوڙي تہ توهان ڪو قومي گيت لکي اچو پر سنڌ جا پلوڙ شاعر اهڙو گيت تخليق نہ ڪري سگهيا. جيڪو اياز جي گيت جو نعم البدل هجي. نيٺ 12 سالن جي پابندي کان پوءِ ٻيهر 26 جنوري 1990ع تي شاهہ صاحب پنهنجي سالگره تي ارشاد فرمايو تہ شيخ اياز جو گيت ٻيهر ڳايو وڃي.

هن قصي مان اندازو لڳايو تہ شاهہ صاحب پنهنجي مزاجن ۾ ڪيترو جمهوريت پسند، ترقي پسند، روشن خيال ۽ روادار شخص هو توهان پاڻ فيصلو ڪريو.

سنڌ جي تاريخ تي ٿورو بہ مطالعو رکندڙ شخص هن ڳالهہ کان انڪار نٿو ڪري سگهي، تہ محترم جي ايم سيد صاحب سهپ ۽ رواداري کان خالي جذباتي سياستدان هو. وڏي ڳالهہ تہ شاهہ صاحب پاڻ اعتراف ڪيو هو تہ: "آئون جڏهن پنهنجي غريبان ۾ نظر ٿو وجهان، تہ ڏسان ٿو تہ شايد منهنجا گناهہ ايوب کهڙي صاحب کان بہ

متي ٿي وڃن. ڇا اهو شخص، جو صوفي مت کي مڃيندو هجي، سڀ ۾ پرين پسڻ جي عقيدي ۾ ويساهه رکندو هجي، سو ردِ عمل جي چڪر ۾ ڦاسي مسلم ليگ جهڙي فرقيوارانه جماعت ۾ داخل ٿي وڃي! نفرت جي وهڪري ۾ وهي، هندن کي يهودي سڏي! ڇا اهي ڳالهيون گهٽ آهن، جو اسان ويهي کهڙي جا عيب ڪيون."

(ڏسو ڪتاب: جنب گذاريم جن سين، ليکڪ. جي ايم سيد. صفحو نمبر 314. جي ايم سيد اڪيڊمي سن 2014ع)

شاهه صاحب جي پنهنجي متعلق اها ڳالهه بلڪل درست آهي ته ڪڏهن ڪڏهن شاهه صاحب انتقام جي باهه ۾ وڪوڙجي، جمهوريت، روشن خيالي، ترقي پسندي، سماجي ساڃاهه، سهپ، رواداري ۽ انسانيت جون حدون اورانگهي بغض ۽ حسد جون گنديون مثالون قائم ڪندو هو.

خير، جي ايم سيد صاحب جا هڏ ڳري ويا، پر هتي آئون تفصيل سان سندس ذڪر انهي لاءِ ڪري رهيو آهيان، ته جيئن عام ماڻهو کي پتو پئجي سگهي ته ڪميونسٽن جي عظيم الشان جدوجهدن تي چڙ کائي، مٿن "قوم دشمن" جون فتوائون جاري ڪندڙ محترم جي ايم سيد جي اصليت ڪان به عوام واقف ٿئي، ته ڪير پورهيت عوام جي نجات واري ويڙهه جي ڏوهه ۾ روپوشيون، جيل، ٽارچر سيل برداشت ڪندا رهيا ۽ ڪير رڳو فتوائون جاري ڪرڻ واري ڪڏي ڏنڏي ۾ مصروف هئا.

بهرحال مون ڳالهه پئي ڪئي ته 20 هين صدي جي نالي واري دجال جنرل ضياءُ الحق جو قهر جاري هو. ڪامريڊ نذير عباسي جي شهادت کان پوءِ به احمد ڪمال وارثي، پروفيسر جمال نقوي، غلام شبير شر ۽ سهيل سانگي "غيبي ادارن" وٽ قيد هئا. ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ سامراجي هُشي تي مسڪين ڪميونسٽن لاءِ ڌرتي تنگ ڪرڻ خلاف آوازون

بلند ٿي رهيون هيون، پر رت پياڪ سرڪار تي ڪوبہ اثر نہ پئجي رهيو هو ۽ ڪميونسٽن کي وڌيڪ محدود ڪرڻ لاءِ ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون هيون. 3 سيپٽمبر 1980ع تي اخبارن ۾ خبر شايع ڪرائي ويئي تہ: ”پاڪستان جي نظرياتي بنيادن کي دفن ڪندڙ ۽ ملڪي سلامتي کي نقصان پهچائيندڙ ڪيترائي تخريبڪار گرفتار.“

هن خبر کان پوءِ ڪارروايون وڌيڪ تيز ٿي ويون. 20 سيپٽمبر 1980ع تي ڪميونسٽ اڳواڻ امر لال ۽ 04 نومبر 1980ع تي ڪميونسٽ اڳواڻ بدر ابڙي کي گرفتار ڪري پڻ گُم ڪيو ويو آخرڪار چار مهينن کان پوءِ ”سمورن تخريبڪارن“ کي ظاهر ڪيو ويو ۽ مٿن ڪيس هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو. انهن تخريبڪارن جي لسٽ ۾ 26 مهينن کان رياستي اذيت گاهن ۾ قيد ڪميونسٽ اڳواڻ ڄام ساقي کي بہ شامل ڪيو ويو ۽ ڪيس سينٽرل جيل حيدرآباد مان ظاهر ڪيو ويو هو. سمورن گرفتار ڪميونسٽن کي لانڍي ۽ سينٽرل جيل ڪراچي ۽ حيدرآباد منتقل ڪيو ويو. نالي وارو محقق بدر ابڙو پنهنجي جيل ڊائري ۾ لکي ٿو تہ: ”ڏکهي عرصي کان پوءِ ڄام کي بند وارڊ مان ڪڍي، وارڊ نمبر 22 ۾ رکيو اٿن. قيد ۾ هيڏا سارا ماڻهو ۽ هيڏي ساري آزادي، هن اتڪل ٻن سالن کان پوءِ ڏٺي هوندي“

جنرل ضياءُ الحق جي سموري ڦهري دور ۾ ڪامريڊ ڄام ساقي جي لاءِ ڪابہ نرمي نہ هئي. ضياءُ هن فولادي وجود کي ٽوڙڻ چاهيو پئي، پر صحرا سان مقابلو ڪرڻ سندس وس ۾ نہ هو. جنوري 1981ع ڌاري گرفتار مُک ڪميونسٽ اڳواڻن جو گڏيل ڪيس ٺاهيو ويو ۽ خصوصي فوجي عدالت ۾ ڪيس هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اڃا ڪيس جا فائيل ڪورٽ جي ٽيبل تي مس پهتا، تہ ڪجھ باغين پي آءِ اي جي جهاز کي اغوا ڪري ڪابل ڪٽي ويا. جهاز منجھ 122 مسافر ۽ عملو موجود هو. اغوا ڪندڙن مطالبو ڪيو تہ مسافرن ۽ جهاز کي هڪڙي شرط تي آزاد

ڪيو ويندو. جو جنرل ضياءَ سياسي قيادين کي آزاد ڪري، هائجيڪرن جيڪي لسٽون موڪليون هيون، انهن لسٽن ۾ ملڪ دشمني جي الزام هيٺ گرفتار ڪميونسٽن مان ڇهن جا نالا سر فهرست هئا. ضياءُ آمريت لاءِ هي واقعو ڪنهن ڀونچال کان گهٽ ڪونه هو. ملڪي ۽ عالمي ميڊيا ۽ ماڻهن جون نظرون هن واقعي تي ڪُتل هيون. ملڪ جي خاموش فضا ۾ گوڙ ٻڌجڻ ۾ آيو هو. مختلف عالمي نشرياتي ادارن تي تجزيا ٿيڻ لڳا هئا، ڪن جو چوڻ هو ته هي ڪميونسٽن جو عمل آهي، ڪن جو چوڻ هو ته هائجيڪر ”الذوالفقار“ نالي گوريلا تنظيم جا گوريلا آهن.

ملڪ جي فضا ۾ گوڙ ٿي هو. رياست بوکلاڻ جو شڪار ٿي، ڪيترن ئي قيدين کي انڪار جي باوجود زوري موڪلڻ لاءِ تيار ٿي ويئي هئي. ان وقت ڪامريڊ ساقي جيل مان جلاوطن ٿيڻ کان انڪار ڪيو ۽ هن لکت ۾ جواب ڏنو هو ته ”جهاز اغوا ڪندڙ دراصل عوام جي نجات لاءِ اهڙيون ڪاروايون ڀيا ڪن. تنهنڪري چند سئو ماڻهن کي زوري جلاوطن ڪرڻ بدران، ڇهن ستن جنرلن کي مسافرن جي آزادي لاءِ موڪلڻ گهرجي، جن 08 ڪروڙ ماڻهن کي يرغمال ڪري ڇڏيو آهي.“

ڪامريڊ ساقي جو هي بيان ٻرندڙ باهه تي تيل برابر هو. هن بيان کان پوءِ پيپلز پارٽي سميت ٻين پارٽين جي وسيع فهم رکندڙ ليڊرن به جلاوطن ٿيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ڪامريڊ ڄام جو بيان ريڊيو ماسڪو بي بي سي ۽ ٻين نشرياتي ادارن تي گفتگو جو موضوع بڻجي ويو هو. هاڻي ڪامريڊ ڄام ساقي قيد ڪميونسٽ اڳواڻ طور عالمي ميڊيا تي اچي چڪو هو ۽ مختلف ملڪن ۾ موجود ڪميونسٽ ۽ انساني حقن جون سموريون تنظيمون سندس آزادي لاءِ بيان بازي ۽ سخت احتجاج ڪري رهيون هيون. ٻئي طرف پاڪستان ۾ فوجي ٽولو پي آءِ اي جهاز اغوا واري واقعي کان پوءِ جتي بوکلاڻ جو شڪار ٿي ويو هو اتي وري بربريت جا نوان داستان پڻ قائم ڪيا هئا. ملڪ ۾ خوف ۽

دهشت پيدا ڪرڻ لاءِ آئين ۽ قانون جا آنڌا اُڌوڙي ڇڏيا ۽ ڪامريڊ ساقي ٻه هن عتاب جو شڪار ٿيو. ڪيس ڏنڊا پيڙيون هٽي بند وارڊ ۾ قيد ڪيو ويو ته جيئن سنڌس ڪو هڪ لفظ به ٻاهر نه نڪري سگهي.

ملڪ جي هن بدلجندڙ ماحول سبب ڪامريڊن جو ڪيس به بيهي رهيو. 08 مهينن کان پوءِ فوجي سرڪار کي وري خيال آيو ته غدار ڪميونسٽن جو ڪيس هلائجي، ڪين ملٽري ڪورٽن ذريعي سزائون ڏياري، سندن باب هميشه لاءِ بند ڪجي. اهڙي ريت 15 ڊسمبر 1981ع تي گرفتار مُک ست ڪميونسٽ اڳواڻن تي مارشل لا ريگيوليشن 4، 13، 18، 36 قلم 124 (اي) ۽ 149 لڳائي، ڪيس ملٽري ڪورٽ ۾ هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. هنن قلمن جي مختصر لفظن ۾ معنيٰ اها آهي ته گرفتار ڪيل مجرم ڪميونسٽ مواد ورهائي، ملڪ ۾ تخريبڪاري ڪرڻ، اسلام خلاف ڪم ڪرڻ، فوج خلاف ڳالهائڻ، حڪومت خلاف بغاوت ڪرڻ ۽ ملڪ سان غداري ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ملوث آهن. مطلب ته فوجي ٽولي فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته ملڪ ۾ ٻرندڙ ٻاڙهي لالٽين کي هميشه لاءِ اجهائي ڇڏجي، اهو ئي سبب هو جو گرفتار ڪميونسٽن مٿان وڏا رياستي قلم / الزام لاڳو ڪيا ويا هئا.

هنن سرڪاري قلمن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ڪامريڊ ڄام ساقي ۽ سندن ساٿي فوجي ٽولي لاءِ ڪيترو مٿي جو سور بڻجي چڪا هئا، تنهن ڪري ڪين عدالتن ذريعي ختم ڪرڻ بهتر سمجهيو ويو هو پر هن عمل جو ارادو ڪرڻ وقت ضياءَ آمريت کي اهو گمان ۾ ئي نه هو ته سندن واسطو ڪميونسٽن سان پيو آهي. اها خبر ڪين فوجي عدالت ۾ ڪيس جي پهرين ڏينهن پئي، جڏهن هڪ فوجي جج پنهنجو نالو ڪرنل عتيق الرحمان ٻڌائڻ کان پوءِ پاسي ۾ ويٺل ٻين ججن جو نالو ٻڌائيندي چيو ته: ”هي عدالت مارشل لا ايڊمنسٽريٽر زون سي ۽ سنڌ جي گورنر جنرل عباسي جي حڪم سان جوڙي وئي آهي.“

تڏهن محڪوم قومن جي پورهيتن جو وڪيل ڪامريڊ ڄام اڻي بيٺو. اعتراض ڪندي چيائين: ”ڪرنل صاحب! آئون توهان جي عزت ڪريان ٿو پر توهان مارشل لا جا نمائنده ٿي سامهون آيا آهيو ته پوءِ هاڻي اسان پورهيت ماڻهن ۽ انهن جي سياست جا نمائنده ٿي ڳالهائيندا سين ۽ ٻيا قانوني اعتراض اسان ان وقت ڪري سگهندا سين، جڏهن اسان کي دوستن ۽ وڪيلن سان مشورو ڪرڻ وارو حق ملندو. پر هن وقت اسان ايترو چئون ٿا ته هن عدالت جي جوڙجڪ قانوني ڪونهي، ڇاڪاڻ ته هن ڪيس ۾ شامل فريادي شخص جنرل عباسي، اسان جي هڪ ساٿي ڪامريڊ نذير عباسي جي قتل ۾ ملوث جوابدار آهي. سو جنرل عباسي فريادي ڌر ٿي ڪيس هلائڻ لاءِ ڪابه عدالت جوڙي نٿو سگهي. ٻيو اعتراض اهو آهي ته اسان مارشل لا کي غير قانوني سمجهون ٿا. تنهن ڪري ان جي هر عمل ۽ هن عدالت جي تشڪيل کي به قانون مطابق غلط سمجهون ٿا. اسان جي خيال ۾ جيڪڏهن ڪنهن کي اسان تي ڪيس هلائڻ جو حق آهي، ته اها هن ملڪ جي ماڻهن جي عدالت آهي.“

ڪامريڊ ڄام فوجي مارشل لا پاران جوڙيل خصوصي فوجي عدالت ۾ فوجي ججن سان مخاطب هو. اهڙي سخت ماحول ۾ پنهنجي بلند حوصلي ۽ اوچي آواز ۾ پنهنجو ڪيس پيش ڪرڻ، ڪا ٻارن جي راند ڪونهي. پهرين ئي پيشي تي ڪامريڊ ڄام فوجي ججن مٿان پنهنجو ايترو نفسياتي اثر ڇڏي چڪو هو. جو نالي وارو محقق سائين بدر ابڙو صاحب پنهنجي جيل ڊائري ۾ لکي ٿو ته: ”ڪرنل ڄام جي اعتراضن کي رد ڪندي، قسم کڻندي چيو ته. ”مان خدا کي حاضر ناضر سمجهي اقرار ٿو ڪريان، ته پنهنجو فرض صحيح انجام ڏيندس.“

ڪامريڊ ڄام کي وري موقعو ملي ويو. ڪجهه چوڻ جي اجازت گهري چيائين: ”توهان قسم ته نه کڻو. ڪرنل صاحب! اسان کي قسمن

تي ڏاڍا فريب مليا آهن. اسان، ماڻهن کي قسم پڃندي ڏٺو آهي، نہ فقط ڏٺو آهي، پر وردي ۾ پڃندي ڏٺو آهي.“

سائين بدر موجب: ”ڪرنل ڪوبہ تبصرو ڪرڻ بدران ڦِڪي ڪل مُرڪيو. شايد هو ڳالهہ جي توڙ کي سمجهي ويو هو چيائين: ”مان فقط پنهنجي قسم جو ذميوار آهيان.“

اظهار جي آزادي تي سخت پابندي هجڻ باوجود جهڙي طرح ڪامريڊ ساقي ڪورٽن کي لوڏيو ۽ حوصلي سان لوهي ديوارن سان مخاطب ٿيو تہ فوجي ٽولي کي وڏيڪ خطرو محسوس ٿيو هو ۽ هنن انڌي منڍي راءِ عامہ تي وڌيڪ پابنديون مڙهي ڇڏيون. اخباري ادارن منجهہ سرڪاري اهلڪار مقرر ڪيا ويا. جيڪي هر خبر کي جاچ پڙتال واري مرحلي مان گذاري شايع ڪرڻ جي اجازت ڏيندا هئا. اهڙي ڌهڪاءُ واري صورتحال ڪانپوءِ ترقي پسند صحافت تي پابندين ۽ ڪميونسٽن جي ٽرائيل تي سختي سبب ڏيهي ۽ پرڏيهي سياسي، صحافتي ۽ انساني حقن جي تنظيمن پاران سخت احتجاجي موقف اچڻ شروع ٿي چڪا هئا. سو هوريان هوريان ڪامريڊن جو ڪيس ”نذير عباسي ڪيس“، ”ڪميونسٽ ڪيس“ ۽ پوءِ ”جام ساقي ڪيس“ جي نالي سان ڏيهي ۽ پرڏيهي ميڊيا ۾ زيرِ گفتگو شروع ٿيو هو. ائين ڏسندي ئي ڏسندي حيدرآباد کان ماسڪو، لنڊن کان تختِ لاهور تائين ”جام ساقي ڪيس“ جو پڙاڏو گونجڻ لڳو. نيٺ وقت جي ڦهري سرڪار صحافتي پابندين تي ڪجهہ نرمي ڪئي ۽ سرخ سپاهين جي ڪيس کي 10 مئي 1982ع تي بند فوجي عدالت ۾ هلائڻ بدران کليل فوجي عدالت ۾ هلائڻ جو فيصلو ڪيو.

ساڳي صورتحال جيلن ۾ هوندي هئي. ڪامريڊ جام جيلن ۾ حرڪت پيدا ڪندڙ ملزم هو. هو جنهن بہ جيل ۾ ويندو هو ان جيل جي خاموشي کي ٽوڙيندو هو. انهي عيوض سخت تڪليفن کي منهن

ڏيٺو پوندو هئس. اڪثر ته ڪيس بند وارڊ ڪري ڇڏيندا هئا. پر 1982ع جو سال ڪجهه مختلف هو. ڪامريڊ جيلن ۾ ڪورٽن مٿان حاوي رهيو. ايتري تائين جو جيل سياسي اوطاقون بڻجي ويون هيون. جيلن ۾ ڪميونسٽ اڳواڻن جون ورسيون ملهائجڻ لڳيون. جنهن ۾ باقاعده مختلف پارٽين جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن شرڪت ڪندا هئا. 10 نومبر 1982ع تي جڏهن سوويت يونين جو سابق سربراهه برزنيف گذاري ويو. ته جيل ۾ قيد مختلف سياسي پارٽين جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن ڪامريڊ ڄام وٽ تعزيت لاءِ آيا هئا. بغاوت جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪميونسٽن فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته جيل ۽ عدالت کي سياسي پليٽ فارم ۾ تبديل ڪري، ملڪ ۾ قائم هراسيل فضا ۾ ڏار وجهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪجي، ته جيئن فوجي آمر جون نندڻون حرام ٿيڻ سان گڏوگڏ پورهيت عوام ۾ جدوجهد جو اتساهه پيدا ٿئي.

هونئن به جتي ڪامريڊ ڄام ۽ اتي جهڙا ڪميونسٽ هجن، اتي ائين ٿيڻ ممڪن هو. ڪامريڊ بدر ابڙي واري ڳالهه ته: "جتي ڄام هوندو آهي، اتي زندگي اٿلي پوندي آهي." ان وقت جي اخبارن، رسالن ۽ جيل ڊائرين جو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ اها ڳالهه سئو فيصد درست لڳي ٿي ته وردي وارن جي خوف سبب هراسيل فضا ۾ زندگي حرڪت ڪرڻ لڳي هئي. روڊن کان ويندي جيلن تائين، پريس ڪلبن کان ويندي عدالتي ايوانن تائين گوڙ هو. نالي وارو محقق بدر ابڙو صاحب پنهنجي جيل ڊائري ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته: "هڪ ڏينهن عدالت ۾ پيشي دوران ملاقاتين جي اچڻ، پوليس ۽ فوجي سپاهين جو وڏو تعداد هجڻ سبب جڏهن عدالت مڇي مارڪيٽ بڻجي ويئي، ته ڪرنل سخت لهجي ۾ پڇيو: "ڇا جو گوڙ آهي؟"

ڪامريڊ ڄام کان رهيو نه ٿيو ورائيائين: "جناب! اسان ته فقط عدالت جي هڪ فلور (منزل) کي ڊسٽرب ڪيو آهي، پر هُن جنهن سڄو

ملڪ ڀسترب ڪري ڇڏيو آهي، تنهن ڪي بہ ڪٺي ڪجھ سمجهايو!“

ڪرنل ماٺ تي ويو.“

ڪامريڊ ڄام خصوصي فوجي ڪورٽ تي حاوي هوندو هو. عدالت ۾ ڪابہ اهڙي پيشي نہ هوندي هئي، جنهن تي ڪامريڊ ڄام خاموش رهيو هجي. هو ڪوبہ موقعو هٿ مان وڃائڻ نہ ڏيندو هو. جتي بہ ڪا جهول ڏسندو هو تہ ان کي سياسي رنگ ڏيئي حاوي ٿي ويندو هو ۽ ڪورٽن جا فوجي جج ڏسندي ئي رهجي ويندا هئا. جڏهن ڪامريڊ عدالت جو رويو سست ڏسندو هو، تہ يڪدم ڪا درخواست جمع ڪرائي ڇڏيندو هو. مثال طور نذير عباسي شهيد جي موت جي تحقيقات ڪرائي وڃي، 1982ع ۾ جڏهن اسرائيل لبنانين تي ڦهري ڪاروائي ڪئي، ان وقت ڪامريڊ ڄام رت ڏيڻ جي درخواست جمع ڪرائي وغيره وغيره. جيئن ميلو متل ئي هجي. وري جڏهن عدالت ڪامريڊ جي درخواست کي رد ڪندي هئي، تہ هو وڏي آواز ۾ عدالت جو بائيڪاٽ ڪرڻ جو چئي، ٻاهر نڪري ويندو هو.

ڪامريڊ جي وسيع سياسي فهم ۽ بصيرت سبب ڪورٽ هڪ سياسي محاذ بڻجي سامهون آئي هئي. هڪ طرف ترقي پسند اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪورٽ ڪاروائين جي خبرن ۽ مسلسل بيان بازي سبب ڪامريڊن جو ڪيس عالمي حيثيت ماڻي چڪو هو. تہ ٻئي طرف جسارت ۽ جنگ جهڙيون رجعت پرست اخبارون ۽ مختلف رجعت پرست تنظيمون، هن ”ڪميونسٽ ٽرائيل“ کي نظريہ پاڪستان جو انڪاري ثابت ڪري غداري جا سرٽيفڪيٽ ورهائي رهيون هيون. رياست پاران رجعت پرست اخبارن ۽ تنظيمن تي اها ڊيوٽي رکي وئي هئي، تہ ڪميونسٽن تي ملڪ دشمني ۽ دهريت وارو ليبل لڳائي، عوام ۾ اهو تاثر پيدا ڪيو وڃي تہ ڪميونسٽ ملڪ دشمن ۽ مذهب دشمن آهن. اهڙي تنگ ماحول ۾ انقلابي ڪامريڊن جيل ۽ ٻاهر ميدان ۾

ڪنهن بہ الزام جي، ڪنهن بہ تهمت جي ۽ ڪنهن بہ تشدد جي پرواهہ نہ ڪندي، پنهنجي آدرش سان، پنهنجي ماڻهن سان ۽ پنهنجي وطن سان ٻڌا رهيا. يقينن جنرل ضياءَ الحق جي فوجي ٽولي اڳيان هي ڪميونسٽ جسماني طور ڪمزور هئا. معروضي حالتون ايتريون بهتر نہ هيون. ان جي باوجود هنن باغين جا حوصلا پست نہ ٿيا هئا. منهنجي ذاتي راءِ موجب، ان جو وڏو سبب ڪامريڊ ڄام ساقي جهڙي ڪميونسٽ ليڊر جو ساڻن گڏ هجڻ هو.

ڪامريڊ ڄام ساقي جي وسيع فهم، دانش ۽ حاضر دماغي اڳيان ڪڏهن ڪڏهن سندس ڪٽر مخالف بہ همدرد ٿي پوندا هئا. هن حوالي کان ڪامريڊ هڪ انٽرويو ۾ هڪ دلچسپ ۽ حيران ڪندڙ واقعو ٻڌايو هو تہ: "اسان تي داخل ڪيسن ۾ پهرين تہ ڪو سرڪاري وڪيل اچڻ لاءِ تيار ڪونہ هو. هڪڙو آيو، اهو جلد ئي گذاري ويو. وري زوري زبردستي سان مسٽر امام علي قاضي کي آندو ويو. تہ اهو بہ ڪجهہ عرصي کان پوءِ بيمار رهڻ لڳو. هڪ دفعي مون ڪورٽ منجهہ ڪائنس پڇيو تہ: "قاضي صاحب! ايڏو بيمار ڇو ٿا رهو؟"

چيائين: "سائين! ڇا ڪيان، اندر ۾ ايذاءُ ٿو محسوس ڪيان تہ اوهان جي خلاف بيٺو آهيان. سو دل جي بيماري ٿي پيئي اٿم."

ان وقت مون کلي عرض ڪيومانس تہ: "سائين! چڱو آهي، جو اوهان آهيو. ڪو دئوس ڏکي آٽي ٻيهارياٺون، تہ ڏچي ۾ پئجي ويندا سين. اهو سوچي صحتمند رهو."

خير، هڪ دفعي پنهنجي ٻن ٻارن کي اسان سان ملاقات ڪرڻ لاءِ وٺي آيو. مون پنهنجي دستور موجب ڪڪيءَ کان پڇيو: "بابا ڇا ٿيندوءَ؟"

"ڊاڪٽر ٿيندي."

"پوءِ غريبن جو علاج مفت ۾ ڪندوءَ يا پئسا وٺندوءَ؟"

”چاچا مفت.“

”واهه پٽ واهه ۽ بابلا توهان ڇا ٿيندؤ؟“ (پٽس کان پڇيم.)

چيائين: ”وڪيل.“

”ڪهڙو وڪيل؟ سرڪاري يا....“ مون ائين ٿي خدا ڪارڻ پئي پڇيو پر سوال پورو ٿيڻ کان اڳ ٿي قاضي صاحب جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا هئا.“

بهرحال اڄ ڪلهه جي واتس آپ جنريشن جي لاءِ هي قصا جيتوڻيڪ عجيب ۽ حيران ڪندڙ هوندا. ڇاڪاڻ ته اڄڪلهه جي نوجوانن اينڊ رائيڊ موبائل، گولڊ ليف ۽ ڪيوبن سگار جا ڪش هڻندڙ ڪامريڊ ڏٺا آهن. جيڪي ڪاٽن جا وڳا ۽ مهانگيون شرٽون پائي ائين هلندا آهن. ڄڻ وڏيري ڪانيو خان جا پٽ هجن. واٽڪي وسي واري ڪامريڊ محب لغاري واري ڳالهه ته: ”اسان واري ليڊر جي سگريٽن جو خرچ ايترو آهي، جو مون مسڪين جي گهر جو گاڏو هلي سگهي ٿو.“

سو مون ڳالهه پئي ڪئي ته اها ڪامريڊ ڄام ساقي جي ڏاهپ ئي هئي، جنهن جي ڪري وسيع جبر جي باوجود ٿورڙن انقلابين جي جماعت وڏي سياسي پارٽي طور سامهون آئي هئي ۽ ڪميونسٽ اڳواڻن جي ڪيس جي هاڪ جڳ جهان ۾ هئي. ڪامريڊ ڄام جي ڏاهپ ۽ وسيع انقلابي حڪمت عملين سبب هڪڙو ننڍڙو ڪيس، فوجي ٽولي جي ڪنڌ ۾ ڦاسي پيو هو. فوجي ڪورٽ ڪامريڊن کي جهڪائڻ لاءِ ڪيس کي سُست ڪندي هئي، ته اهي گوڙ ڪندا هئا. ڪيس کي تيز ڪندي هئي، ته وري ڪامريڊ کو بهانو بڻائي ڪيس کي ڊيگهه ڏيندا هئا. هر سرڪاري ڪوتاهي مان فائدو وٺندا هئا. نيٺ جابر سرڪار تنگ ٿي حتمي فيصلو ڪري ورتو ته هن ڪيس جي فائيل کي هميشه لاءِ بند ڪجي، پر متون وڃائي وينل فوجي سرڪار

هڪ وڏي سياسي غلطي ڪري ويٺي.

3 آڪٽوبر 1982ع تي فوجي ڪورٽ هر هڪ جوابدار کي بچاءَ جي شاهدن جي لسٽ پيش ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو. فوجي عدالت پاران بچاءَ جي شاهدن جي لسٽ گهرڻ، جڻ فوجي عدالت هڪ وڏي سياسي بحران ۾ ڦاسي پئي. سيني ڪامريڊن فيصلو ڪيو ته اهڙن شاهدن جي لسٽ تيار ڪجي، جو ڪيس هڪ سياسي تحريڪ جو روپ وٺي، ته جيئن وقت جي سرڪار کي وڏيڪ سوڙهو ڪجي. سيني ڪامريڊن يڪ راءِ سان فيصلو ڪيو ته ملڪ جي سمورن ترقي پسند، جمهوريت پسند ۽ روشن خيال سياستدانن، دانشورن، اديبن، شاعرن ۽ صحافين کي بچاءَ جو شاهد بڻائي، وڏو هُل برپا ڪجي، ته جيئن ڪيس وڏيڪ سياسي نوعيت اختيار ڪري عالمي سطح تائين موضوع بحث بڻجي وڃي. ڪامريڊن ائين ئي ڪيو. ڪامريڊ ڄام ساقي 120 بچاءَ جي شاهدن جي لسٽ جمع ڪرائي، جن ۾ محترمه بينظير ڀٽو، خان عبدالولي خان، مير غوث بخش بزنجو، معراج محمد خان، فتحياب علي خان، بيگم طاهره مظهر علي خان، منهاج برنا (صحافي)، ڊاڪٽر شميم اختر، محمود شام (صحافي)، اقبال جعفري (صحافي)، مجيب پيرزادو ۽ ٻيا نالي وارا سياستدان، دانشور ۽ صحافي شامل هئا. هن ڪيس جو اسير سائين بدر ابڙو پنهنجي جيل ڊائري ۾ لکي ٿو ته: "لسٽ جمع ڪرائيندي، ڪامريڊ ڄام ڪرنل سان مخاطب ٿيندي چيو: "ڪرنل صاحب! توهان سرڪاري شاهد ٻه ڏنا، هاڻ اسان جا ٻه ڏسجو. سرڪاري ڌر 25 شاهد آندا آهن، جيڪڏهن توهان وٽ وقت هجي ته اسان سڄي پاڪستان کي شاهدي لاءِ درخواست ڏيڻ جي لاءِ تيار آهيون."

فوجي عدالت ڪامريڊ ڄام جي 120 ڄڻن جي لسٽ مان، صرف 15 ڄڻن کي بچاءَ جي شاهد طور پيش ڪرڻ جي منظوري ڏني، لسٽ

مان ڪتيل نالن ۾ فلسطين جو نمائندو باسم عبدالرحمان، محترمہ نصرت ڀٽو ۽ محترمہ بينظير ڀٽو جا نالا شامل هئا. ڪامريڊن فوجي ڪورٽ جي هن رويي تي شديد احتجاج ڪيو نيٺ ڪورٽ محترمہ بينظير ڀٽي جو نالو لسٽ تي واپس آندو.

هن ئي عرصي ۾ انساني حقن جي عالمي تنظيم ايمنسٽي انٽرنيشنل فوجي ٽولي وٽ قيد سٽن ڪميونسٽن کي ”ضمير جو قيدي“ قرار ڏنو هو. هن اعزاز کان پوءِ ڄام ساقي ڪيس وڏيڪ عالمي شهرت حاصل ڪري، فوجي عدالت تي اثرانداز ٿي چڪو هو ان سان گڏوگڏ ملڪ اندر هي سوال فوجي سرڪار کان ويندي سياسي، سماجي، ادبي، صحافتي حلقن ۽ عام ماڻهن تائين گفتگو جو موضوع بڻجي چڪو هو تہ ڪامريڊ ڄام پاران عدالت ۾ جيڪي بچاءُ جا شاهد پيش ڪيا آهن، ڇا اهي شاهد خصوصي فوجي عدالت ۾ پيش ٿيندا ۽ بغاوت جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪميونسٽن جي حق ۾ بيان ڏيندا؟؟ جڏهن محترمہ بينظير ڀٽو پنهنجي وڪيلن سان ڊگهي صلاح مشورو ڪرڻ کان پوءِ بغاوت ڪيس ۾ ڪميونسٽن پاران بچاءُ جي شاهدي ڏيڻ لاءِ هائوڪاري ۾ جواب ڏنو هو، تہ ڪيس اڃا بہ وڏيڪ موضوعِ بحث بڻجي ويو هو.

ٻئي طرف بچاءُ جي شاهدن جي اچڻ کان اڳ سمورن جوابدارن پنهنجا بيان فوجي ڪورٽ ۾ جمع ڪرايا هئا. انهي حوالي کان ڪامريڊ ڄام جيل جي سخت ماحول ۾ هڪ تاريخ ساز ڊگهو بيان تحرير ڪري، 10 جنوري 1983ع تي خصوصي فوجي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو هو. ڪامريڊ ڄام پنهنجي تاريخ ساز بيان ۾ هڪ ئي وقت سامراج، فوجي راڄ ۽ سندن دلالن کي تنقيد جو نشانو بڻائڻ سان گڏ پنهنجي آدرشن سان ٻيهڻ جو اعلان ڪندي، پنهنجي جدوجهد جاري رکڻ جو عزم ڪيو هو. ڪامريڊ فوجي ججن کي مخاطب ٿيندي

پنهنجي ڏکي بيان ۾ چيو هو ته.

”محترم ڪورٽ جا ميمبر صاحبو!

مون کي ڏهه ڊسمبر 1978ع تي حيدرآباد مان گرفتار ڪيو ويو ۽ ساڳين الزامن هيٺ حيدرآباد ۾ هڪ اسپيشل ملٽري ڪورٽ ڪيس هلائي ڏهه سال سزا ڏئي چڪي آهي. ان وقت جي مڙهيل الزامن ۽ هن وقت وارن الزامن ۾ ڪوبه فرق ڪونهي. ان جي باوجود سرڪار مون کي هن ڪيس ۾ شامل ڪري اها ڪوشش ڪري رهي آهي، ته منهنجي قوت ارادي کي ڪمزور ڪري سگهي، ته جيئن مون کي عوام جي آزادي ۽ جمهوري حقن جي هلچل ۾ حصو وٺڻ کان روڪي سگهي، پر پوءِ به سرڪار جو ڪوبه شاهد مون تي ڪو ڏوهه ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب ڪونه ٿيو آهي.

مون کي پلي پت چاڻ آهي ته فوجي ڪورٽون، سندن اعليٰ حاڪمن جي هيٺ ئي سزائون ڏينديون آهن، انهن جي پيٽ ڪنهن به عدليه سان نٿي ڪري سگهجي. آئون ڪميونسٽ آهيان ۽ پنهنجي سموري شعوري زندگي پنهنجي عوام لاءِ وڙهندو رهيو آهيان. اوهان کي مون بابت فيصلو ڏيڻ جي نه طاقت آهي ۽ نه ئي ڪا جائز حيثيت. نه رڳو اهو پر اوهان جي اعليٰ حاڪمن کي اسان آڏو بيهڻ جي ڪا قانوني حيثيت ڪونهي. منهنجي معاملي ۾ آخري فيصلو تاريخ ڪندي. پڪ ڄاڻو اهي فرد جيڪي پنهنجي ملڪ ۽ عوام سان غداري ڪندا آهن، انهن کي تاريخ ۾ ڪا جاءِ ڪانه ملندي آهي ۽ اهي ماڻهو جيڪي عام ماڻهن جي ڀلي لاءِ پنهنجي حياتي ۽ رت ست ڏيندا آهن، انهن کي تاريخ ڪڏهن به وساري نه سگهندي آهي. اوهان مان هر ڪنهن کي تاريخ جي ان عدالت آڏو پنهنجن سمورن عملن ۽ سزائن لاءِ جواب ڏيڻو پوندو.

حڪومت مون تي الزام هڻي رهي آهي ته اسان مختلف صوبن ۾

نفرت ٽا ڦهلايون. درحقيقت پُراسرار غازي ۽ سندس ساٿي صفا ساڃاهه وڃائي چڪا آهن، نه ته اهي ته سولائي سان سمجهي سگهن ٿا ته هي ڪميونسٽ جيڪو ”سڄي دنيا جا مزدور هڪ ٿي وڃو“ جو علمبردار هجي، سو صوبائي نفرت ڦهلائي نٿو سگهي. جيئن آئون اڳي ئي پنهنجي سپريم ڪورٽ واري بيان ۾ صوبائيت بابت چئي چڪو آهيان، ته ”آئون ان وقت کان پورهيت آهيان، جڏهن ڏاڏو آدم پورهيو ڪندو هو. آئون گذريل 5000 سالن کان سنڌي، 500 سالن کان مسلمان ۽ 28 سالن کان پاڪستاني آهيان. هاڻي اها ڳالهه آئون ڪورٽ تي ڇڏيان ٿو، ته اهو فيصلو ڪري منهنجي وفاداري ڪيڏانهن آهي.

جناب اعليٰ! سرڪاري وڪيل مون تي الزام لڳايو آهي، ته آئون ڪميونسٽ آهيان. هائو آئون ڪميونسٽ آهيان ۽ مون کي ان تي فخر آهي. حڪمران طبقن نه رڳو معاشري جي هر اداري جو غلط استعمال ڪيو آهي، پر اسلام جو نالو به غلط استعمال ڪيو آهي. هنن ادارا تباهه ۽ ملڪ ويران ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ هي آخري ڪارتوس يعني فوج کي استعمال ڪري رهيا آهن. جيتوڻيڪ هر ڪنهن کي اها خبر آهي، ته اهو آخري ڪارتوس به 1971ع ۾ ملڪ کي متحد رکي نه سگهيو آهي. پُراسرار غازي عوام کي حق ڏيڻ بدران انهن جو ”هوش نڪاڻي“ آڻڻ ۾ ئي دلچسپي رکي ٿو. پاڪستان جي حڪمران ٽولي لاءِ اسلام جو پيغام رڳو آپي شاهي، سنسرشپ، عضوا ڪپڻ ۽ ڦاسيون آهن.

جناب اعليٰ! هن ڪورٽ کي قائم ڪرڻ وارا مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جنرل عباسي ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر ۽ ڪمانڊر ان چيف جنرل ضياءُ الحق ٻئي اسان جي نوجوانن جي اڳواڻ نذير عباسي جي قتل جي ڪيس جي ايف آءِ آر ۾ ملزم آهن.

بهرحال شايد هي ڪيس هاڻي پورو ٿيڻ تي آهي ۽ هن ڪورٽ کي نيٺ ڪو ناخوشگوار فيصلو ٻڌائڻو آهي. ان ڪري هن جي هڪ ڊر ٻڌجي ڪجهه چڙو ٿي ٻيهڻ کي سمجهي سگهجي ٿو پر سائين! آئون اوهان کي ياد ڏيارڻ ٿو چاهيان ته جيتوڻيڪ ملڪ جون اعليٰ عدالتون به دٻاءُ هيٺ فيصلا ڏينديون رهيون آهن، پر پوءِ به انهن کي حڪومت بدلجڻ کان پوءِ تلافي ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو آهي، پر فوجي ڪورٽن کي اهڙو موقعو وري نه ملندو آهي. انهن کي هڪ ئي ڀيرو ڪو فيصلو ڪرڻو هوندو آهي، ته اهي تاريخ جي طرف آهن يا وڏن ٽوپلن جي چمچاگيري ڪندا.“

اهڙي ريت ڪامريڊ ڄام ساقي پنهنجي هڪ ڊگهي بيان ذريعي پنهنجو ڪيس تاريخ جي عدالت جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. سمورن ساٿين جي بيانن کانپوءِ هاڻي سمورن بچاءُ جي شاهدن جي بيانن جو سلسلو شروع ٿيو. مير غوث بخش بزنجو خان عبدالولي خان، فتحيات علي خان ۽ ٻين شاهدن ڪامريڊ ساقي جي حق ۾ زبردست نموني سان پنهنجا بيان رڪارڊ ڪرائڻ کانپوءِ، هاڻي ڏيهي ۽ پرڏيهي ميڊيا، سياسي اڳواڻن ۽ عوام جون نظرون محترمه بينظير ڀٽو جو ڪورٽ ۾ اچڻ ۽ بيان ڏيڻ تي هيون. آخرڪار محترمه 26 مارچ 1983ع تي عدالت ۾ پهتي. ڪامريڊ ڄام موجب: ”جڏهن محترمه بينظير ڀٽو شاهدي ڏيڻ آئي، ته يڪدم هڪ برگيڊيئر ۽ هڪ ميجر جنرل اچي ڪورٽ ۾ پهتا ۽ اسان جي ملاقاتي ڪمري جي در تي ويهي چوڻ لڳا ته: ”بينظير ۽ ڄام ساقي جي خلاصي ملاقات نه ٿيڻ گهرجي.“ اسان جا نوجوان جوابدار جذباتي ٿي، هٿڪڙيون جهولائي احتجاج ڪرڻ لڳا. پوءِ ٻئي همراهه اسان تي مقرر ڪرنل عتيق الرحمان وٽ ويا ۽ چوڻ لڳا ته، ”ڄام ۽ بينظير جي خلاصي ملاقات نه ٿيڻ گهرجي.“ ڪامريڊ ڄام موجب: ”خبر ناهي ڪيئن ان وقت آئين جون ڌڄيون اُڏائيندڙ فوجي

ڪرنل ڪين چيو، ”سَرا پر شاهدي واري قانون موجب، ملزم ۾ ان جو شاهد ته خلاصو ڳالهائي ٿا سگهن، سو آئون ڇا ٿو ڪري سگهان!“

اهڙي ريت محترمه جي ڪامريڊن سان تفصيلي ملاقات ٿي هئي. ان ڪانسواءِ محترمه جي اچڻ کان پهرين پوري ڪورٽ تي سخت پهرو مقرر ڪيو ويو هو ايستائين جو صحافين کي عدالت اندر ويهڻ ته پري، پر بيهڻ جي اجازت به نه هئي. وڏي گوڙ کان پوءِ بي بي سي جي نمائندي مسٽر اين هور کي فوجي عدالت اندر اچڻ ۽ اخباري فوٽو گرافن کي تصوير ڪڍڻ جي اجازت ملي هئي. ان کان پوءِ فوجي ججن سامهون محترمه غداري جي الزام هيٺ قيد ڪميونسٽن جي حق ۾ پنهنجو تفصيلي بيان ريڪارڊ ڪرائڻ شروع ڪيو هو اجان اڌ بيان ريڪارڊ ڪرايو هو ته اوچتو فوجي عدالت بقايه بيان 29 مارچ تي ريڪارڊ ڪرائڻ جو چئي، عدالتي ڪاروائي ختم ڪري ڇڏي هئي. 29 مارچ تي ٻيهر محترمه بينظير ڀٽو فوجي عدالت ۾ آئي، عدالت ۾ واضح لفظن ۾ چيائين ته: ”آئون ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان سان يڪجهتي جو اظهار ڪرڻ آئي آهيان. اظهار جي آزادي جو حق هر شخص جو بنيادي حق آهي.“

هتي هن ڳالهه جو ذڪر به ضروري آهي ته محترمه پنهنجي عدالتي بيان ۾ ”انتهائي گهٽي سنجيدگي“ جو مظاهرو ڪيو هو. هن ڪميونسٽن جيان جنرل ضياءُ الحق کي سڏو للڪارڻ بدران فقط ”اظهار جي آزادي“ کي بنياد بڻايو ۽ پاڻ کي بيان جي ڪنهن به سٽ ۾ ڪميونسٽ هجڻ کان پري رکيو ايستائين جو محترمه پنهنجي بيان ۾ اهو به چيو هو ته: ”جام ساقي منهنجي والد جي سخت مخالفت ڪئي هئي.“

محترمه جي بيان کي پڙهي اهو محسوس ڪري سگهجي ٿو ته محترمه بينظير ڀٽو قيد ڪميونسٽن کي ڪا خاص همدردي ڏيارڻ لاءِ

نہ آئي هئي، دراصل ”جام ساقي ڪيس“ ملڪ جي سانت واري فضا کي ٽوڙي ڇڏيو هو ۽ عالمي سطح تائين ڪميونسٽ ڪيس جو پڙاڏو هو سو محترمہ لاءِ هي بهترين سياسي موقعو هو تہ هوءَ هن ڪيس سان پاڻ کي جوڙي، پر محترمہ انتهائي تحمل سان توري تڪي، ڏکي ميٽنگس ۽ مشورن کان پوءِ ڪيس جو حصو ٿي هئي.

بهرحال فوجي ٽولي جون وايون بتال ٿي ويون هيون. نيٺ فوجي عدالت ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪيو. هاڻي ڏيهي ۽ پرڏيهي سياستدانن، سياسي ڪارڪنن، اديبن، انساني حقن جي نمائندن، صحافين، وڪيلن، شاگردن ۽ پورهيت عوام جون نظرون ڪيس جي فيصلي تي هيون. آخرڪار هڪ ڏکي انتظار کان پوءِ 16 جنوري 1985ع تي ڪيس جو فيصلو ٻڌايو. ڪامريڊ جام ساقي کي 10 سال، شبير شر ۽ ڪمال وارثي کي ست ست سال سخت پورهئي سان سزا ٻڌائي ويئي، باقي جوابدارن کي ”باعزت بري“ ڪيو ويو هو.

ڪامريڊ جام ساقي کي ڏهہ سال قيد جي سزا ملڻ کانپوءِ دنيا جي مختلف ملڪن سان تعلق رکندڙ ڪميونسٽ پارٽين ۽ انساني حقن جي تنظيمن سخت احتجاج جو سلسلو شروع ڪري ڏنو هو. انهي دوران ڪامريڊ جام جي طبيعت بہ سخت خراب ٿي پئي هئي، کيس ڪراچي جي هڪ اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو تہ اتي ڪامريڊ جام کي جنرل ضياءُ الحق جو نياپو پهچايو ويو تہ. ”جنرل ضياءُ توسان عيادت ڪرڻ چاهي ٿو.“

جواب ۾ ڪامريڊ جام اهو ئي جواب ڏنو جيڪو جواب ديس جي تهذيب، تمدن ۽ ٻولي لتاڙيندڙ امڙن کي روئاڙيندڙ بستيون اجاڙيندڙ فصل پيلاڙيندڙ قاتل کي ڏجي. ڪامريڊ جام ديس جي قاتل کي جواب موڪليو تہ ”آئون ڪنهن بہ صورت ۾ جنرل ضياءُ الحق جي عيادت قبول نہ ڪندس.“

هتي هڪ رڪارڊ تي رکڻ جهڙي ڳالهه ٻڌائيندو هلان تہ هن ئي دور ۾ جنرل ضياءُ الحق سياسي تنظيمن جي ليڊرن سان ملاقاتون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون هيون. انهي سلسلي ۾ وقت جي دجال جنرل ضياءُ الحق محترم جي ايم سيد سان بہ ملاقات ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪئي، تہ سيد صاحب دلي طور قبول ڪئي ۽ پوءِ قانون، انصاف ۽ انسانن جي قاتل سان سيد ملاقات ڪئي هئي. هن ئي ملاقات ۾ محترم جي ايم سيد صاحب ايشيا جي ماڊل ڊڪٽيٽر ضياءُ الحق کي "شريف النفس" جو لقب ڏنو هو. هن ملاقات تي شيخ اياز هڪ هائيڪو لکيو هو. جيڪو مون حسن مجتبيٰ جي هڪ تحرير ۾ پڙهيو هو.

صبح جا سائين !
متان اکيون نانگ جون،
ماڪ ڦڙا پائين.

سچ پڇيو تہ آئون جڏهن بہ جنرل ضياءُ الحق جي مرحوم جي ايم سيد سان ڪيل ملاقات واري تصوير سوشل ميڊيا تي ڏسندو آهيان، تہ مون کي شديد افسوس ٿيندو آهي. جنهن دجال منهنجي ديس جا ڏاتيئڙا پُٽ ڍول ڪُنا، انهي سان ملاقاتون!! ڪنهن شاعر بلڪل صحيح چيو هو تہ:

"بيماري جي بهاني، توکي گلدستا ٿا روز ڏين،
جن هئي منهنجي قوم ڪُٺي، تن جو توسان ڪيڏو پيار."

خير، جي ايم سيد تي افسوس ڪرڻ فضول آهي. برک ڪهاڻيڪار سائين نجم عباسي واري ڳالهه تہ: "سيد عملي سياست مان جاٽي ئي ڪونہ. هو پنهنجي ٿوري ٿڪي عمل ۾ ڪڏهن بہ عوام دوست نہ رهيو آهي. هن تمام گهڻن موقعن تي عوام دشمني وارو ڪردار ادا پڻ ڪيو ۽ پنهنجي جاگيرداراڻي انا کي تسڪين ڏني.

(ڏسو، سنڌ سجاڳ ميگزين (سيپٽمبر 1994ع)، نجم عباسي جو انٽرويو)

سيد صاحب پنهنجي جاگيرداراڻي انا کي تسڪين ڏيڻ لاءِ نہ صرف قانون، انصاف، ڪتاب، قلم، ڪاغذ ۽ انسانن جي قاتل کي ”شريف النفس“ جو لقب ڏنو هو، پر ان سان گڏوگڏ فوجي آمر کي وڏيڪ خوش ڪرڻ لاءِ جمهوريت پسند عوام جي تحريڪ ايم آر ڊي (MRD) کي ”ڪفن چورن جي تحريڪ“ جو لقب پڻ ڏنو هو. اهڙي ريت سيد پنهنجا خوفناڪ رنگ ڏيکاريندو رهيو ٻئي طرف ڪميونسٽ، جمهوريت پسند، ترقي پسند عوام جو قافلو پنهنجي راهہ تي همت، جرئت ۽ ثابت قدمي سان هلندو رهيو. اخباري رڪارڊ جي جاچ پڙتال ڪرڻ ڪانپوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ جنرل ضياءُ الحق جي ڪهري راڄ ۾ ڪامريڊ رشيد احمد شاهہ، ڪامريڊ واحد بخش ٻنگلاڻي، مانڊل شر، اسماعيل قريشي، چاچا مولا بخش خاصخيلي، ڪامريڊ قوتو رستماڻي، ڪامريڊ امداد اوڍو، ڪامريڊ غلام رسول سهتو، انور پيرزادو، گلاب پيرزادو، قربان علي پيرزادو، مير ٿيٻو، محمد خان سولنگي، امداد چانڊيو، شير محمد مڱريو، چاچا شاهہ محمد دراني، ڪامريڊ غلام حسين شر، ڊاڪٽر حميد سومرو، صالح بلو، جاويد شڪور، نرنجن ڪمار، گهنشام پرڪاش، حميده گهانگهرو، آپا ممتاز نوراني، آصفہ رضوي، اقبال سلطانہ، افشاه صبوئي، خورشيد آپا، عرس سيلرو، مهيش ڪمار (ڊي ايس ايف گهوٽڪي)، نانڪ رام (ڊي ايس ايف راڻيپور)، اختيار پتو، ڊاڪٽر ڌرم پال، احمد خان لغاري، خادم ٿهيم، علي حسن چانڊيو، شبير بيدار پتو، تاج مري، رمضان ميمڻ، اسلم اوڍاڻو، گل مستوئي، پوڙهو پيپل، ڊاڪٽر قاسم بروهي، ممتاز منگي، مسرور چانڊيو، ستار گهوٽو، غلام قادر مرراڻي، خادم چانڊيو، محمد مراد چانڊيو، خدا بخش شاهہ، قادر بخش سيلرو، منظور سولنگي، علي محمد بروهي، عاجز جمالي، اقبال ملاح، معشوق ملاح، امداد قاضي، مومن جمالي، دريا خان رستماڻي، ڊاڪٽر جبار خٽڪ، امام علي نازش جهڙا سرخ سپاهي پنهنجي حال سارو عمل جي ميدان ۾ شاندار انقلابي سرگرميون ڪري رهيا هئا.

ڪامريڊ وڏي جوش ۽ جذبي سان زير زمين انقلابي ڪمن ڪارن ۾ مصروف هوندا هئا. سرخ پرچم، پارٽي پريس رليز پوسٽر ۽ پمفليٽ ورهائيندا هئا، ننڍيا ننڍيا پروگرام ڪندا هئا، ديوارن تي چاڪنگ ڪندا هئا، جتي ٻه ڪين وجهه ملندو هو اتي زبردست سرگرميون سرانجام ڏيندا هئا. انهي سلسلي ۾ سنڌ هاري ڪميٽي ۽ ڊي ايس ايف جو محاذ وڌ کان وڌ سرگرم هو. ٻئي طرف 1986ع ڌاري فوجي جنرل ضياءُ الحق جو فوجي غرور ڪنهن حد تائين ٽٽي چڪو هو ان سان ڪيترن سياسي قيدين کي فائدو پهتو هو. جنرل هاڻي جمهوريت پسند ٿيڻ جون ڪوششون ڪري رهيو هو. ان حوالي کان فوجي ڪئمپن، بند واردن، شاهي قلعي لاهور جهڙن عتاب گهرن ۽ جيلن ۾ سخت ذهني ۽ جسماني تشدد برداشت ڪندڙ ڪميونسٽ اڳواڻ ڪامريڊ ڄام ساقي کي سزا پوري ٿيڻ کان ٻه سال پهرين 10 ڊسمبر 1986ع تي 08 سال قيد ڪاٽڻ کان پوءِ آزاد ڪيو ويو.

جيل مان آزاد ٿيڻ کانپوءِ ڪامريڊ ڄام جو پوري سنڌ ۾ تاريخي استقبال ٿيو هو. صرف ڪميونسٽ پارٽي ۽ ڪميونسٽ ڪارڪنن سندس آجيان نه ڪئي، پر ملڪ جي سمورن جمهوري ۽ ترقي پسند سوچ رکندڙ سياستدانن، ڪارڪنن، شاگردن، دانشورن، اديبن، شاعرن ۽ صحافين کان وٺندي عام ماڻهن تائين سندس ڀرپور آجيان ڪئي ويئي هئي. هڪ اهڙي شاندار آجيان ڪامريڊ ڄام جي اباڻي ڏيهه ٿرپارڪر ۾ ٿي هئي. مٺي شهر ۾ هزارن جي تعداد ۾ ماڻهن هٿن ۾ ڪامريڊ جون تصويرون کڻي، شاندار استقبال ڪيو هو. هرطرف هڪ ئي نعرو گونجي رهيو هو "تانجو ساٿي، مانجو ساٿي، ڪامريڊ ساقي، ڪامريڊ ساقي." مٺي شهر ۾ استقبال ڪندڙن ۾ ننڍڙي بختاور ۽ سجاد ظهير به شامل هئا. جن جي امڙ پنهنجي ور جي ڏکهي انتظار کانپوءِ پاڻ کي ڪوهه جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. اهي يتيم ٻارڙا پنهنجي بابا، جيڪو سمورن يتيم ٻارڙن جو روحاني بابا هو جي آجيان لاءِ بيتاب هئا.

مون متي شهر ۾ ڪامريڊ ڄام جي شاندار استقبال واريون تصويرون، ان وقت جي مشهور سياسي رسالي ”نئون نياپو“ (فيبروري ۽ مارچ 1987ع) جي بيڪ ٽائيٽل تي ڏٺيون ته هڪ پل لاءِ حيران ٿي ويس، ڇاڪاڻ ته اسان واري نوجوان ٿهيءَ جيڪي ڪميونسٽ، سوشلسٽ ۽ سوشل ڊيموڪريٽ پارٽيون ڏٺيون آهن، اهي ته ڇار ماٺهو گڏ ڪرڻ لاءِ به پريشان هونديون آهن. پر جنرل ضياءُ الحق جي ٿهري دور ۾ اٺ سال مسلسل جيل جون سختيون برداشت ڪري ٻاهر نڪتل ڪميونسٽ پارٽي جي ليڊر جي ايڏي شاندار عوامي استقبال کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته ملڪ پاڪستان ۾ بادشاهن سان وڙهندڙ ڪميونسٽن جو ماضي ڪجهه چڱو رهيو آهي. ڪامريڊن شديد رياستي جبر ۾ به انقلابي سرگرميون جاري رکيون، تڏهن ته عوام جون محبتون ساڻن گڏ هيون. ڪامريڊ ڄام ساقي موجب، ”عوام منهنجو ايڏو شاندار نموني استقبال ڪيو هو جو آئون حيران رهجي ويس، ڇاڪاڻ ته مسلسل اٺ سال مرڪزي قائد جو جيل هجڻ ۽ پارٽي وڏي عتاب هيٺ اچڻ باوجود عوام جو جوش ڏسڻ وٽان هو. پر ڪجهه پارٽي جي غلطين جي ڪري انهي عوامي همدردين کي گڏ ڪري نه سگهياسين.“

ڪامريڊ ڄام ساقي جي آزادي تي ماضي جي مشهور انقلابي شاعر جان خاصخيلي هڪ شاندار نظم لکيو هو. هن نظم کي پڙهي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سامراج مخالف سياسي ۽ ادبي ڌرين ڪان ويندي عوام ۾ ڪامريڊ ڄام ساقي لاءِ ڪيتريون محبتون آباد هيون.

منهنجا ٻچڙا،
پورهيت جي پيشانيءَ تي ڦتل،
ماڪ ڦڙن جهڙا ٻچڙا.
قيد جي شيخن جي هُن پار ڪي ئي ماٺهو
جنجهيءَ جي سيني مائن جي لڙڪن جهڙا،

دنيا جي مائن جي سپنن جهڙا،
منهنجا ٻچڙا.
ڪيڏو وقت اجهامي ويو آ،
ڪيڏي عمر هلي وئي آ،
ڪيڏا ڏنپ اچا تائين،
پيار ڪرڻ جي ڏوهه پڄاڻان،
ڪيڏي مچ مٿان اُڪريو هان.
توهان جي ننڍپڻ جون ٻوليون،
مون نـه ٻڌيون،
ڪچ ڪڏائڻ کان سڪيو هان.
توهان وسڪاري جي هر موسم ۾،
ٻاتين ٻاتين ٻولين ۾،
ڪيڏا گيت چيا هوندا.
خشڪ پٽن تي گاهه ڦٽا هوندا
۽ چانگن پويان ٻارن ڊوڙون،
ڪيڏو پيار وٺو هوندو.
چيڙن جي ولين پويان،
هر پٽ لتاڙي هوندي،
۽ آئون،
ڪوئي سانئون، ڏونرا، پسيون،
ڪنيپون ۽ هر ڪيت پسڻ کان ڏور،
ويران دنيا جي تهه خانن ۾،
تر پٽن جي خشڪيءَ جهڙن،
منهنجي چيڙن،
توهان جي ٻالڪپڻ جي ٿهڪ ڏيڻ

۽ روئڻ وارن لمحن ۾،
ڪيڏا گيت رُنا هوندا.
پر منهنجا ٻچڙا،
مون کي سُڏڪڻ کان نفرت آ.
ٻال جتيءَ کان،
توهان کي ڏسندي ئي،
منهنجي من ۾ تعبيرن جا ڪيت پڪا هن.
مون سان هٿ هٿن ۾ لائي،
منهنجي ڀاڪر ۾ ويهي،
منهنجي نيڻن ۾ گهوريو
منهنجي چپڙن جي چوواٽين تي،
پنهنجا لُڙڪ ڪيرائڻ کان اڳ ۾،
موتئي جهڙا گل لڳايو
منهنجي پياس اجهايو
منهنجا جليا زخم ٺرن جيئن.
منهنجا ٻچڙا،
منهنجي هر امنگ،
جوئر جو جڻ سنگ
جنهن جا داٽا،
جنجهيءَ جي سيني مائن جي لڙڪن جهڙا،
دنيا جي مائن جي سپنن جهڙا.
منهنجا ٻچڙا.

اهڙي ريت جتي سياسي، ادبي حلقن ۾ عوام پاران ڪامريڊ جام جي آزادي تي شاندار آجيان ڪئي وئي، اتي ترقي پسند سوچ رکندڙ اخبارن ۽ رسالن بہ ڪامريڊ کي زبردست لفظن ۾ ٽريبيوٽ پيش ڪيو

هو. اخبارن ۽ رسالن باقائده ڏگها ايڊيٽوريل لکيا هئا. هڪ اهڙي شاندار پيٽا، ان وقت جي مشهور رسالي ”پرهہ ڦٽي“ (فيبروري 1987ع) پنهنجي ايڊيٽوريل ۾ پيش ڪئي هئي. نالي واري دانشور سائين رشيد ڀٽي صاحب ۽ ترقي پسند شاعر سائين تنوير عباسي جي صلاحڪاري هيٺ نڪرندڙ رسالي ”پرهہ ڦٽي“ پنهنجي شاندار ايڊيٽوريل ۾ لکيو هو تہ ”اسان ترقي پسند، اديب، انقلابي رهنما ۽ هاري اڳواڻ ڄام ساقي کي طويل قيد کان پوءِ زنده ڇوٽڻ تي مبارڪون ٿا ڏيون. ڄام ساقي پيڙهيل طبقي مان اُٿندڙ اُن طبقي جو انقلابي رهنما آهي. پنهنجي شاگردي واري دور کان وٺي هو ترقي پسند سوچ جو حامل ۽ عوامي جمهوري قومي تحريڪن سان ساٿ ڏيندو رهيو آهي، حالانڪ سندس خاص ڌيان طبقاتي جدوجهد طرف رهيو آهي ۽ هارين ۾ گهڻو ڪم ڪندو رهي ٿو.

ڪامريڊ ڄام هڪ هاري رهنما، انقلابي وطن دوست ۽ قومپرستي واري سوچ رکندڙ اڳواڻ کان سواءِ هڪ ترقي پسند اديب بہ آهي. ڪامريڊ ڄام پنهنجي قيد و بند دوران جسماني و ذهني اذيتن ۽ پيڙاهن کي مڙسي سان سٺو. ڪيترن ئي جسماني ۽ نفسياتي اذيتن جو عذاب سٺو پر پنهنجي آدرش ۽ ايمان سان ويساهہ گهاتي نہ ڪئي. ڏاڍ، ظلم ۽ جبر هن کي جهڪائي نہ سگهيو. هن سِر ڏيئي سُرخرو ٿيڻ کي ترجيع ڏني، سِر جهڪائڻ جو خيال ئي دل ۾ نہ اچڻ ڏنو. اهو انهي ڪري جو هن کي پنهنجي آدرش ۽ مقصد تي اٽل ايمان ۽ ڀروسو آهي. اوچي ڳاٽ پنهنجي آدرش ۽ ارادي جي راهہ تي هلندو رهيو آهي ۽ لوڀ لالچ، ڏاڍ ڏڍڪو اذيتون ۽ ايذاءُ سندس قدمن کي لرزش ڏيئي، ڪيس ٿيڙ نہ ڪارائي سگهيا آهن. هي رنگ ئي اهڙو آهي، جن کي ڪنيہ ڪاري نٿو سگهي.“

***

سرخ سچ کي گرھڻ

سن 1980ع وارو ڏھاڪو بادشاھن خلاف وڙھندڙ پيرين اگھاڙن ماڻھن جي مسڪين ليڊر ڪامريڊ ڄام ساقي جي شھرت جي بلندين وارو عرصو ھو. پر ھو ڪنھن بہ عوام دشمن لاڙي جو شڪار نہ ٿيو ھو پورھيت سڄاڳ سوچ جو ترجمان ھو ۽ پارٽ ڪي پورھيت ڪامريڊ ٿي رکيائين. اھو ئي بنيادي سبب ھو تہ ڪامريڊ ساقي سرخ انقلاب کي بند ڪمرن تائين محدود ڪرڻ واري دانشوراڻي سوچ جو سخت مخالف ھو. ڪامريڊ ڄام ساقي ئي ھو جنھن سنڌ اندر ماڻھن جي ذھنن ۾ لفظ ڪامريڊ جو ھڪڙو خاڪو ۽ تصور پيش ڪيو ھو.

سينيئر صحافي منظور سولنگي ڪامريڊ ڄام ساقي جي عوامي ڪردار کي شاندار لفظن جي ڀيٽا ڏيندي، پنھنجي ھڪڙي ڪالم ۾ لکيو ھو تہ: "جڏھن 1987ع ۾ سنڌ ھاري ڪميٽي پاران سڄي سنڌ جي دوري جو پروگرام رٿيو ويو. تڏھن مان ان دوري ۾ ڪامريڊ ڄام سان گڏ ھئس. مون سڄي دوري دوران نوٽ ڪيو تہ ڪامريڊ ڄام عام ماڻھن سان گڏ ويھي ماني کائيندو ھو. ڪيترن ھنڌن تي ڪامريڊ ڄام کي ڪامريڊ چوندا ھئا. تہ توھان لاءِ خاص ماني جو بندوبست آھي، پر ھو چوندو ھو تہ بس ھي نيڪ آھي. رڳو کائڻ مھل ئي نہ، پر ھر ھنڌ ڏينھن جي ٿڪيل ٽٽل ڪامريڊن سان رات جو ھڪ ئي ورانڊي ۾ ھو سمھندو بہ گڏ ۽ ھيٺ ھو."

لفظ ڪامريڊ کي معنيٰ ڏيندڙ ڪامريڊ ڄام ساقي جي سادگي ڏسي منظور سولنگي پنهنجي مضمون ۾ وڏيڪ لکيو هو تہ: "اسان صحافين هڪ دفعي ڪامريڊ کان پڇيو تہ. "ڪامريڊ! ايتري سادگي ۽ عاجزي ڇو؟"

چيائين تہ: "اسين عوام جا ترجمان ۽ عوام جي حقن لاءِ وڙهندڙ آهيون. اسان کي هر هڪ جي هڪ جيتري عزت ڪرڻ گهرجي. ان ڪري هر ماڻهو ۽ خاص ڪري عام ماڻهو جي عزت ۽ احترام ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندو آهيان."

عام ماڻهن جي بيحد عزت ۽ احترام ڪرڻ سبب ڪامريڊ ڄام ساقي رجعت پسند قوتن جي منهن تي ٺونشو هنيو هو جن جو چوڻ هوندو هو تہ ڪميونسٽ معنيٰ ملڪ دشمن، دهريو، انا پرست، وڏائي رکندڙ ۽ قوم دشمن شخص. ڪامريڊ ڄام هن غليظ پروپئگنڊا کي عملي طور رد ڪيو هو. هن عوام ۾ وڃي ثابت ڪيو تہ ڪميونسٽ معنيٰ پيڙهيل، لتاڙيل ۽ ننڍڙڪن ماڻهن جو هڏ ڏوکي. اهو ئي بنيادي سبب هو جو ڊگهي رياستي قيد ۾ دل ڏاريندڙ عقوبتون سهڻ کان پوءِ بيهر ڪامريڊ ساقي ضياءُ آمريت ۾ مات ڪري ويهڻ بدران سرخ جهنڊو هٿ ۾ کڻي عوام ۾ موجود هو. پراڻين اخبارن ۽ رسالن موجب، ڊگهي قيد کانپوءِ ڪامريڊ ڄام پوري سنڌ ۾ شاندار عوامي جلسا ڪيا هئا. 1987ع جي شروعاتي مهينن ۾ لاهور، قصور، راولپنڊي، ڪراچي، حيدرآباد، نوابشاهہ، خيرپور، سکر، گهوٽڪي، ڪشمور، ڪنڊ ڪوٽ، جيڪب آباد، لاڙڪاڻو، شهداد ڪوٽ، ڏوڪري، باڊهہ، بلهڙجي، منياڻي، محرابپور، دادو ۽ مني ۾ ڪيل شاندار جلسن ۽ استقبالي ريلين جون پريس رپورٽون مطالعو ڪجن ٿيون، تہ اها ڳالهہ بلڪل درست لڳي ٿي تہ پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن ڪميونسٽ اڳواڻ کي ايتريون عوامي محبتون نہ مليون هيون، جيتريون ڪامريڊ ڄام ساقي جي حصي ۾ آيون هيون.

عوامي جدوجهدن ۽ محبتن جو سلسلو جاري هو پر اوچتو ئي اوچتو ڏگهن پنڌن مان ڪامياب ٿي آيل ساٿي جا ”مرڪزي ساٿي“ ٿڪجي پيا هئا. هنن جي دماغ ڪميونسٽ ٿي سوچڻ ڇڏي ڏنو هو اهي زماني جي مختلف شوخ رنگيلين کان متاثر ٿيڻ شروع ٿي چڪا هئا. ساٿي جي قافلي جا مرڪزي ساٿي عوامي محبت جي درياهه اڳيان پنهنجو مارڪسي شعور وڃائي، مختلف پورهيت دشمن ۽ پورهيت انقلابي تنظيم دشمن لاڙن ۽ رجحانن جو شڪار ٿي، پنهنجي پاڻ سان غداري ڪرڻ جو سوچي رهيا هئا. تنظيم اندر مرڪزي عهدن تي ويٺل دانشور ٽولو شخصيت پرستي، موقعي پرستي، ترميم پسندي ۽ مختلف بورجوا رجحانن جي گرفت ۾ اچي، مختلف نيچ حرڪتون ڪرڻ لڳو هو. پارٽي اندر اعليٰ عهدن تي ويٺل هڪڙو ٽولو ڦوڪجي شخصيت پرستي جي ڏٻڻ ۾ ڪِري چڪو هو ايتري تائين جو جيڪڏهن ڪو ڪارڪن کين ڏاهو مڃڻ لاءِ تيار نه هوندو هو ته اهي ان ڪارڪن سان آڪڙجي ملندا هئا. ٻيو ٽولو مايوس ٿي چڪو هو. هو مايوسين جي اونداهي غارن ۾ ايترو ته غرق ٿي چڪو هو جو هاڻي پنهنجي آدرش مارڪسزم ۽ ليننزم منجهه خاميون تلاش ڪرڻ لڳو هو. ٽيون ٽولو ڪنهن نئين واٽ ڏانهن سفر ڪرڻ جو سوچي رهيو هو هڪ اهڙي واٽ جتي سُک ۽ چين هجي.

اهڙي ريت اوچتو اهڙو ٿاهه پيو هو جو سيني مرڪزي سريال ماڻهن جا انقلابي حوصلا خطا ٿي چڪا هئا. ڪامريڊ ساٿي پرچائڻ جا وڏا وس ڪيا، پر ٿاهه ڪاڏل، ٿڪيل ۽ ٽٽڙيل ڪامريڊن سوچ جو ڏيئو اُجهائي ڇڏيو هو. هو لاهي پاهي نيچ حرڪتون ڪرڻ لڳا هئا. ڏينهون ڏينهن ”سريال ڪامريڊن“ جي اعليٰ جذبن تي ڪٽ چڙهندا ويا. هنن ڇپڻيءَ سان پنهنجي سرخ آدرشن کي هوائن ۾ اُڏائي ڇڏيو هو. سريال ماڻهو جيڪڏهن ننڍڙا ضدي ٻار بڻجي وڃن، ته ان صورت ۾ انهن کان

وڏيڪ ضدي شايد ئي ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو. ڪجهه ائين ئي سنڌ جي سرخ قافلي سان ٿيو هو جڏهن قافلي کي ڪنهن چريو ڏتورو پيئاري ڇڏيو هو.

پارٽي اندر سينيئر اڳواڻ، جن پنهنجون جوانيون سرخ انقلاب لاءِ ڏنيون هيون، اهي ميٽنگس ۾ ننڍين ننڍين ڳالهين تي باقاعده وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويندا هئا. ايستائين جو ڪامريڊ هڪ ٻئي کي ڪڇيون گاريون ڏيڻ لڳا هئا. ڪيترائي ڪاهوڙي محسوس ڪرڻ لڳا هئا، ته قافلو منتشر ٿي چڪو آهي ۽ پوءِ ائين ئي ٿيو. آخر اُهي به ڏينهن اچي ويا، جو هر دانشور صاحب جي پنهنجي ڏار ڇُلهه هئي ۽ اهو مصروف هو ته ڪهڙي به طريقي سان پارٽي منجهه ڏارون وجهي، پنهنجي الڳ ڇُلهه ڏکائي، عوام ۾ پنهنجي الڳ سڃاڻپ پيدا ڪجي.

پهرين مرحلي ۾ پارٽي ٻن گروپن منجهه ورهائجي ويئي. هر گروپ پاڻ کي اڪثريتي گروپ (بالشويڪ) ۽ ٻئي کي اقليتي گروپ (مينشويڪ) سڏڻ لڳو هو. پر پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي مير ٿيٻو گروپ اقليت گروپ جي نالي سان مشهور ٿيو. ڄاڪاڻ ته ڪامريڊ ڄام پنهنجي وسيع تجربي جي آڌار تي پارٽي اندر سازش ڪندڙ مير ٿيٻو گروپ کي ڪنهن حد تائين محدود ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪو هو.

اقليت گروپ ۾ اڪثر اهي شخصيتون شامل هيون، جيڪي پاڻ کي دانشور سمجهنديون هيون. هنن پارٽي اندر ٻه گروپ ٺاهڻ جو جواز سڀ کان پهريائين قومي سوال کي بڻايو هو. آگسٽ 1987ع ڌاري پارٽي جي اقليتي گروپ، جنهن ۾ مير ٿيٻو، غلام رسول سهتو، امداد چانڊيو، محمد خان سولنگي، رحيم بخش جعفري ۽ ٻيا قومي سوال وارو مسئلو کڻي، باقاعده ميدان تي اچي ڊگڊگيون وڄائڻ لڳا هئا. هنن همراهن جو موقف هو ته، "پارٽي جو قومي سوال جي حوالي کان موقف ڇٽو ڪونهي ۽ اردو ڳالهائيندڙ ڪامريڊن پارٽي کي يرغمال بڻائي ڇڏيو آهي."

جيتوڻيڪ پارٽي جا اهي سينيئر ڪامريڊ سالن کان وڏن عهدن تي ڪم ڪري رهيا هئا، تڏهن ڪين قومي سوال وارو مسئلو ياد ئي ڪونه هو. پر اوچتو ئي اوچتو قومي سوال ياد اچي ويو ۽ ڪامريڊ امام علي نازش، ڪامريڊ جمال نقوي ۽ ڊاڪٽر اعزاز نذير جهڙا قابل ۽ متحرڪ ڪامريڊس ڪين ”مهاجر“ ڌسڙ ۾ آيا هئا. سچ پڇيو ته وڏي عرصي کان پوءِ سرخ ماضي جي ڪردارن کي ڦلوريندي مون کي تعجب اچي ٿو انهن ڪامريڊن تي، جن کي چند مهينا پهرين مارڪسزم ۽ لينزم ۾ قومي سوال جي حوالي کان مضبوط دليل ڏيندي ڏٺو ويو هو پر اوچتو اهي ڪامريڊ لينن جو هي جملو وساري ويٺا هئا ته ”جيڪو ماڻهو قومن ۽ زبانن جي برابري جو انڪاري آهي، انهن جي جدوجهد جو حصيدار ناهي، اهو مارڪسواد ته پري، پر جمهوريت پسند به ڪونهي.“

ايڏي مضبوط دليل باوجود ڪامريڊ صاحبن کي ڪميونزم ۾ قومي سوال جو ڪمزور پهلو ياد اچي ويو هو. پارٽي اندر اقليت گروپ جو نمائنده چهرو ڪامريڊ امداد چانڊيو جنهن هڪ سال اڳ 1986ع ۾ قومي سوال بابت مارڪسي نقطه نظر جو دفاع ڪندي، ”پاڪستان ۾ قومي سوال“ جي نالي سان هڪڙو ڪتاب لکيو هو جنهن جي صفحي نمبر 41 تي لکيو هئائين ته ”ڊي ايس ايف (ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن) پاڪستان کي گهڻ قومي رياست تسليم ڪري ٿي ۽ اسان شروع کان وٺي قومي حقن لاءِ آواز اٿاريندا ۽ جدوجهد ڪندا رهيا آهيون.“

انهي پياري امداد کي هاڻي ڪميونزم جي فڪر ۾ جهول ڌسڙ ۾ آيا هئا. ڪيس مارڪسزم ۽ لينزم جون ڪمزوريون ياد اچي ويون هيون. ساڳيءَ طرح ڪامريڊ ڄام ساقي سان گڏ پنهنجي زندگي جو وڏو حصو گذاريندڙ مير ٽيپو صاحب جهڳي هٽڻ لڳو هو ته ”ڪامريڊ ڄام ساقي ۽ ڪامريڊ جمال نقوي وٽ قومي سوال تي چٽو موقف ڪونهي.“ هو مارڪسزم ۽ لينزم جي مخالفت ۾ ميخائيل گورباچوف جو متعارف

ڪيل فڪر ”پروسترئيڪا“ جو مضبوط وڪيل بڻجي سامهون آيو هو. واضح رهي ته مير ٿيبو چند سالن اندر ڪٽر ڪميونسٽ مخالف ڪردار بڻجي چوڻ لڳو هو ته ”مارڪسزم پنهنجي اهميت وڃائي چڪو آهي، هاڻي ڪنهن نئين نظريي کي تلاش ڪجي.“

ساڳيو روح راڙو سينيئر ڪامريڊ غلام رسول سهتي صاحب مچايو هو ته ”مارڪسزم ۽ ليننزم پرڏيهي پروگرام آهن.“

خير، ڀهراڙي جي ماڻهن وٽ هڪڙو قول مشهور آهي ته، ”پاڇوڪڙ وٽ هزارين مڪر.“ ساڳي ريت اسان جي پراڻن ڪامريڊن جي هڪڙي ٽولي کي ”ڪميونزم جي ڀوت“ کان ڀڄڻو هو سو سوين تال ۽ مڪر ڪرڻ لڳا هئا. اهي پنهنجي سرخ ماضي کي وساري منافقت، هيڄ، مايوسي، بدخواهي، گلاخوري، ترميم پسندي ۽ شوبازي جهڙين سماجي بيمارين ۾ وڪوڙجي، پنهنجي پارٽي ۽ استادن جي سامهون مڪر جي ديوار ٺاهي بيهي رهيا هئا.

حقيقت پڇيو ته مون کان ڪير پڇي ته ماضي واري ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي قيادت منجهه ڪهڙو شخص هو جنهن جو قومي سوال تي موقف چٽو ۽ واضح هو؟ ته آئون ان کي ڪامريڊ ڄام ساقي جو نالو ٻڌائيندس. ڇاڪاڻ ته ڪامريڊ ڄام جو موقف بلڪل واضح هو. هو سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي ڏسڻ چاهيندو هو. هو سنڌ جي لکين ايڪڙ زمين تي ڪيل قبضي جي خلاف هو. هو سنڌ جي ٻاهرين آبادي تي چٽو موقف رکندڙ هو. ايتري تائين جو هو چوندو هو ته ”جنهن کي سنڌي ڳالهائڻ نٿي اچي، ان کي سنڌ ۾ نوڪري ڪرڻ جو ڪوبه حق ڪونهي.“ هو ته پنهنجي تقرير ۾ واضح لفظن ۾ چوندو هو ته ”قومن کي پنهنجي حقن جي ضمانت صرف حقِ خوداراديت بشمول حقِ علحدگي جي بنياد تي ملي سگهي ٿي ۽ پاڪستان به هڪ رضاڪارانه يونين جي صورت ۾ ئي رهي سگهي ٿو.“

ڪامريڊ جي هن چٽي موقف باوجود ڪيترن ٽڙيل ڪامريڊن ۽ ڪٽر قومپرستن "قومي سوال" کي هٿ ٺوڪيو بنياد ڄاڻائي، ڪامريڊ ۽ سندس پارٽي تي سياسي حملن جو سلسلو جاري رکيو. انهي حوالي کان ڪامريڊ هڪ انٽرويو ۾ هڪڙي دلچسپ واقعي جو ذڪر ڪندي ٻڌايو هو ته: "آئون هڪڙي ڪٽر قومپرست کي پنجاب جي دوري تي وٺي ويس. پهرين ڏينهن تي جڏهن حقِ خوداراديت تي مون تقرير ڪئي ته اخبارن ۾ هيڊنگون لڳيون هيون ته. "جام ساقي علحدگي مانگني آئي هين"

دوري کان واپسي آياسين، ته همراهه چيو: "ڪامريڊ! توهان قومي مسئلي کي پوري طرح سان نه ڪنيو."

مون ڪيس چيو: "فوجي ڇانوڻين جي ڳالهه ڪيم؟"

چيائين: "ها."

مون چيو: "يلا ڪالاباغ ڊئم جي ڳالهه ڪيم؟"

چيائين: "ها."

"يلا حقِ خوداراديت جي ڳالهه ڪيم؟"

چيائين: "ها."

"نوڪرين جي ڳالهه ڪيم؟"

چيائين: "ها."

"يلا ٻاهرين آبادي بابت؟"

چيائين: ها."

"پوءِ معنيٰ هڪڙي ڳالهه ڪانه چئي، ته اي پنجابيو! توهان ڊيش ڊيش آهيو."

ڪامريڊ جام قومي سوال تي چٽو موقف رکندڙ ڪميونسٽ هو. سنڌ اندر ڌاري آبادي جي يلغار واري مسئلي تي ڪامريڊ بافائده

اسٽينڊ ورتو هو. هڪ انٽرويو ۾ ڪامريڊ چيو هو ته: ”مون کي هڪ همراهه چيو ته، ”اوهان ڪميونسٽ آهيو چئو ٿا ته سڀ انسان ڀائر آهن. پوءِ ٻاهر جا ماڻهو هتي اچن ٿا، ته اوهين ڇو ٿا ڪاوڙجو ۽ ماڻهن جي اچڻ وڃڻ تي اوهين پابندي ڇو ٿا لڳايو؟“

مون چيو ته: ”بابا اسان چئون ٿا ته سڄي دنيا جا پورهيتو هڪ ٿي وڃو. پر ان جو مطلب اهو ڪونهي ته سڄي دنيا جا ماڻهو سنڌ ۾ گڏ ٿيو. اسين چاهيون ٿا ته هر ڪو خوش هجي، پر پنهنجي گهر ۾.“

(شعور ميگزين (مارچ 1988ع)، ڪامريڊ ڄام ساقي جو انٽرويو)

واضح رهي ته قومن جي حقِ خوداراديت تي چٽو موقف صرف ڪامريڊ ساقي جو ذاتي نه هو پر اهو ئي موقف ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جو به هو. اها ڳالهه ڪامريڊ هڪ انٽرويو ۾ واضح لفظن ۾ چئي هئي ته: ”آئون ڪميونسٽ پارٽي جي ترجمان جي حيثيت سان چوان ٿو ته جيڪڏهن اسان جو ميمبر پاڪستان ۾ قومن جي حقِ خوداراديت جي ڳالهه نٿو ڪري، ته آئون ان کي ميمبر تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان.“

اهڙي طرح ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري جنرل ڪامريڊ امام علي نازش جو موقف به چٽو هو. ڪامريڊ پنهنجي هڪڙي انٽرويو اندر واضح لفظن ۾ چيو هو ته: ”ڪميونسٽ پارٽي سدائين قومي خود مختياري جي گهر ڪندي پئي رهي آهي، اهو ئي مستقل حل آهي. اسين نٿا سمجهون ته ڪو مهاجر جدا قوميت آهن. وڌ ۾ وڌ اهو چئي سگهجي ٿو ته هو تهذيبي اقليتون آهن. ڇو جو مهاجرن ۾ پنجاب جا به ماڻهو آهن، ته يو پي مان به. هو مختلف قوميتن جا ماڻهو آيا آهن، منجهن ڪا هڪجهڙائپ به ڪونهي. مختلف قوميتن ۽ نسلن جا ماڻهو آهن، تنهن ڪري اسين سمجهون ٿا ته ڪين سرزمين سان ناتو جوڙڻ گهرجي. اسان سمجهون ٿا ته هر اهو فرد جيڪو سنڌ ۾ رهي ٿو

اهو سنڌي آهي. اسان جي پارٽي جو شروع کان وٺي، اڄ تائين اهو موقف رهيو آهي ته ڪراچي سنڌ جو اٽوٽ حصو آهي.“

(پندرنهن روزه عبرت ميگزين (15 جولاءِ 1990ع). ڳالهه ٻولهه يوسف سنڌي ۽ آر بي سارنگ)

بهرحال ڏکين پنڌن کان ٿڪيل ڪاهوڙين اڳتي پنڌ ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. هي انڪار ڪامريڊ جام ۽ پارٽي لاءِ ڏکائيندڙ هو پر ٻئي مان پڇي نڪتل صحرائي ماڻهو ٽڙيل ڪامريڊن ۽ ڪٽر قومپرستن جي ڄاڙي بازي ۽ سازشن جو مقابلو ڪندي، پنهنجي ساٿين سان ملي اڳتي وکون کڻي رهيو هو. سال 1987ع ۾ پارٽي جي شاگرد محاذ ڊي ايس ايف (ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن) جو مرڪزي ڪنوينشن وڏي ڌام ڌوم سان ڪيو ويو، جنهن ۾ ڪامريڊ علي حسن چانڊيو کي مرڪزي چيئرمين چونڊيو ويو هو. هن ئي سال 21 سيپٽمبر 1987ع تي ڪامريڊ جام اقليت گروپ کي ٻيو جهٽڪو اهو ڏنو جو سنڌ ۾ هارين جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيم ”وطن دوست هاري تنظيم“، جيڪا ”وطن دوست انقلابي پارٽي“ جو هاري محاذ هو تنهن جي مرڪزي عهديدارن کي سنڌ هاري ڪميٽي ۾ شامل ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو ۽ 31 ميمبرن تي مشتمل مرڪزي ورڪنگ ڪاميٽي جوڙي ويئي هئي، جنهن جو صدر قوتو رستماڻي کي چونڊيو ويو هو.

ٻئي طرف پارٽي ۾ موجود اقليتي گروپ پنهنجي مسلسل سازشن ۾ مصروف رهيو پوءِ ڪامريڊ پارٽي اندر ٽوڙ ڦوڙ ڪندڙ سازشين تي هڪڙو نالو رکيو هو ”پکي.“ شايد هن نالي پٺيان اهو مفهوم هجي، ته پکين تي ڪا به ميار ناهي هوندي، سندن مرضي وٽن تي ويهن يا ديوارن تي ويهي ڪان ڪان ڪن.

هتي اها به ڳالهه ٻڌائيندو هلان ته ڪامريڊ جام جڏهن جيل ۾ هو ته ڪجهه ماڻهن ڪميونسٽ پارٽي کي توڙي جمهوري پارٽي ناهڻ جي

ڪوشش پڻ ڪئي هئي، پر ناڪام ويا هئا. چاڪاڻ ته "چام ساقي ڪيس" جي سحر اڳيان بيهي ڪونه سگهيا ۽ شايد اهوئي سبب هو ته پارٽي خلاف هڪڙو سازشي ٽولو پارٽي اندر ٽوڙ ڦوڙ وجهڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيهي رهيو هو. ڪامريڊ جام ساقي انهي سموري صورتحال تي تجزيو ڪندي پنهنجي هڪ انٽرويو ۾ چيو هو ته: "حڪومت مون مان اڪتجي چڪي هئي. ان وقت مون مان جند ڇڏائڻ جا ٻه طريقا هئا. هڪ فاضل راهو وانگر ختم ڪرڻ ۽ ٻيو اسان ۾ ڦوٽ وجهي ڪمزور ڪري، پوءِ آزاد ڪرڻ جو طريقو هو. هنن ٻئي نمبر واري حڪمت عملي تي ڪم ڪيو ۽ اهي ڪامياب ويا."

البت اها هڪ حقيقت آهي ته اول ڏينهن کان پاڪستاني رياستي ادارن جي اها اول خواهش رهي، ته پاڪستان اندر ڪميونسٽن کي محدود ڪري ڇڏجي. انهي حوالي کان پنڊي سازش ڪيس، 1954ع ۾ پارٽي تي پابندي ۽ پوءِ مسلسل رياستي جبر جو هڪ ڏکوڏ داستان گواهه آهي ته ڪهڙي ريت سامراجي رياستي ادارا ڪميونسٽن تي ڏمريل رهيا.

بهرحال هڪ ڏکي سازش تحت پهرين پارٽي کي اندروني طور ڪمزور ڪيو ويو بعد ۾ ٻن گروپن ۾ ورهايو ويو. ائين پارٽي بيحد ڪمزور ٿي ويئي هئي، پر پوءِ به ڪامريڊ ساقي هن ڌڪ کي پچائي ويو هو. هو ٻيهر سرگرم ٿي چڪو هو. پارٽي اندر ڏکي سازش باوجود ڪامريڊ جام جي مقبوليت ۾ به ڪا خاص ڪمي نه آئي هئي، سندس سحر پوري ملڪ تي ڇانيل هو ۽ ايتري ئي محبت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ موجود ڪميونسٽ ۽ ترقي پسند عوام جي ساڻس گڏ هئي. انهي سلسلي ۾ وڏي عرصي کان ڪامريڊ جام کي پرڏيهه اچڻ جون دعوتون پڻ ملي رهيون هيون. آخرڪار پنج مئي 1988ع تي ڪامريڊ

يورپ جي دوري تي ويو هو.

اڄوڪو هن ڪاهوڙي ڪامريڊ جي يورپ واري دوري تي هڪڙي سرسري نظر ڦيرايون. جيئن پاڻ کي خبر پئجي سگهجي ته هڪڙي پورهيت دل رکندڙ شخص ۽ انساني حقن جي نالي تي ملندڙ خيراتي ٽڪيٽن تي آمريڪا ۽ يورپ جا ٽوئر نما دورا ڪندڙ نام نهاد سياستدانن، دانشورن، صحافين ۽ سول سوسائٽي جي فردن ۾ ڪهڙو فرق هوندو آهي. توهان انهن نام نهادن جون ياترائون پڙهيون هونديون، سندن تصويرون ڏٺيون هونديون، هاڻي پورهيت دل رکندڙ ڪامريڊ جو مختصر سفر نامو پڙهو پوءِ اندازو لڳايو ته هڪ ڪميونسٽ ڪامريڊ ۽ هڪ نام نهاد لباڙي شخص ۾ ڪهڙو بنيادي فرق هوندو آهي.

ڪامريڊ جام ساقي 5 مئي 1988ع تي سوئيڊن پهتو. هتي سندس سوين همدردن ۽ جلاوطن سياسي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن شاندار استقبال ڪيو هو. سوئيڊن ۾ پنهنجي آمد جي ٻئي ڏينهن 06 مئي تي صبح جو نوين وڳي ڪامريڊ جام سوئيڊش سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي انٽرنيشنل سيڪريٽري ”ڪوني فريڊڪ سن“ سان ملاقات ڪئي ۽ کيس پاڪستان جي سياسي صورتحال کان تفصيل سان آگاهه ڪيو. هن ئي ڏينهن پاڪستان پيپلز پارٽي جي سابق مرڪزي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر غلام حسين، ڪامريڊ جام ساقي جي اعزاز ۾ آجياڻو ڏنو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ پاڪستانين شرڪت ڪئي هئي ۽ ڪامريڊ هتي هڪ ڀرپور تقرير پڻ ڪئي هئي. ڪامريڊ جام پنهنجي تقرير ۾ واضح لفظن ۾ چيو هو ته: ”جيڪو به قومي حقن جي لاءِ آواز نٿو اٿاري، اهو ڪميونسٽ، ترقي پسند ۽ سامراج مخالف ته پري، پر جمهوريت پسند به ڪونهي.“

دوري جي ٽئين ڏينهن 07 مئي تي سوئيڊن جي سيپ کان وڏي

اخبار Dagens Nyheter جي خاص نمائنده محترمہ ايواليند گرين ڪامريڊ ڄام کان تفصيلي انٽرويو ورتو. ساڳي رات ڪامريڊ سوئيڊن جي مختلف علائقن کان ايندڙ پاڪستاني سياسي ڪارڪنن ۽ مزدور اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون. چوٿين ڏينهن 08 مئي تي ڪامريڊ ساقي جي ملاقات ڪميونسٽ اڳواڻ Oswald Solderkqvist (جيڪو ان وقت سوئيڊن جي پارليامينٽ جو ميمبر بہ هو.) سان ٿي هئي. هن تفصيلي ملاقات ۾ پاڪستان جي پورهيت طبقي جي سامراج دشمن قومي جمهوري جدوجهد ۾ ڪردار، بلوچستان ۾آمريڪي فوج جي اڏن ۽ سنڌ ۾ ان وقت نهندڙ فوجي ڇانوڻين سميت ڪافي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي هئي. انهي رات گوتم برگ جي حلقي مان پارليامينٽ جي ميمبر ڪارل سواٽ بيرگ ڪامريڊ ڄام جي مان ۾ رات جي ماني جي دعوت ڪئي هئي، پنهنجي آجياڻي تقرير ۾ ڪارل سواٽ، ڪامريڊ ڄام جي جدوجهد ۽ قربانين کي زبردست انداز ۾ خراج تحسين پيش ڪيو هو.

ڪامريڊ ساقي پنهنجي تاريخ ساز دوري جي پنجين ڏينهن سوئيڊن جي هڪ نالي واري اخبار Svenska Dagbladet جي خاص نمائندي Bokage Carlsson کي پاڪستان جي سياسي ۽ ثقافتي صورتحال سميت ٻين ڪوڙ مسئلن تي ڀرپور انٽرويو ڏنو هو. انهي رات عوامي نيشنل پارٽي سوئيڊن جي صدر جناب دين محمد سيال ڪامريڊ ڄام جي مان ۾ رات جي دعوت ڪئي، جنهن ۾ اي اين پي جي ڪارڪنن کان سواءِ وڏي تعداد ۾ پاڪستاني جلاوطن شاعرن، اديبن ۽ سياسي ڪارڪنن شرڪت ڪئي هئي. ڪامريڊ ڄام پنهنجي دوري جي ڇهين ڏينهن تي هڪ ڪميونسٽ اڳواڻ ڪامريڊ رولف هاگل جي ڏنل آجياڻي ۾ شرڪت ڪئي هئي ۽ رات جو هڪ ڪميونسٽ اخبار

روزانہ Norskens Flammen (شمالي ستارن جون شعائون) جي ايڊيٽر ڪامريڊ ڄام کان تفصيلي انٽرويو پڻ ورتو هو.

يورپ جي تاريخ ساز دوري جي ستين ڏينهن تي ڪامريڊ ڄام پنهنجي ساٿين ۽ همدردن سان گڏ اسٽاڪ هوم شهر ۾ "سوئيڊش سماج جي ارتقا" جي عنوان هيٺ هڪ نمائش ۾ شرڪت ڪئي ۽ رات جو پنهنجي همدرد ساٿي قاضي ظفر پاران ڏنل دعوت ۾ شرڪت ڪئي هئي. هتي اها ڳالھ ٻڌائيندو هلان تہ ڪامريڊ ڄام ڪنهن بہ همدرد يا ساٿي پاران ڏنل دعوت ۾ شرڪت ڪندو هو تہ اتي وڏي تعداد ۾ ساٿي، همدرد، سياسي ڪارڪن، اديب، دانشور، شاعر ۽ صحافي شرڪت ڪندا هئا. باقائده هڪڙي ننڍڙي جلسي جهڙو ماحول هوندو هو ۽ ڪامريڊ تفصيلي تقرير ڪندو هو.

ڪامريڊ ڄام ساقي يورپ جي دوري جي اٺين ڏينهن ريڊيو ناروي جي اردو سيشن جي نمائنده محترمہ فاخره کي پاڪستان جي سياسي صورتحال سميت عورتن، اقليتن ۽ قوميتن جي مسئلي تي تفصيلي انٽرويو ڏنو ۽ ريڊئي ڪامريڊ جو اهو انٽرويو ٻن قسطن ۾ نشر ڪيو هو. انهي رات گوٿم برگ مان آيل پاڪستاني جلاوطن سياسي ڪارڪنن ۽ شاگردن ڪامريڊ سان ملاقاتون پڻ ڪيون هيون. يورپ جي دوري جي نائين ڏينهن تي ڪامريڊ ڄام سوئيڊن ۾ رهندڙ سنڌين طرفان سندس مان ۾ ڪيل آجياڻي ۾ شرڪت ڪئي، انهي موقعي تي ڪامريڊ ڊگهي سياسي تقرير پڻ ڪئي هئي. دوري جي ڏهين ڏينهن ڪامريڊ ڄام اسٽاڪ هوم جي مرڪز فولڪس (عوامي هائوس) جي هال ۾ هڪ عظيم الشان جلسي کي خطاب ڪيو. جلسي جي رپورٽ موجب، هن جلسي ۾ اسٽاڪ هوم ۾ رهندڙ پاڪستاني، هندستاني، بنگلاديشي، ايراني، افغاني ۽ عراقي عوام سميت سوئيڊن جي عوام وڏي انگ ۾

شرڪت ڪئي هئي ۽ هن جلسي ۾ ڪامريڊ ادائي ڪلاڪن کان وڌيڪ وقت تي مشتمل تاريخ ساز تقرير پڙ ڪئي هئي.

ڪامريڊ ڄام ساقي سوئيڊن جو ڏهن ڏينهن جو دورو پورو ڪري، سوئيڊن کان ڪار ذريعي جڏهن ڊينمارڪ پهتو هو تہ ڪوپن هيگن شهر جي مرڪز ۾ سائين سچل جنجهي جي پٽ ڪامريڊ ڄام جنجهي جو پُرجوش استقبال ڪيو ويو. جلوس جي شڪل ۾ کيس شيزان هوٽل آندو ويو. جتي سندس مان ۾ پروگرام رکيل هو. هن ئي هوٽل ۾ ڪامريڊ ڊينمارڪ جي ٻن مشهور اخبارن کي انٽرويو ڏنو شام جو پاڪستاني عورتن طرفان سندس مان ۾ ڏنل آجياڻي ۾ شرڪت ڪيائين ۽ انهي رات ريڊيو ڊينمارڪ کي بہ انٽرويو ڏنائين. ٻئي ڏينهن ڪامريڊ جڏهن ڊينمارڪ کان ڪار رستي مغربي برلن روانو ٿيو تہ سياسي ڪارڪنن ۽ همدردن جي هڪ وڏي تعداد کيس الوداع ڪيو هو. ڪامريڊ جڏهن مغربي برلن ڏانهن ويندي فرينڪفرٽ پهتو. تہ شهر جي مرڪز ۾ سندس پُرجوش استقبال ڪيو ويو ۽ اتي سياسي ڪارڪنن ۽ همدردن سان مختصر ملاقات کان پوءِ ڪامريڊ برلن پهتو. جتي مختلف سياسي پارٽين جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ همدردن سندس شاندار استقبال ڪيو هو.

17 مئي تي ڪامريڊ ڄام مغربي برلن ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪيو ان کان پوءِ منجهند جو ٽيڪنيڪل يونيورسٽي ۾ مقرر ڪيل هڪ ڪانفرنس کي بہ خطاب ڪيائين. انهي رات ايمنسٽي انٽرنيشنل جي وفد ڪامريڊ ڄام ساقي سان ملاقات ڪئي، ڪامريڊ ڄام وفد کي پاڪستان ۾ سياسي قيدين جي طويل فهرست ڏيندي اپيل ڪئي تہ هو سندن آزادي لاءِ عالمي راءِ عامہ ذريعي پاڪستاني ڦورو حڪمرانن تي زور ڀرين. ان سان گڏوگڏ ڪامريڊ ايمنسٽي

انٽرنيشنل جي وفد جو شڪريو ادا ڪيو جنهن سندس آزادي لاءِ آواز اٿاريندي، ڪيس "ضمير جو قيدي" قرار ڏنو هو.

18 مئي تي ڪامريڊ ڄام مغربي برلن جي پارليامينٽ هائوس ۾ سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي ۽ گرين پارٽي جي اسيمبلي ميمبرن سان ملاقاتون ڪيون ۽ پاڪستان جي سياسي صورتحال، افغانستان ۽ هندستان سميت عراق ۽ ايران جنگ متعلق تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي هئي ۽ ڪامريڊ اسيمبلي ميمبرن تي زور پريو هو ته اهي پاڪستان ۾ انساني حقن جي لتاڙ خلاف ڀرپور آواز بلند ڪن ۽ سياسي قيدين جي آزادي لاءِ پاڪستاني فوجي سرڪار تي زور ڀرين. انهي ئي ڏينهن مغربي برلن جي سوشلسٽ يونٽي پارٽي جي دعوت تي ڪامريڊ ڄام پارٽي جي مرڪزي آفيس جو دورو پڻ ڪيو ۽ پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي سيڪريٽري جنرل، پولٽ بيورو جي ميمبرن ۽ پارٽي جي روزانه اخبار جي ايڊيٽر سان ملاقاتون ڪري، پاڪستان جي سياسي، معاشي ۽ سماجي صورتحال سميت ٻين گڏيل دلچسپي جي معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي. سوشلسٽ يونٽي پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي سيڪريٽري جنرل ڪامريڊ ڄام جي آجياڻي واري تقريب ۾ ڪيس ڀرپور لفظن ۾ ڀيٽا ڏيندي چيو هو ته "پاڪستان جي پورهيت طبقي جي ليڊر جو اسان جي پارٽي جي دعوت تي دورو اسان لاءِ قابلِ فخر آهي. ان دوري سان ٻنهي پارٽين جي تعلقات، جيڪي ياڀپي ۽ عالمي انقلاب جي آدرش تي مشتمل آهن، کي وڏيڪ تقويت ملي آهي."

آجياڻي کان پوءِ ڪامريڊ ڄام پارٽي جي اخبار کي تفصيلي انٽرويو پڻ ڏنو هو انهي شام سنڌ ڊفينس ڪميٽي طرفان ڪامريڊ ڄام ساقي جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو هو جنهن ۾ زبردست خراج تحسين

پيش ڪندي ڪميٽي جي صدر اين اي ابڙي سنڌ جي ماڻهن جي آرزوئن جي تڪميل ۾ سندس غير مشروط حمايت جو اعلان ڪيو هو ۽ آجياڻي ڪي خطاب ڪندي ڪامريڊ ڄام ساقي سنڌ جي قومي جمهوري تحريڪ جو تفصيلي جائزو پڻ ورتو هو. هن پرڏيهه ۾ رهندڙ سنڌين کي اپيل ڪئي، تہ اهي سنڌ ۾ جاري فوجي آپريشن خلاف دنيا جي بين قومي آزادي ۽ سامراج دشمن تحريڪن سان ملي موثر آواز اٿارين. ڪامريڊ پنهنجي شاندار تقرير ۾ هڪ هنڌ چيو هو تہ. "ويڙهہ جا محاذ ٿيندا آهن ۽ دشمن خلاف ۽ پنهنجي ماڻهن جي حقن لاءِ راءِ عامہ کي هموار ڪرڻ ۽ دنيا ۾ پنهنجا دوست تلاش ڪري، دشمن کي اڪيلو ڪري مارڻ لاءِ بين الاقوامي راءِ عامہ کي هموار ڪرڻ جو محاذ بيحد اهم هوندو آهي. سنڌ جا ماڻهو جيڪي جلاوطني يا ٻين سبب جي ڪري پنهنجي وطن کان پري آهن، تن کي گهرجي تہ اهي سنڌ جي عوام جي سامراج دشمن قومي جمهوري جدوجهد کان دنيا جي عوام کي آگاهہ ڪن." ڪامريڊ پنهنجي ڊگهي تقرير ۾ وڌيڪ چيو تہ "هر سنڌي جيڪو وطن کان پري آهي، اهو سنڌ جو سفير آهي. هن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪندي، سنڌ جي نمائندگي ڪرڻي آهي."

شاندار آجياڻي کانپوءِ عوامي نيشنل پارٽي جي اڳواڻ نذير نجم پاران ڪامريڊ ڄام جي مان ۾ رات جي دعوت جو بندوبست ڪيو هو جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ ترقي پسند سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي هئي. هتي بہ ڪامريڊ هڪ ڊگهي تقرير ڪئي هئي.

19 مئي تي سنڌ ڊفينس ڪميٽي پاران ڪامريڊ ڄام کي هڪ وڏي جلوس سان گڏ، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي 18هين ورسي جي موقعي تي برلن شهر جي ساوينٽي ميدان جي ESG مرڪز جي وسيع هال ۾ ٿيندڙ جلسي ۾ آندو ويو. جلسي ۾ ڪامريڊ ساقي مهمان

خاص هو ۽ هن هڪ ڏکي تاريخ ساز تقرير پڻ ڪئي هئي. 20 مئي تي ڪامريڊ ڄام عالمي انقلابي شخصيت روزا الڪسمبرگ جي شهادت واري جاءِ تي ويو ۽ ان سان گڏوگڏ جرمن انقلابين جون تاريخي جڳهيون پڻ ڏٺيون. انهي شام عوامي نيشنل پارٽي مغربي برلن پاران ڪامريڊ ڄام جي مان ۾ زبردست آجياڻو ڏنو ويو. جنهن ۾ ترقي پسند سياسي اڳواڻن سميت ڪارڪنن ۽ همدردن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي هئي ۽ هتي ڪامريڊ ساڪي ڏکي سياسي گفتگو پڻ ڪئي هئي. انهي رات ڪامريڊ ڄام رات دير تائين ملاقات لاءِ ايندڙ مختلف سياسي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ همدردن جي سوالن جا جواب ڏنا هئا.

اهڙي طرح ڪامريڊ ڄام جي مغربي جرمني جي سموري سياسي دوري تي ويهي لکجي ته هڪ ڪتاب جيترو مواد آهي، پر پاڻ هتي ڪامريڊ شير محمد پاران شعور ميگزين ۾ قسطوار لکيل يورپ جي دوري جا مختصر احوال انهي ڪري پيا اوريون. ته جيئن نئين ٿهي کي خبر پوي ته ڏات ناهي ذات تي. جيڪو بلند حوصلا ۽ وسيع سوچ رکندو. پنهنجي ضمير ۽ خمير سان سچو ٿي بيهندو. اهو ئي ماڻهو تاريخ جي ورقن ۾ زنده رهندو. اهو ئي ماڻهو جڳ جهان ۾ هميشه امر هوندو. البته ڪڏهن ڪي ماڻهو پنهنجي شاندار ماضي کي تيلي ڏئي، ڏنڌلن رستن جا مسافر بڻجي ويندا آهن. پر سندن ڪيل پورهيو تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ هوندو آهي. ماڻهو انهي عظيم ورقن کي پڙهي، پنهنجا گس ترتيب ڏيندو آهي.

سو ٽر جي انهائي پوئتي پيل هڪ ڳوٺ جو ڪاهوڙي مغربي جرمني جي تاريخ ساز دوري کان پوءِ جڏهن 21 مئي تي لنڊن جي هيٿرو انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي پهتو. ته سندس شاندار استقبال ڪيو ويو ۽ پوءِ ڪامريڊ کي ڪارن جي جلوس ۾ لنڊن شهر جي هيمر سمٿ

علائقي ۾ آندو ويو جتي سندس رهائش جو انتظام ڪيو ويو هو.

ڪامريڊ شير محمد پنهنجي رپورٽ ۾ ڪامريڊ ڄام جي دوري جا تفصيل لکندي وڌيڪ لکي ٿو ته: 22 مئي تي صبح جو سوير ڪامريڊ ڄام ساقي هائي گيٽ قبرستان وڃي ڪارل مارڪس جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ ڪجهه دير اتي ترسيو ساڻس گڏ مشهور اديبه زاهده حنا سميت ڪافي ساٿي موجود هئا. 23 مئي جي شام جو لنڊن جي ڪيمڊن هال ۾ برطانيه ۾ رهندڙ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جي همدردن طرفان ڪامريڊ ڄام جي مان ۾ عظيم الشان استقباليه جلسو منعقد ڪيو ويو هو جنهن جي صدارت ڏکڻ آفريڪا جي ڪميونسٽ پارٽي جي هڪ جلاوطن اڳواڻ ڪامريڊ براءُون بونٽنگ ڪئي ۽ مهمان خاص ڪامريڊ ڄام ساقي هو. جڏهن ته هن جلسي ۾ ايراني، افغاني، عراقي، هندستاني، پاڪستان ۽ برٽش عوام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي هئي. مختلف اڳواڻن جي تقريرن کان پوءِ ڏکڻ آفريڪا جي ڪميونسٽ پارٽي جي جلاوطن اڳواڻ ڪامريڊ براءُون بونٽنگ برطانيه ۾ سرگرم دنيا جي مختلف ملڪن جي ڪميونسٽ ۽ انقلابي پارٽين جهڙوڪ، ڪميونسٽ پارٽي آف چلي، قبرص جي مزدور پارٽي، ڪميونسٽ پارٽي آف يونان، گيانا جي پيپلز پروگريسو پارٽي، ڪميونسٽ پارٽي آف عراق، توده پارٽي ايران، ڪميونسٽ پارٽي آف فلسطين، سازمان فدائين خلق ايران، ڪميونسٽ پارٽي آف ترڪي، ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا ۽ ڪميونسٽ پارٽي آف ڏکڻ آفريڪا پاران گڏيل يڪجهتي جو پيغام پڙهندي چيو ته: "اسين پاڪستان جي پورهيت طبقي جي عظيم رهبر جي برطانيه آمد تي کيس خوش آمديد چئون ٿا. ڪامريڊ ڄام ساقي جو نالو نه صرف پاڪستان جي پورهيتن جي لاءِ فخر جو باعث آهي،

پر سڄي دنيا جي مظلوم عوام ۽ انقلابين لاءِ باعثِ احترام آهي.“

ڪامريڊ برائون پنهنجي تاريخ ساز خطاب ۾ چيو ته: ”اسين سامراجين جي واتان سوشلسٽ ملڪن ۾ انساني حقن لاءِ ڏاڍي واويلا ٻڌي چڪا آهيون. پر اڄ ڏينهن تائين سندن زبان مان پاڪستان ۾ انساني حقن جي لتاڙ بابت هڪ اکر به نه اهي نڪتو جتي فوجي جنرلن جا هٿ اتي جي مظلوم عوام جي خون سان رڱيل آهن ۽ جتي احمق جنرلن وقت جي ڦيٿي کي پوئتي ڌڪڻ، اسلام جي نالي ۾ قرون وسطيٰ جي ظالماڻي نظام کي وري عوام تي مسلط ڪرڻ چاهين ٿا.“

ڪامريڊ برائون پنهنجي خطاب ۾ وڌيڪ چيو ته، ”مغربي سامراجي ملڪ اسرائيل، ڏکڻ آفريڪا. چلي ۽ ترڪي ۾ پنهنجي پاڙيتو حڪومتن جيان پاڪستان جي حڪومت جي به حمايت ڪري رهيا آهن. ڇاڪاڻ ته اهي پاڙيتو حڪومتون دنيا جي سرمائيداري ۽ سامراج جي مفادن جي تحفظ ۽ سوشلسٽ ملڪن، عالمي امن ۽ ترقي جي خلاف، سازشن ۾ مغربي سامراجي ملڪن جون چاپلوس آهن.“

ڪامريڊ برائون پنهنجي تفصيلي خطاب ۾ اهو به چيو هو ته: ”پاڪستان جي پورهيتن جي مهندار ڪميونسٽ پارٽي 1954ع کان زير زمين ۽ انتهائي ڏکين حالتن ۾ ويڙهه جاري رکي آهي، سندس اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي موت ۽ جيلن جو منهن ڏسڻو پيو آهي. اسين برطانيه ۾ رهندڙ دنيا جي مختلف انقلابي پارٽين جا نمائنده پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽي جي جدوجهد کي احترام جي نظرن سان ڏسون ٿا. اسين انهن شهيدن جي آڏو پنهنجو ڪنڌ جهڪايون ٿا. جن پاڪستان ۾ سوشلسٽ انقلاب آڻڻ لاءِ پنهنجون جانيون به قربان ڪيون. اسين ڄام ساقي کي دل جي گهراين سان سلام ۽ احترام پيش ڪريون ٿا. جنهن پنهنجي جواني ۽ زندگي جو وڏو حصو جيلن، اذيتي

مرڪزن ۾ روپوشي واري ڪٺن زندگي ۾ گذاريو.“ آخر ۾ جذهن هارين، مزدورن ۽ مڙني مظلوم ماڻهن جي جذبن جو ترجمان ڪامريڊ ڄام ساقي پنهنجي تقرير لاءِ ڊائس تي آيو تہ لنڊن جي ڪيمڊن هال ۾ موجود سمورن ساٿين سندس اٿي بيهي استقبال ڪيو. ڪامريڊ تي ڪلاڪ ڏگهي تقرير ڪري، پنهنجي وطن جي محڪوم عوام جو ڪيس پرڏيهي ماڻهن وٽ پيش ڪيو. ڪامريڊ جي تاريخ ساز خطاب کان پوءِ ڪميونسٽ پارٽي آف برطانيہ جي جنرل سيڪريٽري پاران ڪيس پيننگس ۽ گلدستو پيش ڪيا ويا. شاندار جلسي کان پوءِ انهي رات ڪامريڊ ڄام ساقي موزمبيق جي آزادي جي سالگرهہ جي موقعي تي ٿيندڙ جشن جي تقريب ۾ مهمان خصوصي طور شرڪت ڪئي ۽ اتي بہ شاندار تقرير ڪئي هئي.

24 مئي تي فيض اڪيڊمي لنڊن پاران هيمر سمٿ جي ايشين ڪميونٽي سينٽر ۾ ”سونهن، سچائي ۽ فن“ جي موضوع تي ڪامريڊ ڄام ساقي سان رهاڻ رکي ويئي، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ اديبن، شاعرن، صحافين، سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي هئي. هن ئي تقريب ۾ مشهور شاعر ۽ دانشور افتخار عارف پنهنجي تقرير ۾ ڪامريڊ ساقي کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو تہ ”پاڪستان جا اديب ۽ دانشور توهان جي قربانين تي فخر ڪن ٿا ۽ اسان جي قلم کي توهان جهڙن بهادر انسانن جي ڪردار سان ئي قوت حاصل ٿئي ٿي.“ آخر ۾ ڪامريڊ ڄام ساقي پنهنجي ڏگهي تقرير ۾ چيو تہ ”سونهن، سچائي ۽ فن جو هڪ ٻئي سان گهرو تعلق آهي.“ هن پاڪستان سان تعلق رکندڙ اديبن ۽ دانشورن تي زور پريو تہ ”اهي مظلوم عوام جي مفاد ۾ پنهنجي فن جو اظهار ڪن، ڇاڪاڻ تہ اديب جو قلم قوم جي امانت هوندو آهي. ان سان قوم جي تقدير لکي ويندي

آهي، پر جڏهن اهو ڪنهن جابر جي آڏو جهڪي ٿو ته قوم جي تقدير جو سودو ڪري ٿو.“ ڪامريڊ هن ئي رهاڻ ۾ وڌيڪ چيو ته، ”عوام حُسن آهي، سندن ڏکن ۽ تڪليفن لاءِ ويڙهه سچائي ۽ فن آهي.“

ڪامريڊ پنهنجي تفصيلي تقرير کان پوءِ حاضرين جي سوالن جا جواب ڏنا. انهي موقعي تي هڪ شخص مهاجر قوميت جي باري ۾ هڪ سوال پڇيو ته ڪامريڊ جواب ڏيندي چيو ته، ”مهاجر ڪا به قوميت ڪونهي، اسان کين نوان سنڌي سمجهون ٿا. پر جيڪي به پاڻ کي مهاجر قوم سڏائين ٿا. اهي يا ته احمق آهن يا بدمعاش. اهي اسان مان ڪونهي. حڪمران طبقو ۽ آمريڪي سامراج سنڌ جي مستقل باشندن کي پاڻ ۾ وڙهائي، پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ چاهين ٿا.“ ڪامريڊ پنهنجي جواب ۾ وڌيڪ چيو هو ته، ”سنڌ جي مستقل باشندن کي وڙهائڻ وارا سامراجي دلال آهن. جذباتي نعرن ذريعي عوام کي پاڻ ۾ وڙهائڻ ۽ نفرتون پيدا ڪرڻ آسان ڪم آهي، پر مستقل مزاجي سان تعميري سياست ڪرڻ اڙانگو ڪم آهي.“

فيض اڪيڊمي پاران ڪيل شاندار پروگرام ۾ ڪامريڊ جام ڀرپور نمونې سان سجي پنڊال تي پنهنجو سحر ڄمائڻ کان پوءِ ٻئي ڏينهن منجهند جو بلوچستان جي جلاوطن قومي اڳواڻ سردار عطاالله مينگل سان ملاقات ڪئي، جنهن ۾ قوميتن جي اتحاد ۽ حقيقي قومپرستن ۽ ڪميونسٽن وچ ۾ گڏيل محاذ ۽ ٻين ڪيترن ئي گڏيل دلچسپي جي معاملن تي چار ڪلاڪ کن گفتگو ٿي هئي.

26 مئي تي ڪامريڊ جام ساقي ايمنسٽي انٽرنيشنل پاران ڏنل دعوت تي ايمنسٽي آفيس جو دورو ڪيو. ڪامريڊ پاڪستان ۾ سياسي قيدين تي ٿيندڙ ظلمن ۽ خاص طور تي سنڌ ۾ ڪيترن ئي اذيتي مرڪزن جي قيام سميت سوين سياسي قيدين جي نظربندي ۽

جيلن جي بدترين صورتحال کان ايمنسٽي انٽرنيشنل جي عهديدارن کي آگاهہ ڪيو. انهي رات هندستان مان پنجابي زبان ۾ شايع ٿيندڙ اخبار "نئون زمانو" جي نمائندي چين سنگهہ ڪامريڊ ڄام کان انٽرويو پڻ ورتو هو.

27 مئي تي برطانيہ ۾ رهندڙ ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جي همدردن ڪامريڊ ڄام جي مان ۾ آجياڻو ڏنو. هن پُر وقار آجياڻي کي خطاب ڪندي ڪامريڊ ڄام چيو هو تہ "نظرياتي رشتي جي ڪا بہ سرحد ڪونهي. حڪمران ٽولي طرفان نفرت جي ڪنيل ديوارن کي اسان جي نظريي جي طاقت ۽ عوام جي وچ ۾ پيار جي رشتي شڪست ڏني آهي." 28 مئي تي "ورلڊ مارڪسسٽ ريويو" جي برطانيہ ۾ مقيم نمائنده محترمہ ايلي ٽوني گلفرڊ ڪامريڊ ڄام ساقي کان تفصيلي انٽرويو ورتو. انهي رات عوامي اسٽڊي سرڪل جي جنرل سيڪريٽري مشتاق لاشاري پاران ڪامريڊ ڄام جي مان ۾ رات جي ماني جي دعوت ڪئي هئي، جنهن ۾ ڏيڍ سئو کان وڌيڪ پاڪستان، هندستان، بنگلاديش ۽ افغانستان جي ممتاز سياسي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ صحافين شرڪت ڪئي هئي. انهي موقعي تي پروگرام جي آرگنائيزر مشتاق لاشاري پنهنجي تقرير ۾ ڪامريڊ ڄام جي آجيان ڪندي چيو تہ "اها اسان جي خوشقسمتي آهي، جو ڪامريڊ ڄام اسان جي صفن ۾ زنده و سلامت آهي، نہ تہ ڪجهہ سال پهرين اهو سوچڻ بہ ممڪن نہ هو." هن پنهنجي خطاب ۾ وڌيڪ چيو تہ "ائين ناهي جو ڄام ساقي ڪراچي کان ٽڪيٽ بڪ ڪيو ۽ هتي اچي، اسان سان گڏيو. پر سندس سفر نهايت ئي ڪٺن ۽ دشوار سفر رهيو آهي. پاڻ ننڍپڻ ۾ اسڪول جا ڏينهن ڇڏي، باقي سندس حياتي جا ڏينهن جيل يا روپوشي ۾ گذريا آهن. ڪامريڊ ڄام غريب عوام لاءِ جيڪي قربانيون

ڏنيون آهن، سي ڪنهن کان لڪيل ڪونهي. اسان جي ماڻهن جهڙي طرح سندس استقبال ڪيو انهي مان سندس قربانين جي اعتراف ڪندڙن جي خبر پوي ٿي.“ آخر ۾ ڪامريڊ ڄام آجياڻي کي ڏگهو خطاب پڻ ڪيو هو.

29 مئي تي ڪامريڊ ڄام بي بي سي اردو سروس جي دعوت تي بي بي سي آفيس جو دورو ڪيو. انهي موقعي تي ڪامريڊ بي بي سي کي تفصيلي انٽرويو بہ ڏنو هو. انهي رات لنڊن جي مشهور سائوٿ هال ۾ انڊين ورڪرز ايسوسي ايشن پاران ڪامريڊ جي مان ۾ وڏو آجياڻو ڏنو ويو هن آجياڻي ۾ لنڊن ۾ رهندڙ سوين هندستاني پورهيتن ۽ سياسي ڪارڪنن شرڪت ڪئي هئي. اهڙي طرح آجياڻو جلسي ۾ تبديل ٿي ويو ۽ اهو جلسو رات جو دير تائين جاري رهيو.

30 مئي تي لنڊن کان مانچسٽر پهچڻ تي ڪامريڊ ڄام ساقي جو تاريخي استقبال ڪيو ويو. لانگ سائيڊ جي ايشين ڪميونٽي سينٽر ۾ هڪ وڏي جلسي کي خطاب ڪندي ڪامريڊ ڄام پرڏيهہ ۾ رهندڙ پاڪستانين کي اپيل ڪئي هئي تہ: ”اهي دنيا جي ٻين مظلوم قومن ۽ پورهيتن جي انقلابي تحريڪن سان پنهنجو ناتو جوڙين. ڇاڪاڻ تہ عالمي يڪجهتي هڪ وڏي طاقت آهي، ۽ اسان جي پورهيت عوام کي فوجي جابرن کان نجات جي جنگ ۾ عالمي برادري جي حمايت جي سخت ضرورت آهي.“

ڪامريڊ جي ڏگهي تقرير سبب مانچسٽر جو جلسو مقرر وقت کان ڊگهو ٿي ويو انهي ڪري ڪامريڊ ڄام برمنگهم ۾ ٿيندڙ جلسي ۾ نہ پهچي سگهيو جتي سوين ماڻهن ڇئن ڪلاڪن تائين سندس آمد جو انتظار ڪيو پئي. ان جي باوجود ڪامريڊ پنهنجي ساٿين سان جڏهن برمنگهم پهتو تہ وڏي انگ ۾ ساٿين ۽ همدردن پُر وقار استقبال

ڪيو. رات جو سندس مان ۾ ”سنڌي ماني“ جي نالي سان پُر وقار دعوت رکي ويئي هئي، جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ ساٿين سان گڏ عوامي نيشنل پارٽي جي اڳواڻ خان عبدالولي خان به شرڪت ڪئي هئي. انهي موقعي تي ڪامريڊ ۽ ولي خان جي وچ ۾ مختلف سياسي مسئلن تي تفصيلي گفتگو پڻ ٿي هئي.

31 مئي تي بريڊ فورڊ ۾ پاڪستاني سياسي ڪارڪنن ۽ مزدورن گڏجي هڪ عظيم الشان جلسو ڪيو. جنهن ۾ آسپاس جي ڳوٺن ۽ شهرن کان وڏي تعداد ۾ سياسي ڪارڪنن شرڪت ڪئي هئي. انهي موقعي تي ڪامريڊ ڄام ساقي پاڪستان جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي صورتحال ۽ سامراج تي تفصيلي روشني وڌي هئي. هي جلسو ڇهن ڪلاڪن تائين جاري رهيو جنهن ۾ ڪامريڊ ڄام سامعين جي سوالن جا جواب پڻ ڏنا هئا. انهي رات ڪامريڊ ڄام ڪار ذريعي بريڊ فورڊ کان لنڊن روانو ٿي ويو.

پهرين جون تي پاڪستان ۾ بنيادي انساني حقن جي لتاڙ خلاف انساني حقن جي تنظيم پاران لنڊن ۾ پاڪستاني سفارت خاني جي سامهون مظاهرو ڪيو ويو هو. هن مظاهري جي قيادت پاڪستان جي جيلن ۾ اذيت گاهن ۾ اذيتون برداشت ڪندڙ پورهيت اڳواڻ ڪامريڊ ڄام ساقي ڪئي هئي. مظاهري ۾ برطانيه جي پارليامينٽ جي ميمبر ميڪس ميڊن به شرڪت ڪئي هئي. مظاهري ڪانپوءِ هڪ يادداشت نامو به سفارت خاني جي حوالي ڪيو ويو. جنهن ۾ پاڪستان ۾ انساني حقن جي لتاڙ جي مذمت ڪندي مطالبو ڪيو ويو هو ته سمورن سياسي قيدين کي آزاد ڪيو وڃي.

2 جون تي ”سياسي قيدي آزادي ڪميٽي“ پاران لنڊن جي چرچ هال ۾ جلسو رکيو ويو هو جنهن ۾ ڪامريڊ ڄام مهمان خاص هو.

ڪامريڊ ڄام حسب معمول ڊگهي تقرير ڪئي. آخر ۾ ڪميٽي ۽ جلسي جي صدر پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ اسان جي دل ۾ ڪامريڊ ڄام جهڙن عظيم سياسي اڳواڻن لاءِ بيحد احترام آهي. هن مختلف علائقن مان ايندڙ ساٿين جو شڪريو ادا ڪيو جيڪي ڪامريڊ ڄام کي ٻڌڻ لاءِ جلسي ۾ شريڪ ٿيا هئا. انهي رات ڪامريڊ ڄام ساقي برطانوي ڪميونسٽن جي دعوت تي پارٽي جي سيڪريٽريٽ جو دورو ڪيو. پارٽي جي سيڪريٽري جنرل ۽ پولٽ بيورو جي ميمبرن سان پاڪستان جي سياسي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي هئي. ان موقعي تي برطانوي ڪميونسٽ پارٽي جي سيڪريٽري جنرل ڪامريڊ ڄام کي خراج عقيدت پيش ڪندي، ٻنهي پارٽين جي برادرانہ تعلقات کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي زور ڏنو هو.

3 جون تي ڪامريڊ ڄام ساقي لنڊن مان شايع ٿيندڙ عالمي شهرت رکندڙ اخبار "مارننگ اسٽار" جي فارين ايڊيٽر راجرس ٽراسڪ کي پاڪستان جي صورتحال، پاڪستان ۾ قومن تي ٿيندڙ جبر ۽ طبقاتي تحريڪ ۽ ٻين اهم مسئلن تي ڀرپور انٽرويو ڏنو. جيڪو مارننگ اسٽار ۾ ٽن قسطن ۾ شايع ٿيو هو. 4 جون تي ڪامريڊ ڄام ساقي برطانيہ جي پارليامينٽ جي ميمبر ميڪس ميڊن جي دعوت تي سندس آفيس پهتو جتي ٻين برطانوي پارليامينٽ جي ميمبرن سان بہ ملاقات ٿي هئي. هن ملاقات ۾ فوجي جنرلن جي اقتدار اعليٰ تي قبضو افغانستان ۾ مداخلت، انساني حقن ۽ جمهوري حقن جي لتاڙ بابت تفصيلي گفتگو ٿي ۽ ڪامريڊ مٿن زور ڏنو تہ اهي سنڌ ۾ فوجي ڇانوڻين ۽ سنڌي قوم کي اقليت ۾ آڻي ريڊ انڊين بڻائڻ خلاف آواز اٿارين. انهي رات لنڊن جي ترقي پسند ڪارڪنن پاران ڪامريڊ ڄام جي مان ۾ رات جي دعوت ڪئي ويئي، جنهن ۾

پاڪستان ۾ ترقي پسند تحريڪ، ڪميونسٽ پارٽي جي ڪردار ۽ قومي مسئلي خاص طور سنڌ ۾ قومي جبر ۽ ان جي خلاف تحريڪ تي تفصيلي گفتگو ٿي هئي.

5 جون تي ڪامريڊ ڄام برطانيہ جو ڏکھو دورو پورو ڪري، جڏهن لنڊن کان فرينڪفرٽ لاءِ لنڊن جي ايئرپورٽ پهتو تہ سوين ساٿي ۽ همدرد کيس الوداع ڪرڻ لاءِ بيٺا هئا. اهڙي طرح شاندار الوداع کان پوءِ ڪامريڊ جڏهن فرينڪفرٽ پهتو تہ رائل مائن جي انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي سندس شاندار استقبال ڪيو ويو سندس استقبال لاءِ عوامي نيشنل پارٽي مغربي جرمني جي باني ڪامريڊ شير محمد، عوامي نيشنل پارٽي سوئيڊن جي صدر دين محمد سيال کان سواءِ هاليںڊ، اٽلي، فرانس، مغربي برلن ۽ مغربي جرمني جي ڪيترن ئي علائقن کان سندس مداح آيل هئا. ڪامريڊ ڄام کي ڪارن جي جلوس ۾ ايئرپورٽ کان فرينڪفرٽ شهر آندو ويو جتي سندس قيام جو بندوبست ٿيل هو. انهي شام جو فرينڪفرٽ شهر جي بوڪن هائم جي علائقي ۾ واقعي مشهور ”ٽين دنيا گهر“ جي هڪ وسيع هال ۾ تاريخي جلسو رکيو ويو هو. هن جلسي جو انتظام سامراج دشمن يڪجهتي ڪميٽي ڪيو هو. ياد رهي تہ سامراج دشمن يڪجهتي ڪميٽي ۾ مغربي جرمني ۾ سرگرم ڪيترن ئي ملڪن جون انقلابي جمهوري تنظيمون ۽ قومي آزادي جون تحريڪون ميمبر هيون. هن ڪميٽي ۾ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جا جرمني ۾ رهندڙ همدرد بہ سرگرم هئا.

ڪامريڊ ڄام جي دوري جي رپورٽ موجب، هن تاريخ ساز جلسي ۾ شرڪت لاءِ سوئيڊن، هاليںڊ، اٽلي، فرانس ۽ مغربي جرمني کان سواءِ عراق، ايران، اسرائيل، فلسطين، آمريڪا، چلي، ڪردستان ۽ هندستان سان تعلق رکندڙ ڪيترن ئي ترقي پسند ڪارڪنن

شرڪت ڪئي هئي. جلسي کي خوش آمديد ڄام ساقي جي بينرن، شهيد نذير عباسي ۽ حسن ناصر شهيد جي تصويرن سان سجايو ويو هو. جلسي ۾ جرمن ڪميونسٽ پارٽي جي ڪامريڊ گنٽر ڊبل، توده پارٽي ايران جي ڪامريڊ حميد، عراقي ڪميونسٽ پارٽي جي ابو خالد پنهنجي تقريرن ۾ ڪامريڊ ڄام کي زبردست لفظ پيش ڪندي، سندس جدوجهد ۾ مڪمل تعاون ۽ پاڪستان جي ڪميونسٽ پارٽي سان پنهنجي لازوال اتحاد جو اعلان پڻ ڪيو هو. جلسي ۾ ايران، عراق ۽ ڪردستان جا انقلابي ترانا پڻ پيش ڪيا ويا هئا.

آخر ۾ ڪامريڊ ڄام پنج ڪلاڪ طويل خطاب ڪيو. ڪامريڊ ڄام پنهنجي تقرير ۾ پاڪستان جي قيام، سامراجي سازشن، ملڪ ۾ طبقاتي جوڙجڪ، قومي جبر، پورهيت تحريڪ، عورتن ۽ اقليتن خلاف امتيازي سلوڪ، ڪميونسٽ پارٽي جي سامراج دشمن جمهوري تحريڪ ۽ قومي جمهوري انقلاب جي حڪمت عملين تي تفصيل سان وضاحت پيش ڪئي هئي. ڪامريڊ جي تقرير کان پوءِ رات جي ماني جو وقفو ڪيو ويو هو جنهن کان پوءِ ڪامريڊ سوالن جا جواب ڏنا هئا. اهڙي طرح شام جو پنجين وڳي کان شروع ٿيل جلسو رات جو ساڍي ٻارهين وڳي تائين جاري رهيو.

ٻئي ڏينهن 6 جون تي ڪامريڊ ڄام مختلف هنڌان آيل ساٿين سان ملاقاتون ڪيون ۽ جرمن ڪميونسٽ پارٽي جي، ڪامريڊ بير نهارڊ طرفان سندس مان ۾ منجهند جي ماني جو پروگرام ڪيو ويو هو جنهن ۾ جرمن پارٽي جي ڪارڪنن، مزدور تنظيمن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي هئي. انهي رات شام جو فرينڪفرٽ ۾ رهندڙ جلاوطن سياسي ڪارڪنن ۽ مزدورن ٻاران ڪامريڊ ڄام جي مان ۾ آئنتراخت ريسٽورنٽ ۾ آجياڻو ڏنو ويو هو. آجياڻي کي خطاب ڪندي ڪامريڊ ڄام چيو هو ته: "جمهوري جدوجهد، قومي حقن جي

جدوجهد ۽ طبقاتي جدوجهد سان ڳنڍيل آهي.“ ڪامريڊ پنهنجي تقرير ۾ هن ڳالهه تي زور ڏيندي چيو هو ته. ”جمهوري قوتن کي گهرجي. ته اهي مظلوم قوميتن تي ٿيندڙ ظلم خلاف آواز بلند ڪن.“

7 جون تي جرمني جي مقبول ترين سامراج مخالف رسالي A.I.B (اينٽي امپرئلسٽ بليٽن) جي ايڊيٽر وولفرام برونر ڪامريڊ ڄام ڪان چار ڪلاڪن تائين جو تفصيلي انٽرويو ورتو ان کان پوءِ ڪامريڊ ماربرگ يونيورسٽي ۾ پڙهندڙ افغاني، فلسطيني، عراقي ۽ ايراني شاگردن پاران ڏنل آجياڻي ۾ شرڪت ڪئي هئي. 8 جون تي ڪولون شهر پهچڻ تي ڪامريڊ ڄام جو زبردست استقبال ڪيو ويو مختلف سياسي تنظيمن جي جلاوطن مرڪزي اڳواڻن، معروف جرمن صحافين ۽ جرمن پارليامينٽ جي ميمبرن ڪامريڊ سان ملاقاتون ڪيون ۽ مختلف موضوعن تي تفصيلي گفتگو ڪئي وئي. هن ئي ڏينهن فلسطيني صحافين ڪانئس ماهوار ”الحريہ“ ۽ ايراني ساٿين توده پارٽي جي ٽي روزه مرڪزي ترجمان ”نامہ مردم“ لاءِ انٽرويو ورتا هئا.

9 جون تي ڪامريڊ ڄام ڪالون کان ڪار ذريعي بون پهتو جتي هن جرمن ڪميونسٽ پارٽي جي دعوت تي پارٽي جي بين الاقوامي مرڪزي شعبي جو دورو ڪيو. جرمن ڪميونسٽ پارٽي جي پولٽ بيورو جي ميمبر ۽ پارٽي جي بين الاقوامي يڪجهتي جي شعبي جي سربراهہ ڪامريڊ هائنز شروڊر ڪامريڊ ڄام جي آجيان ڪندي پنهنجي تقرير ۾ چيو ته ”هٽلر جي فاشزم خلاف وڙهندڙ جرمن انقلابين جي پارٽي کي، توهان جي جدوجهد ۽ قربانين جو ڀرپور احساس آهي.“ آجياڻي جي وفد ۾ شامل هڪڙو ڪامريڊ جيڪو هٽلر جي قيد ۾ هو ۽ ڪيئي سال ڦاسي جي کولي ۾ رهي چڪو هو تنهن پنهنجي تقرير ۾ ڪامريڊ ڄام کي مخاطب ٿيندي چيو ته. ”ڪميونسٽ هئڻ جي حيثيت ۾ اسان جو رشتو وسارڻ جهڙو ناهي.

ان جي باوجود اسان ٻنهي ۾ هڪ ٻيو اضافي رشتو آهي، اهو رشتو ٻنهي جو موت جي پاڇي هيٺ نظر بند هجڻ آهي.“ ڪامريڊ ڄام ساقي جرمن ڪميونسٽ پارٽي جو ٿورو مڃيندي پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ ”اسان جي پارٽي کي جرمن پارٽي جي برادرانہ جذبي تي فخر آهي.“

ڪامريڊ هڪ ڏکي تقرير کان پوءِ پنهنجي صحيح سان ڪامريڊ نذير عباسي شهيد جي فوٽن جا ڪارڊ جرمن پارٽي جي ڪامريڊن کي تحفي طور ڏنا. شاندار پروگرام کان پوءِ ڪامريڊ جرمن ڪميونسٽ پارٽي جي روزانہ اخبار ”اسان جو دور“ (Unsere Zeit) جي ايڊيٽر کي هڪ طويل انٽرويو ڏنو جيڪو ٻن قسطن ۾ شايع ڪيو ويو هو.

ڪامريڊ ڄام ساقي جو دورو اڃا جاري هو تہ سنڌ ۾ نسلي فساد شروع ٿي ويا هئا. انهي ڀيانڪ صورتحال کي ڏسندي ڪامريڊ پنهنجو مغربي جرمني جو دورو مختصر ڪري ۽ فرانس، ناروي، اٽلي، بيلجيم ۽ هالينڊ جو دورو منسوخ ڪري، فرينڪفرٽ کان ڪراچي پهتو. ڪامريڊ جي دوري بابت شايع ٿيندڙ رپورٽ موجب، ايئرپورٽ تي جلاوطني واري زندگي گذاريندڙ ديس ديس جي ڪامريڊن ۽ همدرد ساٿين اشڪباز اکين سان هزارين خدشن ۽ وري ملڻ يا هميشہ جي جدائي جي وسوسن سان، ڪامريڊ کي گلي لاهي الوداع ڪيو. هتي اهو بہ ٻڌائيندو هلان تہ آمريڪا ۾ زير تعليم پاڪستاني ترقي پسند شاگردن طرفان ڪامريڊ ڄام کي آمريڪا جو دورو ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي هئي ۽ سندس ٽڪيٽ جو بندوبست پڻ ڪيو هو. ان کان سواءِ اٽلي، فرانس، ناروي، بيلجيم ۽ هالينڊ ۾ همدرد ساٿين ڪامريڊ جي دوري جو مڪمل بندوبست پڻ ڪيو هو. ڪامريڊ شير محمد جي رپورٽ موجب، فرانس جي ڪميونسٽ پارٽي تہ دعوت نامہ بہ ورهائي ڇڏيا هئا. پر ڪامريڊ پنهنجي ساٿين ۽ برادر پارٽين سان ٽيليفون تي ڳالهائيندي، ڪانئن معذرت گهري هئي.

اهڙي ريت ڪامريڊ ڄام جي يورپ واري سياسي دوري کي غور سان پڙهجي ٿو تہ ڏاڍي خوشي ٿئي ٿي، تہ منهنجي ديس جي سرخ سپاهين پنهنجو نالو جڳ جهان تائين پکيڙيو هو پر اتي هڪ پل لاءِ ماڻهو حيران ٿيو وڃي تہ جوين ۾ آيل سرخ انقلاب جا سپاهي ڏسندي ئي ڏسندي مايوسين ۽ گمنامين جي راهن ۾ گم ٿي ويا!!

ڪامريڊ يورپ مان محبتون ميڙي پنهنجي ديس پهتو تہ هتي هڪڙا ساٿي قومي سوال جو ڊنڊورو پٽيندي، سرخ هوائن کان پري هليا ويا هئا. ٻيا وري ابتو پنڌ ڪرڻ جو سوچي رهيا هئا. پارٽي جي مرڪزي ڪامريڊن عملي ڪم ڪرڻ کان ٽپ جواب ڏيئي ڇڏيو هو هر وقت تنقيد جي تيرن ذريعي هڪ ٻئي جا پير ڪڍڻ ۾ مصروف هئا. 1987ع جي توڙ ڦوڙ کانپوءِ وري 1989ع ۾ ڪامريڊ ڄام، ڪامريڊ جمال نقوي، ڊاڪٽر اعزاز نذير، ڪامريڊ امر لال ۽ ڪامريڊ علي حسن چانڊيو جي وچ ۾ لڳل سرد جنگ پارٽي جي بنيادن کي لوڏي ڇڏيو هو. آخرڪار گهر جي ڀاتين پاران لڳايل باهہ سموري گهر کي وڪوڙي ويئي هئي. ڪارڪن ويچارو پري کان ڏسندي رهجي ويو هو. 1990ع ڌاري پارٽي مڪمل موت جو پيالو پي چڪي هئي. اوچتو روس ۾ سالن کان هلندڙ ڇڪتاڻ سبب انقلاب جي خاتمي جي خبر ملي، تہ بچيل ڪامريڊن بہ پنهنجي سرخ آدرشن واري هڙ اچلائي ڊگهين گمنامين جي راهن ۾ رولي ويا. ڄڻ ڪجهہ هو ئي ڪونہ. عام ماڻهن کي 16 آڪٽوبر 1991ع تي اخبارن ۾ هڪڙي ننڍڙي خبر پڙهڻ لاءِ ملي تہ، "ڪامريڊ ڄام ساقي ڪميونسٽ پارٽي کان استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي آهي."

ائين ڪامريڊ ڄام ساقي جو 27 سالن کان سرخ سويرن ڏانهن هلڻ وارو پنڌ، پنهنجي منزل مقصود تي پهچڻ کان اڳ پڄاڻي تي پهتو.

***

سُرخ ماضيءَ سان آخري ملاقات

ڪنهن سوچيو ئي ڪونہ هو تہ آمر ايوب خان، آمر يحيٰ خان، ذوالفقار علي ڀٽي جي انڌي منڊي جمهوريت ۽ ايشيا جي ماڊل ڊڪٽيٽر جنرل ضياءُ الحق جهڙن داداگيرن سان ڏکيون ويڙهون ڪندڙ سائين سچل جنجهي جو پٽ ڄام جنجهي، اوچتو ئي اوچتو پنهنجي سرخ ماضي کان لاتعلقي ظاهر ڪري شهيد ڀٽي جي پنڪي جو جيالو بڻجي ويندو!!

جنهن کي فوجي جنرل نہ ٽوڙي سگهيا. ان فولادي ماڻهو پتنگن جيان پنهنجي وجود کي پاڻ ئي ساڙي، هڪ اهڙي راهہ ورتي، جتي سندس من ڪڏهن بہ مطمئن ڪونہ رهيو. ريگستاني ڪاهوڙي پنهنجي 27 سالن تي پکڙيل شاندار ۽ تاريخ ساز سرخ ماضي کي الوداع چئي، پهرين جمهوري تحريڪ نالي فورم ذريعي پاڻ کي ڪجهہ عرصو زنده رکيو پوءِ لڦن واري پيرن سان اکيون ڀوڳي اوير جي نياڻي جي دعوت تي پيپلز پارٽي ۾ شموليت اختيار ڪيائين. ڪيس خبر هئي تہ آئون جنهن پارٽي ۾ شامل ٿي ڪري رهيو آهيان، ان پارٽي جي سربراهہ محترمہ بينظير ڀٽو ڦاسي گهاٽ ۾ پنهنجي بابا سان ڪيل آخري ملاقات کي بہ وساري ڇڏيو آهي، هاڻي هوءَ اهي سياسي باب تحرير ڪري رهي آهي، جيڪي حبيب جالب کي پسند نہ آهن. جيڪي پيرين اگهاڙن جيالن جي ڦٽن تي لوڻ برڪڻ برابر آهن، پر ساقي صفا مدهوش ٿي چڪو

هو، هو سموريون ڳالهيون وساري چڪو هو.

ها! زبانون خاموش ڪرائيندڙ ساقي، اها بہ ڳالهہ وساري ويٺو هو تہ جن بہ پنهنجي لاجواب ماضي جو ساٿ ڇڏيو انهن کي مستقبل ڪڏهن بہ پناهہ نہ ڏني آهي، پر ماضي جي فولادي شخص سوچڻ ڇڏي ڏنو هو. هن ابتو پنڌ شروع ڪري ڇڏيو هو. پوءِ وقت ڪيس ڏاڍي بي رحمي سان ڏڪو ڏنو جو هو سيد عبدالله شاهہ جهڙي مڙيئي ماڻهو جو صلاحڪار ٿيو هو.

ڪٿي عبدالله شاهہ، ڪٿي ڄام ساقي!!

ماڻهو جڏهن اوچائين کان ڪِرندا آهن، تہ ذرا ذرا ٿي ويندا آهن. پنهنجو هوش حواس وڃائي ويهندا آهن. ڪجهہ ائين ئي ڪامريڊ ڄام ساقي سان ٿيو هو. هو سرخ ستارو بڻجي سياست جي آسمان تي چمڪيو هو ۽ ٽُٽل تاري جيان گهگهہ اونداهي ۾ گم ٿي ويو.

مون کي ياد ٿو پوي تہ يونيورسٽي جي پهرين يا ٻئي سال جي شروعاتي مهينن ۾ مون هڪ پراڻي ميگزين ”هفتيوار برسات“ اندر ڪامريڊ ڄام جو هڪ دلچسپ انداز ۾ ڏنل انٽرويو پڙهيو هو. ان انٽرويو مون کي بيحد متاثر ڪيو هو. منهنجي دل ۾ خواهش پيدا ٿي هئي تہ هن پراڻي ڪامريڊ سان ملاقات ڪجي. ان حوالي سان مون هڪ سينيئر ڪامريڊ دوست سان ذڪر بہ ڪيو تہ ان ايڏو سخت جواب ڏنو هو جو آئون ملاقات جي خواهش تان ئي هٿ ڪڻي ويس. هن ديس جي وڏي ۾ وڏي بدبختي اها بہ آهي، جو هتي ڪميونسٽ، ترقي پسند، جمهوريت پسند ۽ پورهيت دوست قومپرست سدائين پاڻ ۾ وڙهيا آهن. تڏهن تہ ديس لٽيندڙ هر ليٽرو عوام جي لتن، مُڪن ۽ ٺونشن کان بچي ويو.

خير، ڪافي سال گذري ويا. هڪ ڏينهن مون پنهنجي لائبريري ۾ پنا پئي اٿلايا، تہ ڊاڪٽر بختاور ڄام جو هڪڙو مضمون نظر مان

گذريو. مضمون پڙهڻ کان پوءِ پتو پيو. تہ اجا ڪامريڊ ساقي پنهنجي پراڻي ويڙهہ واري ريت ناهي ڇڏي اڄ بہ ڪو پورهيت سڏ ڪندو آهي، ڪا دانهن ٻڌندو آهي. تہ هو هلي ويندو آهي. وٽس پورهيت دل اجا سلامت آهي. بختاور چانڊيو جي مضمون ۾ پورهيت سرير جي تازي هڪڙي ڪيل ويڙهہ جو ذڪر ڪجهہ هن ريت هو تہ ڪامريڊ جام 2005ع ۾ انساني حقن جي هڪ سماجي تنظيم جي ٽيم سان گڏ انساني توهين جي هڪ واقعي جي سلسلي ۾ تفصيل وٺڻ لاءِ ارباب غلام رحيم جي ڳوٺ ويو تہ وڏي وزير جي ڪرسي تي ويهاريل ارباب مٿس مڇرجي پيو ۽ پنهنجي "آقائن" جي پيروي ڪندي، ڪامريڊ تي "ڪوڙن ڪيسن" جي برسات وسائي ڇڏي هئي.

ڪيٽلاري جي ارباب گدڙپٽي جو مظاهرو ڪندي، ريگستاني ڪاهوڙي تي ٻڪري جي چوري کان سواءِ باقي سمورا نام نهاد سرڪاري قلم، جن ۾ ڌماڪيدار مادو رکڻ، چوري، اغوا ۽ جعلي ٽڪيٽون وڪڻڻ جا قلم لاڳو ڪرائي، سندس گهر تي پوليس حملو ڪرايو هو. وردي وارن غنڊن کي جام ساقي نہ مليو پر هنن سندس گهر واري آپا اختر سلطانہ کي گرفتار ڪري، ڏهہ ڏينهن لاڪپ ۾ بند ڪري ڇڏيو هو.

ڪامريڊ روپوش ٿي چڪو هو نيٺ سنڌ سميت پوري پاڪستان مان ترقي پسند سياستدانن، دانشورن، اديبن، صحافين ۽ انساني حقن جي نمائندن جي شديد دٻاءُ سبب حڪومت ڪمزور ٿي ۽ عدالت ڪوڙا ڪيس ختم ڪري، ڪيس "باعزت بري" ڪيو هو.

هن مضمون پڙهڻ کانپوءِ دل ۾ موجود پراڻي الفت جاڳي پئي هئي، دل ييهر چيو تہ ٿر جي ڳوٺ جنجهي کان ڇاڇرو ڇاڇري کان حيدرآباد ۽ حيدرآباد کان پوري اڌ دنيا ۾ پنهنجو نالو پکيڙي گمنام ٿي ويل ريگستاني ماڻهو سان ڪا قرب ڪچهري ڪجي، پر هر دفعي سفر اڌ ۾ رهيو. نيٺ هڪ ڏينهن ڪامريڊ ايشور لال سوجاڻي جي فليٽ تي ويٺ

هئس، اوچتو ايشور کي چيم: ”ڪامريڊ! هلو سرخ ماضي سان ملاقات ڪري اچون؟“

ايشور يڪدم چيو: ”ڪامريڊ ڄام ساقي سان؟“

منهنجو هائو چوڻ، ايشور تڪڙ ۾ چيو: ”هلو ٿي اچون. ٻڌو آهي ته سخت بيمار آهي، ايترو ڪامريڊ جو حق آهي.“

ايشور ڪامريڊ ڄام جي پٽ سارنگ ڄام جو نمبر ڊائل ڪيو ۽ کيس ٻڌايو ته اسان ڪامريڊ سان ملاقات ڪرڻ لاءِ اچي رهيا آهيون. رستي ۾ ايشور جي دل چڪي ڪاڍي، ته هڪڙو غريباڻو گلدستو وٺي هلون. گلدستو وٺي، اسان سومرا هوٽل نسيم نگر حيدرآباد وٽ سارنگ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. هو انتهائي قرب سان مليو. هاڻي اسان ماضي جي ان ڪردار سان ملڻ لاءِ وڃي رهيا هئاسين، جيڪو جڏهن تقرير لاءِ اٿندو هو ته سڄو پنڊال بيهي، هن ڪاهوڙي جي آجيان ڪندو هو. هن جون تصويرون ڪارڪنن جي پرسن ۾ هونديون هيون. هن جو نالو ماسڪو تائين هو.

ماضي جي ساقي جي گهر جي گيٽ وٽ پهتاسين، ته مون هڪڙي سرسري نظر ساقي جي گهر جي گهٽيءَ تي ڦيرائي، اوچتو هڪڙو خيال ذهن تي تري آيو ته، ”هن گهٽيءَ ۾ آباد خوبصورت گهرن ۾ موجود فردن کي خبر هوندي ته هن گهٽيءَ ۾ هڪڙو شخص رهي ٿو. جيڪو ڪنهن دور ۾ پيرين اگهاڙن، بي سهارن ۽ يرغمال ماڻهن جي آزادي لاءِ پنهنجو جوان وجود ارپيندڙ شخص هو جيڪو سرخ آسمان جو تارو هو جنهن جي نالي کان وقت جا فرعون به واقف هئا. ته هو اسان جو دشمن آهي.....!!“

پل ۾ خيال آيو، لهي ويو. اسان گيٽ ڪراس ڪري هڪڙي ننڍڙي ڪمري ۾ آياسين. جتي هڪڙي ڪٽ ۽ پراڻو صوفا سيٽ پيل هو. ويهڻ سان منهنجي نظر ديوار تي ٽنگيل وينزويلا جي عظيم

سوشلسٽ ليڊر هوگو شاويز جي تصوير تي پئي ۽ آئون مسلسل ڪمري کي ڏسي رهيو هئس. مون ڪمري مان ئي اندازو لڳائي ورتو هو ته ڪامريڊ انتهائي محدود ۽ معاشي طور ڪمزور زندگي گذاري رهيو آهي. اڃا ڪامريڊ سان ملاقات نه ٿي هئي. سارنگ، آئون ۽ ايشور ڪمري ۾ موجود هئاسين. سارنگ چئي رهيو هو ته، هي ننڍڙو گهر ڏاڍي جو ورتل آهي. سارنگ مسلسل پنهنجي ڏکن جون ڪهاڻيون ٻڌائي رهيو هو. هو انهن سمورن ماڻهن پاران پيدا ڪيل شور ڪي، فقط ساڙ بغض ۽ پراڻو وير چئي رهيو هو جن جو خيال آهي ته ڪامريڊ ڄام ساقي پنهنجي سرخ آدرشن کان منهن موڙي، وڃي پيپلز پارٽي ۾ موجون ماڻيون آهن. هو ته اها به ڳالهه ڪري رهيو هو ته، "مال ناهڻ پري، پر اسان جي گهر ۾ ڪو ننڍڙو ينڊالڙو به ڪونهي...... ايترو زر ڪونهي، جو ڪنهن موچاري شفا گهر مان بابا جو علاج ڪرايون." هونئن به منافق ۽ بغض خور ماڻهن جي ڪوڙين ڳالهين کي رد ڪرڻ لاءِ ڪامريڊ ڄام جو ننڍڙو گهر ثبوت لاءِ ڪافي آهي.

ڪچهري جاري هئي. اوچتو هڪڙي ننڍڙي ٻارڙي سڏ ڪيو. سارنگ چند منٽن لاءِ ڪمري کان ٻاهر نڪري ويو. واپس ايندي چيائين: "اچو ڪامريڊ." اسان ير واري ڪمري ۾ داخل ٿياسين. منهنجي نظر ويل چيئر تي ويٺل هڪ ضعيف شخص تي پئي. تيزي سان اڳتي وڌي، مون ڪيس هٿ ڏنو پر آئون ڏکهي خيالن ۾ ٻڏي چڪو هئس.

چند لمحن لاءِ ذهن اها ڳالهه مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو ته هي ضعيف شخص، اهو ئي ڪامريڊ آهي، جنهن کي صدي جي وڏي شاعر شيخ اياز ميڪسم گورڪي جي ماءُ ناول جي ڪردار پاويل سان ڀيٽيو هو. منهنجو ذهن اڃا بيچين هو. مون ٻيهر ڪيس چتائي ڏٺو ته مون کي سندس چهري مان اهو ئي ساقي ڏسڻ ۾ آيو جيڪو جڻ اڄ

بہ تارچر سيل ۾ بند هجي. هوئنئن بہ تارچر سيل ۾ ماڻهو جو ظاهري وجود ڪنهن مرجهايل گل جيان هوندو آهي، باقي سوچ ۽ خوشبو کي قيد ڪرڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهہ ڪونهي.

منهنجون اکيون ويل چيئر تي پيل سرخ ماضي جي لاوارث ڪتاب تي اٽڪيل هيون، هو نماڻين اکين سان اسان کي ڏسي رهيو هو. ڪمري ۾ ڏکهي سانت واري ڪيفيت هئي. اسان پڳل صوفا سيٽ تي ويٺا هئاسين. ورانڊي ۾ پيل سامان ٽڙ پکڙيل هو. گلدستو ٽيبل تي پيل ٿي رهيو. ذهن مڪمل طور هن ڳالهہ تي بيهي رهيو هو تہ اسان جنم قيد جي سزا آيل ضمير جي قيدي سان ملاقات ڪرڻ لاءِ آيا آهيون، نہ ڪي پيپلز پارٽي جي ڪنهن دور ۾ رهندڙ اڳواڻ سان.

منهنجي ذهن جي نوٽ بوڪ تي موجود سمورن سوالن، اظهار ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. پراڻا سوال مري چڪا هئا. نوان سوال جنم وٺي رهيا هئا. پر سوال پڇڻ کان سواءِ ويل چيئر تي پيل سرخ ماضي جو ضعيف تي ويل چهرو هر سوال جو جواب ڏيئي رهيو هو. سو ڪنهن ڏکهي تفتيش جي ضرورت نہ پئي.

اوچتو ايشور اٿيو. گلدستو کڻي ڪامريڊ کي پيش ڪيائين، مون بہ هٿ وڌايو. سارنگ ڪجهہ تصويرون ڪڍيون. هاڻي مون محسوس ڪيو تہ ڪامريڊ جي چهري تي ڪجهہ تازگي محسوس ٿيڻ لڳي هئي. هو پنهنجي ڏکي زندگي کي قبول ڪري رهيو هو ائين جيئن ماضي ۾ هو پنهنجي ديس ۽ قوم جي آجپي لاءِ بي پناهہ ذهني تورڙي جسماني اذيتن ۽ عقوبتن کي خوشي سان قبول ڪندو هو.

حقيقت پڇيو تہ هي ضمير جا قيدي بہ عجيب قيدي هوندا آهن. جڳ مشهور صحافڻ اوريانا فلاسيءَ جڏهن انٽرويو لاءِ تازو تارچر سيل مان نڪتل يونان جي عظيم ڪميونسٽ اڳواڻ اليگزينڊر پيناگولس جي گهر پهتي هئي، تہ هن زخمي وجود کان هڪ هي سوال بہ ڪيو هو

تہ ”ڪامريڊ! جهنم ڪان ٻاهر اچي بہ، توهان جي چهري تي خوشي نظر نہ پئي اچي؟“

پيناگولس جواب ڏنو هو: ”جيل ڪان ٻاهر اچي، وڌيڪ ڏکويل محسوس ڪريان ٿو.“

ساڳي ريت صحراءِ ٿر جي ساقي! پلي پنهنجي سرخ سويرن ڏانهن هلڻ واري پنڌ کان منهن موڙي، هڪ نئين واٽ ورتي، پر سندس اُجايل سرير اُجايل ئي رهيو. هن زر سان سنگت نہ رکي، هو مسلسل هڪ ڏکهي پيڙاهہ هيٺ رهيو ۽ اڄ سندس وجود ويل چيئر تي پيل آهي.

هو ڏس پراڻا ڪامريڊ! ڪيڏن ڪشادن گهرن ۾ رهن ٿا، پنهنجي گاڏي وارا ٿي ويا آهن، پر هاءِ ساقي اڄ بہ ضمير جو قيدي!!

اڄ ڪامريڊ ساقي ويل چيئر تي پچري نما گهر ۾ زندگي جا ڏينهن گذاري رهيو آهي. آئون مسلسل ڪامريڊ کي ائين تڪي رهيو هئس، جيئن اڪثر هندوستان جي عظيم آرٽسٽ سائين محمد حسين جي پينٽنگس کي تڪيندو رهندو آهيان. ساقي بہ هاڻي هڪ اهڙو پورٽريٽ بڻجي چڪو آهي، جنهن جي چهري تي انيڪ ڪيفيتون نهنديون ۽ ڍهنديون رهنديون آهن. آئون اڃا سندس چهري تان 27 سالن جي سرخ تاريخ کي پڙهي رهيو هئس، تہ ڪامريڊ ڪنهن پوڙهي شينهن جيان پنهنجي گجگوڙ ڪندڙ آواز ۾ چوڻ لڳو: ”آئون توهان جو پنهنجو ساقي آهيان...... اڃا بہ پورهيت نصب العين تي بيٺل آهيان، اڄ بہ اها خواهش آهي تہ ڪو ٻار پيرين اگهاڙو نہ هجي.“

هو وڌيڪ نہ ڪڇيو ڏوراپي واري هڪڙي نگاهہ اڇلائي، سارنگ کان پاڻي طلب ڪيائين. مون کي اندر ئي اندر ۾ پرپور احساس ٿيو تہ اسان پنهنجي پرپور سرخ ماضي کي وساري ڇڏيو آهي. ساقي سان سوين شڪايتون هجن، پر 1963ع کان 1990ع وارو ساقي سانڍڻ ۾

اتساهہ ونڻ جهڙو ڪردار آهي. هو هڪ اهڙو ڪردار آهي، جيڪو مرجهايل چهرن ۾ حوصلو پيدا ڪرڻ واري سگهہ رکي ٿو. هن جي سرخ ماضي کي ڏسي، اتساهہ وٺي سگهجي ٿو. هن جي حال کي ڏسي، سبق وٺي سگهجي ٿو تہ جن بہ ماڻهن پنهنجي آدرشن سان بي وفائي ڪئي، اهي بي رحم تاريخ جو شڪار ٿي ويا. اڄ جيڪڏهن تاريخ جي قاتل ورقن ۾ ڪامريڊ ساقي محفوظ آهي، تہ اهو سندس باضمير ماضي آهي، جنهن جي روشني ساقي جي مئخاني کي آباد ڪري ويئي آهي. منهنجي خيال ۾ ڪامريڊ ساقي جا ڏکيا پنڌ تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ ٿي چڪا آهن. انهن کي ڪوبہ منافق مٽائي نٿو سگهي. البتہ ساقي جون بي وفايون، ڪنهن ڀيانڪ سپني جيان سندس شخصيت کي متاثر ڪنديون رهنديون.

مختصر ملاقات کان پوءِ اسان ڪامريڊ کان موڪلائي روانا ٿياسين، پر هڪڙو احساس منهنجي ذهن کي هر وقت زخمي ڪندو رهيو تہ اسان پنهنجو پلوڙ سرخ ماضي وساري ڇڏيو آهي. اهو ماضي، جيڪو نئين نسل جي فخر، تجسس ۽ اتساهہ جي لاءِ هڪڙو بهترين نمونو ۽ انمول باب آهي. اهو ماضي، جيڪو اسان جي ديس جي سونهن ۽ خوشبو آهي.

❊❊❊

سليم جمالي سان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شاگرديءَ واري زماني کان سنگت وارو سڀنڌ آهي، انهن الهڙ جوانيءَ جي ڏينهن ۾ ساڻس رات دير تائين ڪينٽينن ۽ هاسٽل جي ڇت تي سياست، ادب ۽ سماج جي مختلف موضوعن تي وڏا بحث مباحثا ٿيندا هئا. هن رولاڪ راهن تي رمندڙ مسافر جا پنهنجا گهوڙا ۽ پنهنجا ميدان آهن. هن جي وجود جي مٽي جديد روشن خيال ۽ ترقي پسند فڪر سان ڳوهيل آهي. سليم پنهنجي آدرشي، غير روايتي ۽ حقيقت پسندانه اپروچ سبب هن مصلحت پسند، منافق ۽ ڀهروپي سماج ۾ اَن فِٽ، اوپرو ۽ اڪيلو ضرور آهي، پر هن جي لکڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ انقلابي جذبو ۽ جنبش ساڳئي آهي.

ڪامريڊ سليم پنهنجي جوهر ۾ مڪمل غير معمولي ۽ غير روايتي ليکڪ آهي، سندس لکڻين ۾ سچ ۽ مچ مچائڻ جي ڳالهه آهي، پوءِ ڪٿي ڪنهن کي زهر لڳن ۽ ڪنهن کي مٺس بي پناهه پيار ايندو هجي. هو پنهنجي ارڏائپ تي اٽل هوندو آهي، اهو ئي سبب آهي ته ڪامريڊ سليم جهڙا ئي بيباڪ ۽ ڪرا ڪردار ڀهروپيت کي ايڪسپوز ڪرڻ جي جرئت ڪندا آهن.

بهرحال سليم وٽ سياسي ۽ سماجي تاريخ جو تمام ڳوڙهو مطالعو ۽ زبردست تنقيدي شعور سبب هن جي لکڻ جا موضوع بلڪل منفرد ۽ هن نام نهاد اخلاقيات جي ماريل معاشري جا اڻ ڇهيل پهلو پڻ رهيا آهن. هي جديد دور جي علمي ۽ ادبي تقاضائن موجب رڳو تخليقي صلاحيتن تي نٿو ياڙي، پر هن جون لکڻيون تخليق ۽ تنقيد سان گڏوگڏ بي مثال تحقيق سان ٽمٽار هونديون آهن. ساڳي ريت هن ڪنواري ڪميونسٽ ڪامريڊ جي هٿ ۾ رڳو طبقاتي جدوجهد جو عَلَم نه آ، پر هو ڌرتي سان پريت جي ريت به پاري ٿو.

سو ان پريت کي پاريندي ڪامريڊ سليم جمالي هن ڪتاب ۾ جتي شاندار سرخ ماضي کي تحرير ڪيو آهي، اتي تاريخ جا ڦاٽل باب پڻ محفوظ ڪيا آهن، جيڪي ڪيترن پيداگيرن کي هضم ڪونه ٿيندا، پر هن بي پرواهه شخص کي ڪير سمجهائي!!

هنسراج 'هنس' اوڏ
ليڪچرر
(سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو)